آزمائشي اشاعت

# اسلاميات

## (لازمي)

### يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس لاءِ

(نئين نصاب مطابق)

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

ڇپيندڙ

سيئي حقَ ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو وٽ محفوظ آهن.

تيار ڪندڙ: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو
منظور ٿيل: صوبائي محڪمہ تعليم و خواندگي ، حڪومت سنڌ
مراسلہ نمبر: سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي
نمبر SELD/HCW/18/2018، مورخ: 04-07-2023 ۔
سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ اسلاميات جو واحد درسي ڪتاب
ڪتابن جي چڪاسڻ جي صوبائي ڪميٽي ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ،
ڄامشورو جو چڪاسيل

نگرانِ اعلىٰ: آغا سهيل احمد ( چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ)

نگران: عبدالباقي ادريس السندي

ليکڪ:
- پروفيسر ڊاڪٽر عزيز الرحمٰن سيفي
- ڊاڪٽر مختيار احمد ڪانڌڙو
- مولانا حزب الله آءِ. سومرو
- مولانا نياز احمد راڄپر

صوبائي جائزہ ڪميٽي

- پروفيسر ڊاڪٽر ثناء الله ڀٽو
- پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ڪورائي
- مولانا عبدالحڪيم پناڻ
- پروفيسر مس تحسين ڪوثر انصاري
- ڊاڪٽر حافظ عبدالوهاب منگريو
- پروفيسر سيد شهاب الدين شاھ
- حافظ محمد يوسف پنيرو
- پروفيسر علي مراد چانڊيو

ڪمپوزنگ، لي آئوٽ ۽ ڊزائينگ: نويد علي شاھ ۽ ٽيم (حسيني ڪمپوزنگ، حيدرآباد)

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| **باب پهريون: (الف) القرآن الڪريم** | |
| 1. قرآن مجيد جو تعارف | 1 |
| 2. وحي جو مفهوم ۽ ان جون صورتون | 6 |
| 3. جمع ۽ تدوينِ قرآن مجيد | 9 |
| **باب پهريون: (ب) چونڊ آيتون (ترجمو ۽ سمجهاڻي)** | |
| 1. سورة البقره: آيتون 1 کان 39 تائين | 13 |
| 2. سورة الانفال: مڪمل | 32 |
| **باب ٻيو: (الف) الحديث** | |
| 1. حديث جي حفاظت، تدوين ۽ حجيت | 74 |
| **باب ٻيو: (ب) چونڊ حديثون (ترجمو ۽ سمجهاڻي)** | |
| حديث 1 کان 20 | 82 |
| **باب ٽيون: موضوعاتي مطالعو** | |
| **(الف) ايمانيات** | 96 |
| 1. توحيد جو عقيدو | 97 |
| 2. رسالت جو عقيدو | 102 |
| 3. ملائڪن تي ايمان آڻڻ | 107 |
| 4. آخرت جو عقيدو | 110 |
| 5. الهامي ڪتابن تي ايمان آڻڻ | 114 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| (ب) عبادتون | 117 |
| 1. نماز | 118 |
| 2. زڪوات | 121 |
| 3. روزو | 125 |
| 4. حج | 128 |
| (ج) سيرت طيبه / اسوه حسنه | 132 |
| 1. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت رحمة للعالمين | 133 |
| 2. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت معلم ۽ مربي، منتظم، سپهه سالار ۽ منصِف | 140 |
| (د) اخلاق ۽ ادب | 146 |
| 1. صبر ۽ استقامت | 147 |
| 2. عفو ۽ درگذر ڪرڻ | 151 |
| 3. عدل ۽ انصاف | 154 |
| 4. اسلامي اخوت | 158 |
| 5. حقوق العباد | 161 |
| 6. عورتن جا حق | 164 |
| 7. مسلمانن جو باهمي اتحاد | 167 |
| باب چوٿون: هدايت جا سرچشما ۽ مشاهير اسلام | |
| 1. حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه | 170 |
| 2. حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليه | 174 |
| 3. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه | 178 |
| 4. حضرت امام محمد بن ادريس شافعي رحمة الله عليه | 181 |
| 5. حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه | 184 |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

باب پهريون
(الف)

# القرآن الكريم

## 1 قرآن مجيد جو تعارف

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- ❖ قرآن مجيد جي تعريف ۽ اصطلاحي مفهوم ڄاڻي ٻُڌائي سگهندا.
- ❖ قرآن مجيد جا چونڊ نالا، معنيٰ ۽ وضاحت سان سمجهي ٻُڌائي سگهندا.
- ❖ قرآن مجيد جي تعليم ۽ ان جا اثر سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ قرآن مجيد جي معجزن کي جديد سائنس جي روشنيءَ ۾ سمجهي بيان ڪري سگهندا.

**قرآن جي وصف:** لفظ قرآن 'قَرَاَ' مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ 'پڙهڻ' آهي، ان لحاظ کان قرآن جي لفظي معنيٰ آهي 'پڙهڻ' يا 'اهو ڪتاب جيڪو وري وري پڙهيو وڃي'.

اصطلاح ۾ ڪلام پاڪ جا عربي لفظ جيڪي پنهنجي حقيقي مفهوم سميت الله تعاليٰ طرفان حضرت جبرائيل عليه السلام ذريعي حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ (حضرت محمد الله تعاليٰ جو رسول، آخري نبي آهي، سندن ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڳورن رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعاليٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي.) تي نازل ٿيا ۽ مصحف ۾ محفوظ ڪيا ويا اهي 'قرآن' سڏجن ٿا.

قرآن مجيد ۾ سموري انسانيت جي فلاح ۽ ڀلائيءَ جي رهنمائيءَ لاءِ مڪمل هدايت موجود آهي. جيڪو انسانن جي عقيدن، عبادتن، معاشرت، اخلاقيات، معاملات توڙي سياست بابت اصول ۽ احڪام سيکاري ٿو. جيڪو اڳين سڀني الهامي ڪتابن جو تَتُ ۽ خاتمو آهي ۽ قرآن مجيد ئي قيامت تائين انساني هدايت جو آخري دستور آهي.

**قرآن مجيد جا چونڊ نالا ۽ انهن جو مفهوم:** قرآن مجيد جو ذاتي نالو 'القرآن' آهي. ان کان سواءِ سندس جيڪي صفاتي نالا مشهور آهن تن مان ڪجهه هيٺ ڏنل آهن:

- **الڪتاب (خاص ڪتاب):** قرآن مجيد جيئن ته اهم بنيادي شين تي مشتمل آهي. جهڙوڪ: اڳين قومن جا واقعا، عبرت ۽ نصيحت پريا قِصا ۽ شرعي احڪام وغيره.
- **القرآن (بار بار پڙهجندڙ):** 'القرآن' قرآن مجيد جو ذاتي نالو آهي جنهن جي معنىٰ 'بار بار پڙهيو ويندڙ ڪتاب' آهي.
- **الفرقان (فرق ڪندڙ):** قرآن مجيد حق ۽ باطل، مسلمان، ڪافر ۽ منافق جو فرق بيان ڪري ٿو.
- **الذڪر (نصيحت):** قرآن مجيد نصيحت ۽ خيرخواهي سان گڏوگڏ الله تعالىٰ جي عذاب کان ڊيڄاريندڙ ڪتاب آهي.
- **التنزيل (نازل ڪيل):** جيئن ته قرآن مجيد حضرت جبرائيل عليه السلام ذريعي مرحلي وار نازل ٿيو، تنهنڪري ان کي 'تنزيل' چيو وڃي ٿو.
- **النور (روشني):** قرآن مجيد گمراهيءَ ۾ ٻُڏل، هدايت تلاش ڪندڙ ماڻهن کي روشني ڏئي سنئين واٽ لائي ٿو ۽ گڏوگڏ حق ۽ سچ تي روشني وِجهي ٿو.
- **الشفاء (چڱ ڀلائي ڏيندڙ):** قرآن مجيد جسماني توڙي سيني روحاني بيمارين جهڙوڪ: ڪفر، نفاق، جهالت، حسد لاءِ شفاء آهي.
- **التذڪرة (يادگيرو ڏياريندڙ):** قرآن مجيد نيڪ ۽ برن ماڻهن جي انجام جا قصا ٻڌائي ٿو ۽ جنت جون نعمتون ۽ جهنم جا عذاب ياد ڏياري ٿو.
- **العلم (ڄاڻ ڏيندڙ):** قرآن مجيد علم ۽ معرفت جو خزانو آهي.
- **البيان (وضاحت ڪندڙ):** قرآن مجيد هر دنيوي ۽ اخروي معاملات بابت وضاحت ڪري ٿو.

**قرآن مجيد جي تعليمات ۽ ان جا اثرات:** قرآن مجيد جي تعليمات کي پنجن عنوانن ۾ ورهايو آهي. جيڪي هن ريت آهن: 1. احڪام، 2. اسلام مخالف گروهن (يهودي، نصارىٰ، صابي، ۽ مشرڪ) جا اسلام جي عقائد ۽ احڪام متعلق اعتراض ۽ انهن جا جواب، 3. الله تعالىٰ جي نعمتن جو بيان، 4. اڳين قومن جي روين ۽ انهن جي انجامن جو بيان، 5. موت ۽ ان کان بعد جي حالات جو بيان.

انهن ۾ احڪام وارو عنوان بنيادي ۽ اهم موضوع آهي، جيڪو سِڌو سنئون انساني رهڻي ڪهڻي سان تعلق رکي ٿو. حلال، حرام، جائز، ناجائز، فرض ۽ واجب اهي سڀ احڪام ۾ شمار ٿين ٿا جيڪي انسان کان ٿيندڙ عملن، عقيدن، عبادتن، معاملن، رهڻي ڪهڻي ۽

اخلاقيات وغيره تي شامل آهن. قرآن مجيد جي تعليمات انهن موضوعن بابت ئي انسان جي رهنمائي ڪري ٿي.

قرآن مجيد جي تعليمات جو عملي مظاهرو ان جي نزول وقت ئي ظاهر ٿيو جو تمام ٿورڙي عرصي ۾ اتان جو سماج قرآني تعليم جي بدولت جهالت، ظلم، بدامني، بداعتقادي توڙي بي مروتي جي ڏُنڀ مان آجو ٿي سماجي انصاف، امن ۽ سڪون، سچائي، ايمان داري ۽ ماڻهپي جي منزل تائين رسيو. بُتن جي اڳيان جهڪڻ وارا الله وحده لا شريڪ له جا مجيندڙ بڻجي ويا ۽ انسانيت جا دشمن، سڄڻ ۽ خيرخواهہ بڻجي پيا. سماج کي ستائڻ وارا ماڻهو ضرورتمندن کي سڏي ساڻن مهربانيون ڪرڻ لڳا، جڏهن تہ گمراهي جي اونداهين ۾ ڀٽڪيل ماڻهو قرآن مجيد جي تعليمات مان فائدا حاصل ڪري ٻين جا رهبر بڻجي ويا.

قرآن مجيد انسان جي مڪمل رهنمائي ڪري ٿو. قرآن مجيد جي مطابق زندگي گذارڻ سان انسان ذات ۽ سماج مٿان هيٺئين ريت قرآني تعليمات پنهنجا اثرات وِجهي ٿي:

- مضبوط عقيدي رکڻ ۽ لازم ٿيل عبادتن جي پابنديءَ سان انسان ۾ وقت جي اهميت، بندگيءَ جو شعور، الله تعاليٰ سامهون عاجزي ۽ انڪساري، انساني برابري، هڪ ٻئي سان همدردي توڙي هڏڏوکي ٿيڻ جهڙا گُڻ پيدا ٿين ٿا.
- ڏيتي ليتي ۾ حلال ۽ حرام، جائز ۽ ناجائز جو ڌيان رکڻ سان معاملن ۾ سهولت، دلي سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿئي ٿو. معاشرو هر قسم جي بدنظمي ۽ بد تهذيبي کان محفوظ رهي ٿو.
- قرآن مجيد جي ڏنل هدايتن مطابق قائم ڪيل سماجي تعلق مضبوط، پائيدار ۽ ڀائپيءَ واري تعلق سان لاڳاپيل هوندا آهن ۽ والدين، مٽن مائٽن، اوڙي پاڙي، دوستن ۽ گهر ٻار سان وٽندڙ روين ذريعي ذهني سڪون ۽ مستقبل لاءِ دُرست فيصلي ڪرڻ جو حوصلو ملندو آهي.
- قرآن مجيد جي تعليم مطابق بُرين ڳالهين کان بچڻ ۽ چڱاين کي اختيار ڪرڻ سان انسان ۾ خوداعتمادي، انسانيت جي احترام ڪرڻ ۽ پاڻ کي باڪردار بنائڻ جي توفيق ملندي آهي. چڱائيءَ کي چڱو چوڻ سان سان گڏوگڏ برائيءَ کي برو سمجهڻ سان سماج بهتريءَ طرف وڌي ٿو.

**قرآن مجيد جا معجزا ۽ جديد سائنس:** قرآن مجيد پنهنجي اعجاز، جامع اندازِ بيان ۽ حق جي پيغام هجڻ جي اعتبار سان انسانن لاءِ معجزو آهي. قرآن مجيد جي ڪيترين ئي آيتن ۾ سائنسي

حقيقتون نهايت جامع ۽ واضح نموني بيان ٿيل آهن جن کي جديد دَور جي تحقيق، کوجنا ۽ ٽيڪنالاجي جي مدد سان معلوم ڪيو ويو آهي.

- **مرج البحرين وارو معجزو:** ساموندي علم ۽ پاڻي تي تحقيق ڪندڙ ماهرن معلوم ڪيو آهي تہ کاري ۽ مِٺي پاڻيءَ جي هڪ ٻئي سان ملڻ باوجود پاڻ ۾ نہ گڏجڻ جو سبب ’پاڻيءَ جي سطح واري خاصيت‘ (Surface tension) آهي. جنهن ڪري درياءَ ۽ سمنڊ جو پاڻي پاڻ ۾ نہ ٿو ملي. ٻنهي قسمن جا پاڻي گهاٽائي سبب جُدا جُدا وهندا رهن ٿا. قرآن مجيد ان ڳالهہ کي هن ريت بيان ڪيو آهي. **ترجمو:** ٻن دريائن (کاري ۽ مٺي) کي وهايائين جو پاڻ ۾ گڏجي وهن ٿا. انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اوٽ آهي جو هڪ ٻئي تي زيادتي نہ ٿا ڪن. (سورة الرحمٰن: آيت 19-20)
- **ڪائنات ڦهلجندي رهي ٿي:** ويهين صدي عيسويءَ جي شروعات تائين ڪائنات بابت سائنسدانن جو تصور هو تہ ’ڪائنات هڪ خاص بناوت رکي ٿي ۽ ازل کان موجود آهي.‘ پر 1929ع ۾ مشاهداتي طور هيءَ ڳالهہ پڌري ٿي تہ ستارا ۽ کير ڌارائون (Milky waves) مسلسل هڪ ٻئي کان پري ٿيندا رهن ٿا. جيڪا ڳالهہ ڪائنات جي مسلسل ڦهلجڻ جي حقيقت کي ثابت ڪري ٿي، جڏهن تہ قرآن مجيد ڪيترا سؤ سال پهرئين اها ڳالهہ هن انداز سان بيان ڪري ڇڏي آهي. **ترجمو:** ۽ آسمان کي (پنهنجيءَ) قوت سان بڻايوسون ۽ بيشڪ اسين (ان کي) وسعت ڏيون ٿا. (سورة الذاريات: آيت 47)
- **آ ڱرين جي پورن جا نشان (فنگر پرنٽ):** دنيا ۾ هر انسان ايستائين جو جاڙن ٻارن جي آڱرين جا نشان بہ جُدا جُدا هوندا آهن يعني ماڻهن جي سُڃاڻپ سندن آڱرين تي نهيل مخفي بولي (ڪوڊ) ۾ محفوظ ٿيل آهي. سائنسدانن اها ڳالهہ اٽويهين صدي عيسويءَ ۾ معلوم ڪئي. جڏهن تہ قرآن مجيد صديون پهرئين ان جي وضاحت ڪري چڪو آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي: **ترجمو:** انسان ڀائيندو آهي ڇا تہ سندس هڏا ڪڏهن گڏ نہ ڪنداسون. هائو! سندس آڱرين جي پورن جي سڌي ڪرڻ تي وَسَ وارا آهيون. (سورة القيامة: آيت 3-4).

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. قرآن مجيد جي تعليمات ۽ ان جا اثرات لکو.
2. قرآن مجيد جا معجزا جديد سائنس جي روشنيءَ ۾ وضاحت ڪريو.
3. قرآن مجيد جي معجزن بابت اوهين وڌيڪ ڇا ٿا ڄاڻو؟

(ب) **هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. قرآن مجيد جي لغوي ۽ اصطلاحي معنىٰ ڇا آهي؟
2. قرآن مجيد جا ڪي بہ پنج صفاتي نالا ۽ انهن جو مفهوم لکو؟

(ج) **دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. لفظ 'قرآن' جي معنىٰ آهي:

(الف) پڙهڻ (ب) ٻڌڻ
(ج) لکڻ (د) ڳالهائڻ

2. 'الفرقان' جي لفظي معنىٰ آهي:

(الف) خاص ڪتاب (ب) فرق ڪندڙ
(ج) وضاحت ڪندڙ (د) نازل ڪيل

**استادن لاءِ هدايتون**

سبق ۾ ذڪر ٿيل قرآني معجزن کان علاوه ٻين معجزن بابت شاگردن کي ڄاڻ ڏني وڃي.

## 2 وحي جو مفهوم ۽ ان جون صورتون

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- ❖ وحي جي لغوي ۽ اصطلاحي مفهوم کان واقف ٿي بيان ڪري سگھندا.
- ❖ وحي جي قسمن (وحي جلي، وحي خفي) ۽ وحي جي ضرورت ۽ اهميت کان واقف ٿي بيان ڪري سگھندا.
- ❖ وحي جون صورتون ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.

**وحي جو مفهوم:** وحي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي لفظي معنىٰ آهي ماٺ ميٺ يا ڳجهي نموني دل ۾ ڪا ڳالھ وجهڻ، اشارو ڪرڻ. شرعي اصطلاح ۾ وحي مان مراد اهو پيغام آهي جيڪو الله تعاليٰ انسانن جي رهنمائيءَ لاءِ پيغمبرن سڳورن عليهم السلام تائين پهچايو.

**وحي جي اهميت:** وحي علم جي ذريعن مان هڪ ذريعو آهي، وحي جي ذريعي حاصل ٿيل علم يقيني هوندو آهي. سيني پيغمبرن سڳورن عليهم السلام الله تعاليٰ طرفان پهتل اهو پيغام پنهنجي اُمت تائين امانت سان پهچايو ۽ نبوت جي ذميداري نڀائي. آخري پيغمبر حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيل وحي قرآن مجيد جي صورت ۾ اسان وٽ اڄ بہ موجود آهي ۽ قيامت تائين موجود رهندي ۽ جيئن تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سڀ کان آخري نبي آهن ان ڪري وحي ۽ نبوت جو دروازو بہ بند ٿي چڪو آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪوبہ شخص مٿس وحي جي نازل ٿيڻ يا نبوت جي دعوىٰ ڪندو تہ اهو دعويدار ڪُوڙو ۽ فريبي هوندو.

وحي نبوت جي خاصيتن مان هڪ خاصيت آهي، تنهنڪري قرآن مجيد ۾ سيدنا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي حڪم ٿيو تہ ان خاصيت بابت ماڻهن کي آگاھ ڪريو. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي: وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ﴿3﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ﴿4﴾ **ترجمو:** ۽ اهو (رسول) پنهنجي مرضي ۽ خواهش سان نہ ٿو ڳالهائي، اها وحي ئي آهي جا ڏانهنس موڪلي وڃي ٿي. (سورة النجم: آيت 3-4)

هر نبي سڳورو الله تعالىٰ طرفان موڪليل وحي جي مطابق ئي ماڻهن کي هدايت ۽ رهنمائي ڪندو آهي ۽ هر معاملي ۾ الله تعالىٰ جي فيصلي جو منتظر هوندو آهي۽ هر عمل وحي جي عين مطابق ئي هوندو آهي.

**وحي جا قسم:** هڪ قرآن مجيد: جنهن کي وحي جَلي يا وحي مَتْلُوّ چئجي ٿو ۽ ٻيو حديث ۽ سُنت: جنهن کي وحي خفي يا وحي غير متلو چيو وڃي ٿو. انهن ٻنهي قسمن جي وحي کي انساني رهنمائي ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. قرآن مجيد ۽ حديث ٻئي شرعي احڪام جا بنيادي ماخذ آهن.

**وحي جون صورتون:** قرآن مجيد مطابق وحيءَ جون ٽي صورتون آهن. پهرئين صورت هيءَ آهي تہ پيغمبر جي دل ۾ ڪا ڳالهہ پهچائي وڃي، ٻي صورت هيءَ آهي تہ پيغمبرن ڏانهن ڪنهن پردي يا اوٽ جي پُٺيان آواز اچي ۽ پيغام پهچي وڃي. ٽين صورت هيءَ آهي تہ حضرت جبرائيل عليه السلام ڪنهن نبي يا رسول ڏانهن وحي ڪٽي اچي ۽ پيغام پهچائي.

انهن ٽنهي صورتن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هن طرح آيل آهي: وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ أَن يُكَلِّمَهُ اللَّهُ إِلَّا وَحْيًا أَوْ مِن وَرَاءِ حِجَابٍ أَوْ يُرْسِلَ رَسُولًا فَيُوحِيَ بِإِذْنِهِ مَا يَشَاءُ إِنَّهُ عَلِيٌّ حَكِيمٌ. (سورة الشورىٰ: آيت 51) **ترجمو:** ۽ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ٿيڻو ئي نہ آهي تہ الله ساڻس ڳالهائي سواءِ هن جي تہ اشاري سان يا پردي جي پويان يا ڪنهن قاصد موڪلڻ سان (ڳالهائي) پوءِ جيڪي الله گهري سو سندس حُڪم سان پهچائي ڏئي، بيشڪ اُهو (سڀ کان) مٿاهون حڪمت وارو آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. وحي جي اهميت بيان ڪريو.
2. قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ وحي جون صورتون لکو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. وحي جي لغوي ۽ اصطلاحي معنىٰ بيان ڪريو.
2. وَمَا يَنطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ (3) إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ يُوحَىٰ (4) جو ترجمو لکو.
3. وحي جا قسم بيان ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. وحيءَ جي لغوي معنىٰ آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | سمجهه رکڻ | (ب) | ڄاڻ ڏيڻ |
| (ج) | طريقو اپنائڻ | (د) | اشارو ڪرڻ |

2. قرآن مجيد ۾ وحيءَ جون ڪل صورتون بيان ٿيل آهن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | 2 | (ب) | 3 |
| (ج) | 4 | (د) | 5 |

3. وحيءَ جون صورتون ذڪر ڪيل آهن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | سورة القيامة ۾ | (ب) | سورة الرحمٰن ۾ |
| (ج) | سورة النجم ۾ | (د) | سورة الشورىٰ ۾ |

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۾ شاگرديائين کي وحيءَ جي ڪيفيتن جي سمجهاڻي ڏين.

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- حفاظتِ قرآن مجيد کان واقف ٿي بيان ڪري سگهندا.
- قرآن مجيد جي تدوين ۽ ان جي ٽن ادوار: عهد نبوي، عهد صديقي ۽ عهد عثماني کي سمجهي بيان ڪري سگهندا.

**قرآن مجيد جي حفاظت:** قرآن مجيد ان وحيءَ جي پڄاڻي آهي. جيڪو حضرت آدم عليه السلام کان وٺي سمورن نبين سڳورن عليهم السلام ڏانهن ايندي رهي. قرآن مجيد قيامت تائين ايندڙ سيني انسانن لاءِ آخري، مڪمل ۽ لازوال هدايت جو ڪتاب آهي ان ڪري ان جي بقا ۽ تحفظ جي اشد ضرورت هئي. سو الله تعالىٰ قرآن مجيد جي حفاظت جو ذمو پاڻ ڪنيو ۽ فرمايو: إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ (سورة الحجر: آيت 9) **ترجمو:** اسان ئي نصيحت (يعني قرآن) نازل ڪيو ۽ اسين ئي ضرور ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون.

قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ کي صديون گذري ويون پر الله تعالىٰ جي حفاظت جي ڪري اڄ بہ اسان وٽ اُهو ئي قرآن مجيد موجود آهي جيڪو سيدنا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيو. جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا قير قار نہ ٿي آهي.

**قرآن مجيد جي تدوين:** ڪنهن تحرير کي گڏ ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ سهيڙڻ کي ’تدوين‘ چئبو آهي. قرآن مجيد جي تدوين مان مراد آهي تہ وحي ذريعي نازل ٿيڻ بعد قرآن مجيد کي ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪرڻ.

قرآن مجيد آسمان کان، تحريري صورت يا ڪتابي صورت ۾ نہ نازل ٿيو هو. بلڪ وحي جي مختلف طريقن سان لفظي انداز ۾ نازل ٿيو. جنهن کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ٻن طريقن سان محفوظ ڪرايو. هڪ حفظ ۽ يادگيريءَ سان ۽ ٻيو تحريري صورت ۾. قرآن مجيد جي تدوين جا هيٺيان ٽي دور آهن:

**پهريون دَور (عهد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ):** اسلام جي شروعاتي وقت تائين عرب پڙهڻ لکڻ جا عادي نہ هئا. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن نبوت جو اعلان فرمايو هو تہ ان وقت بہ مڪي شهر ۾ صرف چند ماڻهو لکڻ کان واقف هئا. جن ۾ خلفاءِ

راشدين بہ شامل آهن. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي تعليم ۽ تربيت جي ڪري لکڻ ۽ پڙهڻ وارن ۾ واڌارو ٿيندو ويو. خاص ڪري ان وقت ڪاغذ جي سهولت گهٽ هئڻ ڪري قرآن مجيد جي ڪتابت چمڙي، ڪُل جي سنهڙي پردي، لسن پٿرن، کجيءَ جي پنن، ڪاٺ جي تختين ۽ ٻين شين تي ڪئي ويندي هئي.

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي جيڪا بہ وحي نازل ٿيندي هئي تہ ڪنهن ڪاتب کي سڏائي هدايت فرمائيندا هئا تہ نازل ٿيل آيتون فلاڻي سورت جي فلاڻي آيت کان پوءِ شامل ڪيون وڃن. اهڙيءَ طرح حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي نگرانيءَ ۾ ڪجهہ صحابہ ڪرام رضي اللّٰہ عنهم قرآن مجيد ياد بہ ڪندا ويندا هئا ۽ ان جون سورتون ۽ آيتون مختلف شين تي لِکندا بہ ويندا هئا. اهڙيءَ طرح سندن دَور مبارڪ ۾ سمورو قرآن مجيد لِکجي مڪمل ٿيو.

**پهريون دَور (عهد صديقي):** نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي وصال کان بعد جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي اللّٰہ عنه خلافت جي ذميداري سنڀالي تہ زڪواة جي منڪرن ۽ نبوت جي ڪُوڙن دعويدارن خلاف ڪين ڪاروايون ڪرڻيون پيون. جنگ يمامہ ۾ مسيلمہ ڪذاب جي خلاف وڏو مقابلو ڪيو ويو. نتيجي ۾ سَوين قرآن مجيد جا حافظ ۽ قاري شهيد ٿي ويا. ان علمي نقصان کي ڏسندي حضرت عمر فاروق رضي اللّٰہ عنه جي مشوري ۽ صحابہ ڪرام رضي اللّٰہ عنهم جي گڏيل صلاح سان قرآن مجيد کي لکيل مختلف شين تان اُتاري هڪ مصحف ۾ مرتب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ان عظيم ۽ بابرڪت ڪم لاءِ حضرت زيد بن ثابت رضي اللّٰہ عنه جي سربراهيءَ ۾ ڪجهہ اصحاب سڳورن رضي اللّٰہ عنهم جي ڪميٽي جوڙي وئي، جن ۾ ڪجهہ مهاجر ۽ ڪجهہ انصار صحابہ ڪرام رضي اللّٰہ عنهم هئا. سيني اصحاب سڳورن رضي اللّٰہ عنهم کان قرآن مجيد جو مواد وٺي ۽ گڏ ڪرڻ وارو ڪم حضرت زيد بن ثابت رضي اللّٰہ عنه حوالي ٿيو، جڏهن تہ ان جي لِکڻ جي ذميداري حضرت سعيد بن العاص رضي اللّٰہ عنه کي ڏني وئي. حضرت زيد بن ثابت رضي اللّٰہ عنه پاڻ بہ قرآن جو حافظ، عالم ۽ ڪاتب وحي پڻ هو. سمورو قرآن مجيد ان نموني لِکجي پورو ٿيو ۽ مختلف شين تان ۽ مختلف ماڻهن وٽان گڏ ڪري هڪ مصحف طور مرتب ڪيو ويو، ان لحاظ سان قرآن مجيد جو پهريون جامع ڪتابي صورت ۾ آڻيندڙ حضرت ابوبڪر صديق رضي اللّٰہ عنه آهي. قرآن مجيد جو اهو نسخو حضرت ابوبڪر صديق رضي اللّٰہ عنه کان بعد

حضرت عمر رضي الله عنه وٽ محفوظ رهيو، ان کان بعد اُم المؤمنين حضرت حفصہ رضي الله عنها وٽ موجود رهيو.

**ٽيون دَور (عهد عثماني):** هر ٻوليءَ ۾ علائقي ۽ جاگرافي جي لحاظ کان مختلف لهجا ٿيندا آهن. عربي ٻوليءَ ۾ بہ انيڪ لهجا ۽ بيان جا انداز آهن پر حضور اڪرم ﷺ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي دَور ۾ ان جا ست لهجا مشهور هئا. پاڻ ماڻهن جي سهولت خاطر انهن مان ڪنهن بہ لهجي ۾ قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ جي اجازت فرمائي هئائون. جيئن ارشاد آهي: ”اِنَّ الْقُرْآنَ اُنْزِلَ عَلٰى سَبْعَةِ اَحْرُفٍ فَاقْرَؤا منه مَا تَيَسَّرَ“ **ترجمو:** قرآن مجيد ستن لهجن تي نازل ٿيو آهي، سو ان مان جيڪو آسان لڳي سو پڙهو. (مسند احمد: 1/151) ان اصول تي پهرين ٻن خليفن جي دَور تائين عمل ٿيندو رهيو پر حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي دَور ۾ جڏهن اسلامي حڪومت ڏورانهن ملڪن تائين ڦهلجي وئي تہ اتي ماڻهن ۾ تلاوت جي لهجي ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. هڪ دفعي حضرت حذيفہ بن يمان رضي الله عنه جڏهن آذربائيجان ۽ آرمينيا جي محاذ تان واپس ٿي مديني شريف پهتو تہ حضرت عثمان غني رضي الله عنه وٽ پيش ٿي فرمايائون: ”اي اميرالمؤمنين! اُمت کي ڪتاب الله جي باري ۾ يهودين ۽ نصارن وانگر اختلاف کان بچايو.“ تنهن تي پاڻ خطبو ڏنائون ۽ ان ڪم جي اهميت کان واقف ڪيائون پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي دَور ۾ مرتب ڪيل نسخو ام المومنين حضرت حفصہ رضي الله عنها وٽان گهرائي حضرت زيد بن ثابت، حضرت عبدالله بن زبير، حضرت سعيد بن العاص ۽ حضرت عبدالرحمٰن بن حارث بن هشام رضي الله عنهم جي حوالي ڪيائون ڪين قرآن مجيد لکڻ جو حڪم ڏيندي هدايت ڪيائون تہ جتي لهجن ۾ اختلاف ٿئي اتي قريش وارو لهجو اختيار ڪريو، جو تہ قرآن مجيد ان لهجي ۾ نازل ٿيو آهي. اهڙيءَ ريت 25هہ جي ابتدا ۾ مصحف عثماني مرتب ٿي چڪو، جنهن جا ست عدد نسخا تيار ڪري مڪي شريف، شام، يمن، بحرين، بصره ۽ ڪوفي موڪليا ويا ۽ هڪ نسخو مديني منوره لاءِ رکيو ويو. الله تعالىٰ جي حفاظت واري وعدي موجب اڄ بہ اسان وٽ اهو ئي قرآن مجيد موجود آهي، جيڪو نازل ٿيڻ وقت موجود هو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. قرآن مجيد جي حفاظت بابت اوهان ڇا ڄاڻو؟ لکو.
2. عهد نبوي ۾ قرآن مجيد جي تدوين ڪيئن ٿي؟

(ب) **هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. عهد صديقي ۾ قرآن مجيد کي گڏ ڪرڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي ؟
2. حضرت عثمان غني رضي الله عنه ڪهڙي سبب جي ڪري قرآن مجيد کي قريش جي لهجي ۾ تيار ڪري ڦهلايو؟
3. حضرت عثمان غني رضي الله عنه قرآن مجيد جا نسخا ڪهڙن ڪهڙن علائقن ڏانهن موڪليا؟

(ج) **دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. قرآن مجيد نازل ٿيو:

(الف) وحيءَ جي صورت ۾ (ب) ڪتاب جي صورت ۾
(ج) تختيءَ جي صورت ۾ (د) آواز جي صورت ۾

2. وحي لکندڙ صحابهٰ ڪرام رضي الله عنهم سڏجن ٿا

(الف) السابقون الاولون (ب) ڪاتبين وحي
(ج) انصار (د) مهاجر

3. حضرت عثمان رضي الله عنه جي دور ۾ قرآن مجيد جو پهريون نسخو موجود هو:

(الف) ام المومنين حضرت خديجه رضي الله عنها وٽ (ب) ام المومنين حضرت عائشه رضي الله عنها وٽ
(ج) ام المومنين حضرت حفصه رضي الله عنها وٽ (د) ام المومنين حضرت زينب رضي الله عنها وٽ

4. حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي دور ۾ قرآن مجيد گڏ ڪرڻ جي ذميداري ڏني وئي:

(الف) حضرت علي رضي الله عنه کي (ب) حضرت حذيفه بن يمان رضي الله عنه کي
(ج) حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه کي (د) حضرت زيد بن حارثه رضي الله عنه کي

5. مصحف عثماني جي نسخن جو تعداد هو:

(الف) 6 (ب) 7
(ج) 8 (د) 9

باب پهريون
(ب)

# چونڊ آيتون (ترجمو ۽ سمجهاڻي)

سورة البقره: آيتون 1 کان 39 تائين ۽ سورة الانفال مڪمل

## سِکيا جي حاصلات

- قرآن مجيد جي چونڊ آيتن: سورة البقره آيت 1-39 ۽ مڪمل سورة الانفال جو ترجمو ياد ڪري سگهندا.
- قرآن مجيد جي چونڊ آيتن جو مطلب سمجهي سگهندا.
- قرآن مجيد جي چونڊ آيتن ۾ آيل مسئلا ڄاڻي پنهنجي عملي زندگي سُڌاري سگهندا.

**سورة البقرة جو تعارف:** لفظ 'بقرة' جي معنىٰ ڍڳي يا ڳئون آهي. هن سورت ۾ بني اسرائيل جو قصو بيان ٿيل آهي. جنهن ۾ هڪ شخص کي قتل ڪيو ويو ۽ ان جي قاتل جي خبر نہ پئجي سگهي. وارث جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام کي قاتل معلوم ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو تہ پاڻ الله تعالىٰ کان دُعا گُهرن ٿا ۽ کين حڪم ملي ٿو تہ پنهنجي قوم کي چئو تہ: هڪ ڳئون ذبح ڪري ان جو گوشت مري ويل شخص کي هڻو تہ اهو زنده ٿي پنهنجو قاتل ٻُڌائيندو. ڳئون جي ان قصي تان هن سورت تي 'بقرة' نالو پيو آهي. سورة البقره قرآن مجيد جي سڀ کان وڏي سورت آهي. جيڪا هجرت کان پوءِ نازل ٿي. هن ۾ 286 آيتون ۽ 40 رڪوع آهن. هن سورت ۾ مؤمنن جون وصفون ۽ ڪافرن جون سازشون ٻڌايون ويون آهن ۽ منافقن جي مڪر ۽ شرارتن کي پڌرو ڪيو ويو آهي. پڻ توحيد، رسالت، آخرت، عبادت سان گڏوگڏ اخلاق جي سڌاري، معاملات جي بهتري ۽ ڪيترن ئي بين مسئلن کي بيان ڪيو ويو آهي. هن سورت ۾ حضرت آدم عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جي ڪن واقعن تي پڻ روشني وڌي وئي آهي. هن سورت جي فضيلت ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: پنهنجن گهرن کي قبرستان نہ بڻايو، جنهن گهر ۾ سورة البقره جي تلاوت ڪئي ويندي آهي، اتان شيطان ڀڄي ويندو آهي.

(صحيح مسلم: حديث نمبر 780)

## 1. سورة البقرة: رڪوع 1، آيتون: 1 کان 7 تائين

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ

**ترجمو:** آءُ الله جي پناهہ گهران ٿو شيطان مردود کان.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

**ترجمو:** الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

**آيت نمبر 1-2:** الٓمّٓ ﴿۱﴾ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۛ فِيْهِ ۛ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۙ ﴿۲﴾

**ترجمو:** الٓمّٓ (1) هيءُ اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي، (خدا ترسن) لاءِ هدايت آهي. (2)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ قرآن مجيد جي ڪلام خداوندي هجڻ جي حقانيت بيان ڪئي وئي آهي. 'الم' جا اکر حروف مُقَطَّعَات سڏجن ٿا ۽ انهن جو مفهوم حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کان بيان ٿيل ڪِين آهي.

قرآن مجيد جون ٻہ خاصيتون ٻُڌايون ويون آهن هڪ تہ اهو هر قسم جي شڪ شبهي کان پاڪ آهي يعني ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ ٿو ڪري سگهجي تہ قرآن الله تعالىٰ جو برحق ڪلام آهي، جو تہ ان جهڙو قرآن يا ان جي ڪنهن هڪ سورت جهڙي ڪا سورت بہ ڪو پيش نہ ٿو ڪري سگهي. ٻي خاصيت هيءَ آهي تہ قرآن مجيد خدا ترس ماڻهن لاءِ رهنما آهي. يعني جيڪي ماڻهو دنيا ۾ پاڻ کي نافرمانيءَ کان بچائين ٿا ۽ هميشہ واري ڪاميابي چاهين ٿا انهن کي قرآن مجيد هدايتون فراهم ڪري ٿو.

**آيت نمبر 3-4-5:** الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۙ ﴿۳﴾ وَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَ مَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ وَ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ؕ ﴿۴﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ ۗ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۵﴾

**ترجمو:** جيڪي اڻ ڏٺي تي ايمان آڻيندا آهن ۽ نماز (ساري) پڙهندا آهن ۽ ڪين جيڪي رزق ڏنوسين تنهن مان (الله جي راهہ ۾) خرچيندا آهن. (3) ۽ اُهي (اي پيغمبر) جيڪو (قرآن) تو ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي توکان اڳ (ٻين پيغمبرن تي) لاٿو ويو تنهن کي مڃيندا آهن ۽ اُهي آخرت تي يقين رکندا آهن. (4) اِهي ئي (انهيءَ) سڌي واٽ تي آهن جا سندن پالڻهار کان (ڏسيل) آهي ۽ اِهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن.(5)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ خدا ترس ماڻهن جون پنج صفتون ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي صورت ۾ ڪاميابيءَ جي ضمانت ڏني وئي آهي. اهي پنج صفتون هي آهن:

- **ايمان بالغيب:** خدا ترس ۽ پرهيزگار ماڻهو رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ٻُڌايل هر ڳالهه کي بغير دليل ۽ مشاهدي جي يقين سان مڃين ٿا.
- **نماز قائم ڪرڻ:** نماز پوري اهتمام سان ادا ڪن ٿا.
- **انفاق في سبيل الله:** مال الله تعالىٰ جي راهه ۾ خرچ ڪن ٿا.
- **آسماني تعليم تي ايمان:** قرآن مجيد، اڳين صحيفن ۽ الهامي ڪتابن کي برحق ۽ الله تعالىٰ جو ڪلام مڃين ٿا.
- **آخرت تي ايمان:** اهي هن ڳالهه کي به دل سان مڃين ٿا ته هيءَ دنيا عارضي ۽ بي بقا آهي. هڪ ڏينهن قبر، حشر نشر ۽ حساب ڪتاب کي منهن ڏيڻو آهي، پوءِ جنت يا جهنم جو فيصلو ٿيندو.

جنهن شخص ۾ خدا ترس هجڻ سان گڏ اهي پنج خوبيون هونديون، اهو هدايت وارو ۽ ڪامياب شمار ڪيو ويندو.

**آيت نمبر 6-7:** اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝٦ خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ ۭ وَعَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ ۡ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۝٧

**ترجمو:** بيشڪ جن انڪار ڪيو تن کي (اي پيغمبر) ڊيڄارين يا نه ڊيڄارين (سو) هڪجهڙو آهي، اِهي ايمان نه آڻيندا. (6) الله سندن دلين تي ۽ سندن ڪنن تي مُهر هنئي آهي، ۽ سندن اکين تي پردو (چڙهيل) آهي ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (7)

**سمجهاڻي:** هنن ٻن آيتن ۾ ڪافرن جي باري ۾ ڪن ڳالهين جي وضاحت ۽ سندن بُرو انجام بيان ڪيو ويو آهي. ڪفر جي معنىٰ انڪار ڪرڻ آهي. شريعت جي ضروري ڳالهين کي نه مڃڻ يا ان جي توهين ڪرڻ کي ڪُفر سڏجي ٿو. هتي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي اهڙن ڪافرن جي باري ۾ آگاهه ڪيو ويو آهي، جيڪي پنهنجي سخت دلي، هٺ ڌرمي ۽ دين دشمنيءَ ۾ چوٽ چڙهيل هئا. کين ٻُڌايو ويو ته اهڙن لچڻن جي ڪري الله تعالىٰ انهن ڪافرن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر ۽ اکين تي پردا وڌا آهن، هاڻي انهن لاءِ هدايت نه بلڪ آخرت وارو دردناڪ عذاب جا حقدار آهن. اوهان کين خيرخواهي ڪندي دين ڏانهن سَڏيو يا نه سَڏيو. ٻئي ڳالهيون برابر آهن. اهي سِڌي رستي تي ڪِين ايندا.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺ ڏنل ٻن آيتن مان ڪنهن ہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۙ

(ب) اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب تحرير ڪريو:**

1. سورة البقرة جو مختصر تعارف بيان ڪريو.
2. حروف مقطعات ڇا آهن؟ تحرير ڪريو.
3. قرآن مجيد ڪهڙن ماڻهن لاءِ هدايت آهي؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. ’بقرة‘ لفظ جي معنىٰ آهي:

(الف) مينهن (ب) ٻڪري

(ج) رڍ (د) ڳئون

2. سورة البقرة جي آيت نمبر 2 موجب قرآن مجيد خدا ترسن لاءِ آهي:

(الف) رحمت (ب) برڪت

(ج) شفاعت (د) هدايت

3. ڪهڙن ماڻهن جي دلين ۽ ڪنن تي مُهر ۽ اکين تي پردا آهن؟:

(الف) گنهگار (ب) ڪافر

(ج) منافق (د) مشرڪ

**استادن لاءِ هدايتون**

تقوىٰ جو مفهوم ۽ اهميت بابت سمجهاڻي ڏيو.

## 2. سورة البقرة: رڪوع: 2، آيتون: 8 کان 20 تائين

**آيت نمبر 8-9:** وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّقُوۡلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَمَا هُمۡ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ۘ ﴿۸﴾ يُخٰدِعُوۡنَ اللّٰهَ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ۚ وَمَا يَخۡدَعُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡفُسَهُمۡ وَمَا يَشۡعُرُوۡنَ ؕ ﴿۹﴾

**ترجمو:** ۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن، جي چوندا آهن ته الله ۽ قيامت جي ڏينهن ڪي مڃيوسين ۽ حقيقت ۾ اُهي مؤمن نہ آهن. (8) الله ۽ مومنن ڪي دوڪو ڏيندا آهن، حالانڪ اهي پاڻ ڪي ئي دوڪو ڏيندا آهن ۽ اهي سمجهندا نہ آهن. (9)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ منافقن ۽ سندن منافقت ڪي بيان ڪيو ويو آهي. دين جي بنيادي ڳالهين جي مڃڻ ڪي ’ايمان‘ ۽ ان جي انڪار ڪرڻ ڪي ’ڪفر‘ چئجي ٿو. قرآن مجيد ۾ مؤمنن ۽ ڪافرن بابت ڪافي تفصيل موجود آهي. بنهي گروهن کان علاوہ هجرت بعد هڪ ٽيون گروهه بہ نمودار ٿيو. جيڪو ظاهر ۾ ايمان جي دعوىٰ ڪري پيو پر اندر ۾ ڪُفر هجڻ ڪري ’منافق‘ سڏيو ويو. منافقت، ڪُفر کان بہ وڌو گناهہ آهي. جنهن جو انجام جهنم جي بلڪل آخري حد وارو ٺڪاڻو آهي.

سورة البقره جي آيت 8-9 ۾ ٻڌايو ويو تہ انسانن مان ڪجهہ قسم جا ماڻهو الله تعالىٰ ۽ آخرت ڪي مڃڻ جي دعوىٰ تہ ڪن ٿا پر اهي حقيقت ۾ بنهي ڳالهين تي ايمان نہ ٿا رکن. پنهنجي گمان ۾ الله تعالىٰ ۽ مؤمنن سان ٺڳي ٿا ڪن پر حقيقت ۾ انجام جي اعتبار سان بي سمجهيءَ ۾ ايمان جي عيوض ڪُفر اختيار ڪري هو پاڻ ڪي ٺڳي رهيا آهن.

**آيت نمبر 10:** فِيۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌۢ ۙ بِمَا كَانُوۡا يَكۡذِبُوۡنَ ﴿۱۰﴾

**ترجمو:** سندن دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي، پوءِ الله سندن بيماري وڌائي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي انهيءَ ڪري جو (هو) ڪُوڙ ڳالهائيندا آهن (10)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ نفاق ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ، حسد ڪرڻ ۽ ان جي سزا ڪي بيان ڪيو ويو آهي. منافقن جي اندر ۾ نفاق جي بيماري آهي، جيڪا سندن دلي انڪار ۽ تڪذيب سبب اجان الله تعالىٰ وڌائي ڏني ۽ آخرت ۾ انهن لاءِ دردناڪ عذاب بہ تيار آهي.

**آيت نمبر 11-12:** وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ لَا تُفۡسِدُوۡا فِى الۡاَرۡضِ ۙ قَالُوۡۤا اِنَّمَا نَحۡنُ مُصۡلِحُوۡنَ ﴿۱۱﴾ اَلَاۤ اِنَّهُمۡ هُمُ الۡمُفۡسِدُوۡنَ وَلٰكِنۡ لَّا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۱۲﴾

**ترجمو:** ۽ جڏهن کين چئبو آهي تہ مُلڪ ۾ فساد نہ وجهو، (تڏهن) چوندا آهن تہ اسين سڌاريندڙ ئي آهيون. (11) خبردار! اِهي پاڻ فسادي آهن پر نہ سمجهندا آهن. (12)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ منافقن جي نفاق ۽ ملڪ ۾ فساد ۽ بدامني ڦهلائڻ کي بيان ڪيو ويو آهي.

**فساد ڦهلائڻ:** نفاق اختيار ڪري ايمان جو انڪار ڪرڻ وڏو فساد آهي. ان ڪان علاوه نَون مسلمانن کي ورغلائڻ ۽ ڪُوڙين خبرن ڦهلائڻ تي جڏهن منافقن کي چيو ويجي ٿو تہ زمين ۾ ڏڦيڙ نہ مچايو. تہ چون ٿا اسان جو مقصد اصلاح ۽ پائيپي قائم ڪرڻ آهي. اسين چاهيون ٿا تہ قريش، يهودي ۽ عرب وغيره پاڻ ۾ محبت سان رهن. الله تعالىٰ وضاحت ڪئي تہ اهي ڪُوڙا آهن. حقيقت ۾ اهي فساد ڦهلائيندڙ آهن پر ڄاڻن نہ ٿا.

**آيت نمبر 13-14:** وَ اِذَا قِیْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا كَمَاۤ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوْۤا اَنُؤْمِنُ كَمَاۤ اٰمَنَ السُّفَهَآءُ ؕ اَلَاۤ اِنَّهُمْ هُمُ السُّفَهَآءُ وَ لٰكِنْ لَّا یَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳﴾ وَ اِذَا لَقُوا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْۤا اٰمَنَّا ۚۖ وَ اِذَا خَلَوْا اِلٰى شَیٰطِیْنِهِمْ ۙ قَالُوْۤا اِنَّا مَعَكُمْ ۙ اِنَّمَا نَحْنُ مُسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۱۴﴾

**ترجمو:** ۽ جڏهن کين چئبو آهي تہ جهڙي طرح ٻين ماڻهن ايمان آندو آهي تهڙيءَ طرح اوهين بہ ايمان آڻيو، (تڏهن) چوندا آهن تہ جيئن بيوقوفن ايمان آندو آهي تيئن اسان بہ ايمان آڻيون ڇا؟ خبردار، اُهي ئي بيوقوف آهن پر نہ ڄاڻندا آهن. (13) ۽ جڏهن مؤمنن سان ملندا آهن (تڏهن) چوندا آهن تہ اسان ايمان آندو آهي ۽ جڏهن پنهنجن شيطانن (سردارن) سان هيڪلائيءَ ۾ ملندا آهن (تڏهن) چوندا آهن تہ اسان اوهان سان ئي آهيون (مؤمنن تي) رڳو چٿر ڪندڙ آهيون. (14)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ منافقن جي نفاق يعني ايمان وارن کي بيوقوف سمجهڻ، سچ ڳالهائڻ کي بيوقوفي ۽ نفاق کي عقل مندي سمجهڻ بيان ڪيو ويو آهي ۽ منافقن جي نفاق يعني سچ ڳالهائڻ وارن کي حقارت سان ڏسڻ ۽ ايمان وارن تي ٺٺول ڪرڻ کي بيان ڪيو ويو آهي.

منافق اڪثر يهودين مان هئا ۽ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو بني اسرائيل مان نہ هجڻ ڪري مٿن ايمان نہ پئي آندائون، حالانڪ کين يقين هو تہ پاڻ سچا آهن ۽ اڳين ڪتابن ۾ بشارت ڏنل آخري نبي آهن. جڏهن انهن کي چيو پئي ويو تہ ماڻهو ايمان آڻي ٻنهي جهانن جي ڪاميابي پيا حاصل ڪن، توهين بہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ قرآن مجيد تي ايمان آڻيو ۽ اسلام قبول ڪريو تہ چون پيا اهي ايمان آڻيندڙ سيئي ماڻهو

ابوجهہ ۽ بي سمجهہ آهن. تڏهن الله تعالىٰ ايمان وارن جي باري ۾ فرمايو تہ ايمان آڻڻ وارا بي سمجهہ نہ آهن پر اهي منافق پاڻ ئي بيوقوف ۽ ابوجهہ آهن پر ڄاڻن نہ ٿا.

**منافقت جو روپ:** منافق بہ مُهان ۽ مڪار هئا، جڏهن مسلمانن سان ملندا هئا تہ کين چوندا هئا تہ اسين ايمان آڻي چڪا آهيون ۽ اوهان جا ديني پائر آهيون ۽ جڏهن پنهنجي شيطاني دوستن مُشرڪن ۽ ڪافرن سان نويڪلا ٿيندا هئا تہ کين يقين ڏياريندا هئا تہ اسين توهان جا ئي آهيون، انهن وٽ صرف مذاق ۽ ٺوڪ ڪرڻ لاءِ ويندا آهيون.

**آيت نمبر 15-16:** اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَيَمُدُّهُمْ فِىْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿۱۵﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿۱۶﴾

**ترجمو:** الله انهن سان چٿر ڪندو آهي ۽ انهن کي پنهنجي سرڪشي ۾ ڍر ڏيندو آهي جو اهي پنهنجي گمراهين ۾ حيران آهن. (15) اِهي اُهي آهن جن هدايت جي بدران گمراهي خريد ڪئي، پوءِ سندن واپار کين فائدو نہ ڏنو ۽ نڪي اُهي هدايت وارا ٿيا. (16)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ منافقن جي نفاق تي الله تعالىٰ طرفان وعيد کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ منافقن جو هدايت عيوض گمراهي اختيار ڪرڻ ۽ ان جي انجام کي بيان ڪيو ويو آهي. الله تعالىٰ مؤمنن جي باري ۾ واضح ڪيو تہ دنيا ۾ اهڙن منافقن کي مهلت آهي، اُهي پلي ٺوڪون ۽ ٺٺولون ڪري وٺن ۽ پاڻ کي مؤمن چورائي پنهنجي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ حاصل ڪن پر آخرت ۾ سندن ان مذاق جو بدلو کين جهنم جي صورت ۾ ملندو.

**آيت نمبر 17-18:** مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِى اسْتَوْقَدَ نَارًا ۚ فَلَمَّآ اَضَآءَتْ مَا حَوْلَهٗ ذَهَبَ اللّٰهُ بِنُوْرِهِمْ وَتَرَكَهُمْ فِىْ ظُلُمٰتٍ لَّا يُبْصِرُوْنَ ﴿۱۷﴾ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ۙ﴿۱۸﴾

**ترجمو:** سندن مثال ان شخص جي مثال جهڙو آهي جنهن باهہ ٻاري، پوءِ جنهن مهل باهہ پنهنجي آسپاس کي روشن ڪيو (تنهن مهل) الله سندن سوجهرو اجهايو ۽ کين اونداهين ۾ ڇڏي ڏنائين جو نہ ڏسن. (17) (اُهي) ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن پوءِ اُهي نہ موٽندا. (18)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ منافقن جي حالت بابت هڪ مثال بيان ڪيو ويو آهي. منافقن مان ڪي پنهنجي نفاق ۽ بداعتقادي تي مضبوط ۽ اسلام دشمني ۾ سخت هئا، ۽ انهن مان ڪي اسلام جي باري ۾ ٻڌتر جا شڪار هئا تہ ڪي تذبذب يا وهمن ۾ ورتل هئا، ذڪر ٿيل آيتن ۾

انهن ٻنهي قسمن جي باري ۾ ٻه مثال ڏنا ويا آهن: پهرئين قسم جي منافقن جي حالت ان ماڻهوءَ واري آهي، جنهن اونداهي رات ۾ باهه ٻاري جنهن سان چوڌاري پيل شيون چٽيون ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيون ۽ هو پنهنجي ضرورت جي ڪا شيءِ ڪڻڻ وارو ئي هجي ته عين ان وقت تي باهه وسامي وڃي ۽ ڏُٻُ اونده ٿي وڃي. انهن منافقن جي ايمان واري دعوىٰ به آخرت ۾ ان روشنيءَ وانگر هوندي جو ڪين ڪو فائدو ڪِين پهچائيندي. اهي هدايت جي ڳالهه ٻُڌڻ کان ٻوڙا، ڳالهائڻ کان گونگا ۽ ڏِسڻ کان انڌا آهن، تنهنڪري اهي هدايت ڏانهن واپس نه ايندا بلڪ پنهنجي ڪُفر ۾ اجان اڳي کان اڳرا هوندا.

**آيت نمبر 19-20:** اَوْ كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ فِيْهِ ظُلُمٰتٌ وَّ رَعْدٌ وَّ بَرْقٌ ۚ يَجْعَلُوْنَ اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ مِّنَ الصَّوَاعِقِ حَذَرَ الْمَوْتِ ؕ وَاللّٰهُ مُحِيْطٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ۝١٩ يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ اَبْصَارَهُمْ ؕ كُلَّمَآ اَضَآءَ لَهُمْ مَّشَوْا فِيْهِ ۙۗ وَاِذَآ اَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوْا ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَاَبْصَارِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٢٠

**ترجمو:** يا (سندن مثال اُنهي) آسماني برسات (وارن) جهڙو آهي جنهن ۾ اونداهيون ۽ گاج ۽ وڄ هجي، اُهي پنهنجيون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾، ڪڙڪن کان موت جي ڀؤ ڪري وجهن، ۽ الله ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي. (19) وڄ سندن اکين (جي سوجهري) کي اُمالڪ کسڻ تي هُجي، جڏهن به انهن لاءِ چمڪي (تڏهن) منجهس هلن ٿا، ۽ جڏهن مٿن اونده ڪري تڏهن بيهي رهن ٿا، ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته سندن ٻڌڻ ۽ سندن ڏسڻ ضرور وڃائي ڇڏي ها، بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. (20)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ منافقن جي حالت بابت هڪ ٻيو مثال بيان ڪيو ويو آهي. ٻئي قسم جا ڳٽتيءَ ورتل منافق جيڪي ايمان جون ڳالهيون ٻُڌي ڪجهه قائل ٿين ٿا پر وري جڏهن ڪُفر ۾ اچن ٿا ته ان کي دُرست سمجهن ٿا تن جو مثال اهڙن ماڻهن وانگر آهي، جيڪي ڏُٻُ اونداهي رات ۽ طوفاني بارش ۾ ڦاسي پيا هجن، وڏ ڦري مِينهن سان گڏ ڪنوڻ جا تجلا ۽ گجگوڙ جا ڪڙڪا به هجن، ڪنوڻ جي چمڪات کان انڌي ٿيڻ ۽ گجگوڙ کان ٻوڙي ٿيڻ جو ڊپ هجين ۽ پنهنجون آڱريون ڪَنن ۾ وِجهي موت کان بچاءُ ڪندا هجن. جڏهن ڪنوڻ جي روشني ٿئي ته ڪجهه رڙهن ۽ وري بيهي رهندا هجن ته هنن جو مثال به اهڙو آهي جڏهن اسلام جي ويجهو ٿين ٿا ته ڪين روشني ملي ٿي ۽ نفاق ڏانهن موٽن ٿا ته اونداهيءَ ۾ رهجيو ٿا وڃن.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ مَا هُمْ بِمُؤْمِنِيْنَ ۘ

(ب) فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌۢ ۙ۬ بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. نفاق ڇا آهي ؟ تحرير ڪريو.
2. منافق، مومنن سان ڇتڙون ڇو ڪندا هئا؟
3. سورة البقرة جي آيت 18 کان 20 تائين منافقن لاءِ ڏنل مثالن مان ڪو بہ هڪ مثال بيان ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. ظاهر ۾ هڪ ۽ اندر ۾ ٻيو رکڻ کي سڏجي ٿو:

(الف) گناهہ (ب) شرڪ
(ج) ڪفر (د) نفاق

2. منافقن هدايت جي بدلي خريد ڪيو:

(الف) مال ۽ ملڪيت (ب) عهدو ۽ رتبو
(ج) گمراهي (د) هدايت

3. سورة البقرة جي آيت 18 مطابق انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا سڏيا ويا آهن:

(الف) فاسق (ب) منافق
(ج) مشرڪ (د) صابي

4. منافق، دوکو ڏيڻ چاهين ٿا:

(الف) الله تعالىٰ کي (ب) الله تعالىٰ جي رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي
(ج) مومنن کي (د) مشرڪن کي

## 3. سورة البقرة: رڪوع: 3، آيتون: 21 کان 29 تائين

**آيت نمبر 21-22:** يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِىْ خَلَقَكُمْ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٢١﴾ الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّ السَّمَآءَ بِنَآءً ۪ وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

**ترجمو:** اي انسانو! پنهنجي انهيءَ پالڻهار جي عبادت ڪريو جنهن اوهان کي ۽ جيڪي اوهان کان اڳ هُئا تن کي پيدا ڪيو تہ مانَ اوهين ڊڄو. (21) جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو ۽ آسمان کي ڇت، ۽ (مينهن جو) پاڻي آسمان کان وسايائين پوءِ اُن سان (هر جنس جي) ميون منجهان اوهان لاءِ رزق پيدا ڪيائين، پوءِ اوهين ڄاڻ هوندي الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ بڻايو. (22)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ الله تعالىٰ جي وحدانيت جي تلقين، الله تعالىٰ جي پالڻهار ۽ خالق هجڻ جي دليلن ۽ عبادت جي ثمرات کي بيان ڪيو ويو آهي. الله تعالىٰ پنهنجون ڪجھ نعمتون ياد ڏياري هن ڳالھ جو حڪم ڏنو تہ اي انسانو! جنهن پالڻهار اوهان کي ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن کي پيدا ڪيو، جنهن زمين کي توهان جي رهڻ جي لائق ۽ آسمان کي مٿان ڇت بڻايو، اُڀ مان مِينهن وَسائي پوءِ اناج ۽ ميوا اپائي اوهان جي رزق جو بندوبست ڪيو، ان کي اڪيلو ۽ يڪتا مڃي سندس بندگي ڪريو. ايترين نعمتن ۽ ڄاڻ ملڻ کان پوءِ بہ ان سان ٻين کي شريڪ ۽ ڀائيوار نہ بڻايو. الله تعالىٰ جي حڪمن کي مڃي توحيد پرست ۽ عبادت گُذار ٿيو تہ جيئن اوهان ۾ پرهيزگاري پيدا ٿئي ۽ پرهيزگار ٿي ڪامياب ماڻهو آهن.

**آيت نمبر 23-24:** وَاِنْ كُنْتُمْ فِىْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۪ وَ ادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٣﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَلَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِىْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ ۖۚ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٤﴾

**ترجمو:** ۽ پنهنجي ٻانهي (حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ) تي جيڪو (قرآن) لاٿوسون تنهن کان جيڪڏهن اوهين شڪ ۾ آهيو تہ ان جهڙي ڪائي سُورت بڻائي آڻيو ۽ الله کان سواءِ پنهنجا مددگار (بہ) سڏيو جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. (23) پوءِ جيڪڏهن ائين نہ ڪندؤ ۽ ڪري بہ ڪڏهن نہ سگهندؤ تہ انهيءَ باھ کان ڊڄو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پهڻ آهن. اُها نہ مڃيندڙن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. (24)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ قرآن مجيد الله تعالىٰ طرفان نازل ٿيل ڪتاب هجڻ ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پاران نبوت ۽ رسالت جي دعوىٰ جي بيان ڪيو ويو آهي. منافقن ۽ ڪافرن کي خطاب آهي ته اوهين جيڪڏهن اهو گمان رکو ٿا ته حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيندڙ وحي ۽ قرآن مجيد سندس ناهيل آهي ۽ الله تعالىٰ طرفان نازل ٿيل ناهي ته پوءِ اوهان به قرآن مجيد جي ڪنهن به سورت جهڙي ڪا سورت ناهي ڏيکاريو ۽ پلي ٻيا به مددگار گڏ ڪريو، جيڪا قرآن مجيد جهڙي فصاحت، بلاغت ۽ حڪمت تي مشتمل هجي. پوءِ جيڪڏهن ان دعوىٰ کي نه ٿا قبوليو ۽ يقيناً اوهان اهو ڪم ڪري به نه سگهندؤ، پوءِ ان کي مڃيو ۽ جهنم کان ڊڄو جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پهڻ هوندا ۽ اها باهه اهڙن انڪارين لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

**آيت نمبر 25:** وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِيْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ وَاُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَلَهُمْ فِيْهَاۤ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙۗ وَّهُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۝٢٥

**ترجمو:** ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن کي هيءَ خوشخبري ڏي ته انهن لاءِ بهشت آهن جن جي هيٺان واهيون پيون وهن، جڏهن اُن مان ڪو به ميوو کاڄ لاءِ ڏنو پيو ويندن (تنهن مهل) پيا چوندا ته هيءُ (ميوو) اُهو آهي جو اڳ اسان کي ڏنو ويو هو ۽ اُهو (شڪل ۾) هڪ جهڙو (پيو) ڏسجن، ۽ انهن لاءِ منجهس پاڪ زالون آهن ۽ اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. (25)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ مومنن جي نيڪ عملن جي اجر ۽ ثواب جي بيان ڪيو ويو آهي. ۽ انڪار ڪندڙ ڪافرن کي عذاب جي ڌمڪي ڏيڻ بعد حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي فرمايو ويو ته ڪافرن جي مقابلي ۾ جن ماڻهن قرآن مجيد کي سچو مڃيو ۽ ان جي مطابق سُٺا عمل ڪيا، تن کي خوشخبري ٻُڌايو ته اهڙن ماڻهن لاءِ باغ باغيچا تيار آهن، جن ۾ واهيون پيون وَهنديون، ڪين اڻ ڳڻيا ڪاڏا ۽ ميوا ڏنا ويندا ۽ هر دفعي شڪل صورت ۾ ساڳيا ميوا ڏسي چوندا ته هيءُ ته اڳي به مليا پر سواد ۽ ذائقي ۾ جُدا آهن. ان کان سواءِ اهڙن ماڻهن کي پاڪيزه گهرواريون به ملنديون ۽ اهي جنت ۾ هميشه لاءِ رهندا.

**آيت نمبر 26:** اِنَّ اللّٰهَ لَا يَسۡتَحۡىٖۤ اَنۡ يَّضۡرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوۡضَةً فَمَا فَوۡقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا فَيَعۡلَمُوۡنَ اَنَّهُ الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّهِمۡ‌ۚ وَاَمَّا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فَيَقُوۡلُوۡنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ‌ۘ يُضِلُّ بِهٖ كَثِيۡرًا ۙ وَّيَهۡدِىۡ بِهٖ كَثِيۡرًا ‌ؕ وَمَا يُضِلُّ بِهٖۤ اِلَّا الۡفٰسِقِيۡنَۙ ﴿۲۶﴾

**ترجمو:** الله ميڙ ۽ اُن کان وڏيڪ (هيٺيءَ) جي مثال ڏيڻ کان حياء نہ ڪندو آهي، پوءِ جن ايمان آندو آهي سي (پڪ) ڄاڻندا آهن تہ اُهو سندن پالڻهار وٽان (آيل) سچ آهي، ۽ جن انڪار ڪيو سي چوندا آهن تہ هن مثال ڏيڻ مان الله جو ڇا مطلب آهي؟ (الله) ان مثال (ڏيڻ) سببان گهڻن کي ڀلائيندو آهي ۽ ان سببان گهڻن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي، اُن سان اهڙن بي دينن ڪانسواءِ (بي ڪنهن کي) نہ ڀلائيندو آهي. (26)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ڪافرن جي اعتراضن جي ۽ انهن جي جواب کي بيان ڪيو ويو آهي. قرآن مجيد ۾ مختلف شين جا نالا ڏئي مثال بيان ڪيا ويا آهن. ڪوريئڙو، مَکِ ۽ ميڙ وغيره. مُشرڪن ۽ ڪافرن پاران اعتراض ڪيو ويو تہ هي ڪهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ تمام خسيس ۽ حقير شين جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ انهن جا مثال ڏنا ويا آهن. الله تعاليٰ جو ڪلام اهڙن مثالن تي مشتمل نہ ٿو ٿي سگهي، تڏهن هن آيت ۾ واضح ڪيو ويو تہ الله تعاليٰ لاءِ ميڙ يا ان قسم جي ڪنهن بي شيءِ جي مثال ڏيڻ ۾ ڪوبہ حرج ۽ عيب نہ آهي. بلڪ انهن مثالن ڏيڻ جو مقصد مؤمنن ۽ ڪافرن کي واڪو ڪرڻ ۽ ڳالهہ سمجهائڻ آهي. مؤمن جي ذميداري حق ڳالهہ کي مڃڻ آهي. ان حساب سان جيڪي ڪجهہ قرآن ۾ بيان ٿئي ٿو مؤمن الله تعاليٰ جو پيغام سمجهي ان کي حق تسليم ڪن ٿا، جڏهن تہ ڪافر اعتراض ڪندي چون ٿا تہ هن ڳالهہ مان الله تعاليٰ جو ڇا مطلب آهي؟ الله سائين اهڙي طرح ڪن کي هدايت ڏئي ٿو تہ مجين ۽ ٻين کي ڍَرَ ڏئي ٿو تہ اهي ڪُفر تي رهن ۽ جيڪي سندن نافرمان بڻجن ٿا اهي ئي گمراهہ بڻجن ٿا.

**آيت نمبر 27:** الَّذِيۡنَ يَنۡقُضُوۡنَ عَهۡدَ اللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ مِيۡثَاقِهٖ وَيَقۡطَعُوۡنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنۡ يُّوۡصَلَ وَيُفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ‌ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۲۷﴾

**ترجمو:** جيڪي الله جي انجام کي ان جي پڪي ڪرڻ ڪانپوءِ ڀڃندا آهن، ۽ الله جن (ڪمن) جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي تن کي ڇنندا آهن ۽ مُلڪ ۾ فساد وجهندا آهن، اُهي ئي گهاٽي وارا آهن. (27)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ڪافرن جي عمل ۽ سندن انجام ڪي بيان ڪيو ويو آهي. ڪافرن جو هي عمل بہ آهي تہ اهي الله تعاليٰ سان وحدانيت واري ڪيل عهد کي ٽوڙين ٿا. جنهن ڳالهہ جي ڳنڍڻ جي الله سائين پارت ڪئي آهي ان کي ٽوڙين ٿا ۽ ڪُفر توڙي شرارتن سان زمين ۾ ڏقيڙ ڦهلائين ٿا. اهڙي قسم جا ماڻهو خساري ۾ آهن.

**آيت نمبر 28-29:** كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ كُنْتُمْ اَمْوَاتًا فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۸﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۗ ثُمَّ اسْتَوٰۤى اِلَى السَّمَآءِ فَسَوّٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ ؕ وَ هُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۲۹﴾

**ترجمو:** اوهين هن هوندي بہ الله کي ڪهڙيءَ طرح بہ نہ ٿا مڃيو، جو بي ساها هُيؤ پوءِ اوهان کي جيئرو ڪيائين، وري اوهان کي ماريندو، وري اوهان کي جياريندو ۽ وري ڏانهس موٽايا ويندؤ. (28) اُهو (الله) آهي جنهن توهان (جي فائدي) لاءِ جيڪي مڙيئي (شيون) زمين ۾ آهن سي پيدا ڪيون، وري آسمان ڏانهن متوجہ ٿيو پوءِ اُنهن کي ست آسمان ڪري برابر بيهاريائين، ۽ اُهو (الله) سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.(29)

**سمجهاڻي:** هنن ٻن آيتن ۾ وجود باري تعاليٰ جي دليلن ڪي بيان ڪيو ويو آهي. تعجب واري انداز ۾ ڪافرن سان خطاب آهي تہ اوهان کي الله تعاليٰ جي وحدانيت جو قائل ٿيڻ گهرجي، توهان ڪيئن ان پروردگار جي بندگي کان انڪاري ٿا ٿيو، جنهن توهان کي عدم کان وجود ڏنو، وري اوهان کي موت ڏيندو، پوءِ وري ٻيهر زنده ڪندو ۽ نيٺ توهان کي ان جي سامهون حساب ڪتاب لاءِ پيش پوڻو آهي. ان الله تعاليٰ کي مڃڻ کان انڪار ٿا ڪريو جنهن زمين جون سڀ نعمتون اوهان لاءِ پيدا ڪيون آهن ۽ ست آسمان بڻايا آهن، جيڪو هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو. تنهنڪري ان جي انجام کان بچو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هينين آيتن مان ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ

(ب) وَ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۪ وَ ادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب تحرير ڪريو:**

1. الله تعالىٰ مڇر جي مثال بابت ڇا فرمايو آهي؟
2. جنت ۾ مومن، ميون بابت ڇا چوندا؟
3. سورة البقرة جي آيت 28 ۾ انسانن جي ٻن موتن ۽ ٻن حياتين مان ڇا مراد آهي؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. جهنم جو ٻارڻ هوندو:

| | |
|---|---|
| (الف) اڱر | (ب) ڪاٺ |
| (ج) پٿر ۽ ماڻهو | (د) ڏاتون |

2. جنت ۾ رهڻ جي مدت آهي:

| | |
|---|---|
| (الف) عارضي طور | (ب) هميشہ لاءِ |
| (ج) پنجاهه سال | (د) سو سال |

3. قرآن مجيد جي سورت جهڙي ڪا سورت پيش ڪرڻ جو چئلينج ڏنو ويو:

| | |
|---|---|
| (الف) اهل مڪہ کي | (ب) يهودين کي |
| (ج) عيسائين کي | (د) ڪافرن کي |

4. سورة البقرة جي آيت 27 ۾ ڪهڙن ماڻهن کي خساري وارو چيو ويو آهي:

| | |
|---|---|
| (الف) خيانت ڪندڙ | (ب) ڪوڙ ڳالهائيندڙ |
| (ج) عهد ٽوڙيندڙ | (د) ظلم ڪندڙ |

## 4. سورة البقرة: رڪوع: 4، آيتون: 30 کان 39 تائين

**آيت نمبر 30:** وَ اِذۡ قَالَ رَبُّكَ لِلۡمَلٰٓـئِكَةِ اِنِّىۡ جَاعِلٌ فِى الۡاَرۡضِ خَلِيۡفَةً ‌ؕ قَالُوۡٓا اَتَجۡعَلُ فِيۡهَا مَنۡ يُّفۡسِدُ فِيۡهَا وَيَسۡفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَنَحۡنُ نُسَبِّحُ بِحَمۡدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ ‌ؕ قَالَ اِنِّىۡٓ اَعۡلَمُ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ۝٣٠

**ترجمو:** ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو ته آءٌ زمين ۾ هڪ نائب مُقرر ڪرڻ وارو آهيان. (تڏهن) چيائون ته تون منجهس اهڙي کي ڇو ٿو پيدا ڪرين؟ جو زمين تي فساد ڪندو ۽ (ناحق) رت وهائيندو، ۽ اسين تنهنجي ساراهه سان (تنهنجي) پاڪائي واکاڻيون ٿا ۽ توکي پاڪ ڪري مڃيون ٿا، فرمايائين ته جيڪي آءٌ ڄاڻندو آهيان سو توهان نه ڄاڻيندا آهيو. (30)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ انسان ذات جي ابتدائي پيدائش، انسان جي بزرگي ۽ ان جي عظمت ۽ خلافت ارضي ڪي بيان ڪيو ويو آهي. گذريل رڪوع ۾ الله تعالىٰ پنهنجي وحدانيت ۽ بندگيءَ ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ زمين، آسمان ۽ انسان جي پيدائش جهڙين نعمتن جو ذڪر ڪيو. انهن مان انساني پيدائش جي شروعاتي مرحلي ۾ حضرت آدم ۽ حضرت حوا عليهما السلام جي پيدائش، علم جي ڪري ڪين فرشتن مٿان برتري حاصل ٿيڻ ۽ حضرت آدم عليه السلام کي زمين تي خليفو بنائڻ جو ذڪر هن رڪوع ۾ ڪيو ويو آهي.

هن آيت ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي خطاب ڪندي چيو ويو ته اهو وقت به ياد ڪرڻ جي لائق آهي، جڏهن تنهنجي پروردگار ملائڪن کي خبر ڏني ته آءٌ زمين ۾ احڪام نافذ ڪرڻ لاءِ پنهنجو خليفو پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو، تڏهن ملائڪن ڄاڻڻ لاءِ پُڇيو ته اوهين اهڙي مخلوق پيدا ڪرڻ چاهيو ٿا جيڪا زمين ۾ فساد مچائي ۽ خون خرابا پيدا ڪري؟ اسين اوهان جي تسبيح ۽ پاڪائيءَ ۾ رُڌل آهيون، الله تعالىٰ واضح فرمايو ته ان مخلوق جي پيدائش مان منهنجو مقصد ڇا آهي؟ تنهن جو اوهان کي علم ئي ڪونهي. آءٌ پنهنجي حڪمتن کي پاڻ ڄاڻان ٿو.

**آيت نمبر 31-32-33:** وَعَلَّمَ اٰدَمَ الۡاَسۡمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمۡ عَلَى الۡمَلٰٓـئِكَةِ فَقَالَ اَنۡۢبِـُٔوۡنِىۡ بِاَسۡمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ۝٣١ قَالُوۡا سُبۡحٰنَكَ لَا عِلۡمَ لَنَآ اِلَّا مَا عَلَّمۡتَنَا ‌ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَلِيۡمُ الۡحَكِيۡمُ ۝٣٢ قَالَ يٰٓـاٰدَمُ اَنۡۢبِئۡهُمۡ بِاَسۡمَآئِهِمۡ‌ ۚ فَلَمَّآ اَنۡۢبَاَهُمۡ بِاَسۡمَآئِهِمۡ ۙ قَالَ اَلَمۡ اَقُلۡ لَّكُمۡ اِنِّىۡٓ اَعۡلَمُ غَيۡبَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِۙ وَاَعۡلَمُ مَا تُبۡدُوۡنَ وَمَا كُنۡتُمۡ تَكۡتُمُوۡنَ ۝٣٣

**ترجمو:** ۽ (الله) آدم کي سيني شين جا نالا سيکاريا وري اُهي (شيون پُڇا لاءِ) ملائڪن جي آڏو ڪيائين پوءِ فرمايائين ته جيڪڏهن سچا آهيو ته هنن جا نالا ڏسيوم. (31) چيائون ته تون پاڪ آهين جيڪي اسان کي ڄاڻايو اٿئي تنهن کانسواءِ اسان کي (ٻي) ڪا خبر نه آهي، بيشڪ تون ئي ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهين. (32) (الله) چيو ته اي آدم! انهن جا نالا کين ڏس، پوءِ جڏهن کين انهن جا نالا ڏسيائين (تڏهن الله) چيو ته اوهان کي نه چيو هوم ڇا؟ ته آءٌ ئي آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه ڄاڻندو آهيان ۽ جيڪي ظاهر ڪيو ٿا ۽ جيڪي لڪايو ٿا سو به ڄاڻندو آهيان. (33)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ الله تعالیٰ فرشتن جي گفتگو بعد حضرت آدم عليه السلام جي تخليق ٿي ۽ پوءِ ڪنهن وقت الله تعالیٰ ملائڪن تي دليل ذريعي حضرت آدم عليه السلام جي اهميت ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ امتحان جو انتظام ڪيو. حضرت آدم عليه السلام کي سيني شين جي نالن جو علم عطا فرمائي ملائڪن سامهون پيش ڪيو ۽ حڪم ڪيو ته اوهين سچا آهيو ته انهن شين جا نالا ٻڌايو. تڏهن سيني پنهنجي عاجزي جو اقرار ڪندي عرض ڪيو: اي رب! تنهنجي ذات پاڪ آهي. اسان کي ته تنهنجي عطا ڪيل علم کان علاوه ڪا به ڄاڻ ناهي، بيشڪ تون پنهنجي فيصلن ۽ حڪمتن کي پاڻ بهتر ڄاڻين ٿو. پوءِ حضرت آدم عليه السلام کي حڪم ٿيو ته کين انهن شين جا نالا ٻُڌاءِ. حضرت آدم عليه السلام شين جا نالا ٻُڌايا، تڏهن الله سائين پنهنجي حجت قائم ڪندي فرمايو: ڇا آءٌ اوهان کي نه ٻُڌائي چڪو هيس ته آسمانن ۽ زمينن جي ڳُجهن کي آءٌ ئي ڄاڻان ٿو ۽ مون کي اها به خبر آهي ته اوهين ڇا ظاهر ڪيو ٿا ۽ ڇا لِڪايو ٿا.

**آيت نمبر 34:** وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ ۫ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٤﴾

**ترجمو:** ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن ملائڪن کي چيوسون ته آدم کي سجدو ڪريو تڏهن شيطان کان سواءِ (ٻين) سجدو ڪيو. هن (شيطان) انڪار ڪيو ۽ هٺ ڪيائين ۽ ڪافرن مان ٿيو. (34)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ فرشتن جو حضرت آدم عليه السلام کي سجدو ڪرڻ ۽ شيطان جي تڪبر ڪرڻ کي بيان ڪيو ويو آهي. جڏهن علمي طرح حضرت آدم عليه السلام ملائڪن تي غالب ٿيو ته سندس فضيلت ۽ برتري وڏائڻ لاءِ الله تعالیٰ ملائڪن کي سندس سامهون تعظيمي سجدي ڪرڻ جو حڪم فرمايو پوءِ انهن سجدو ڪيو. پر ابليس وڏائي ۽ تڪبر ڪيو ۽ سجدي کان انڪار ڪيو. ان نافرمانيءَ سبب ڪافرن مان بنجي ويو.

**آيت نمبر 35:** وَ قُلْنَا يٰۤاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَ زَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَ كُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا ۪ وَ لَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۳۵﴾

**ترجمو:** ۽ چيوسون تہ اي آدم! تون ۽ تنھنجي زال بھشت ۾ رھو ۽ جتان وڻيوَ اتان مزي سان کائو، ۽ ھن وڻ کي ويجھا نہ وڃجو نہ تہ ظالمن مان (شمار) ٿيندؤ. (35)

**سمجھاڻي:** هن آيت ۾ حضرت آدم عليه السلام جي جنت واري زندگي ۽ منع ڪيل وڻ جي ويجھي نہ وڃڻ جي حڪم ڪي بيان ڪيو ويو آهي. حضرت آدم عليه السلام امتحان ۾ ڪامياب ٿيو سندس رهائش جو بندوبست، نعمتن واري جڳھ جنت ۾ ٿيو. جتي سندس ورونهن لاءِ ان جي گھر واري حضرت حوا عليها السلام جي تخليق ٿي، تڏهن الله تعالىٰ اعلان فرمايو: ۽ جڏهن اسان آدم ڪي چيو تہ اي آدم! تون ۽ تنھنجي زال هن بهشت ۾ رهيا پيا هجو، جيڪو ۽ جتان وڻي اُتان مزي سان ڪائو، پر هن هڪ وڻ جي ويجھا نہ وڃجو نہ تہ اوهين پاڻ تي زيادتي ڪرڻ وارن مان ٿي پوندؤ.

**آيت نمبر 36:** فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيْهِ ۪ وَ قُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَ لَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّ مَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۳۶﴾

**ترجمو:** پوءِ شيطان اُتاهون انھن کي ٿيڙيو پوءِ جنھن (مزي) ۾ ھئا تنھن مان کين (ٻاھر) ڪڍيائين، ۽ چيوسون تہ (بھشت مان) نڪري ھيٺ ٿيو اوھين ھڪ ٻئي جا ويري آھيو، ۽ اوھان لاءِ ڪنھن وقت تائين زمين ۾ رھڻ جو ھنڌ ۽ (گذران جو) سامان (نھرايل) آھي. (36)

**سمجھاڻي:** هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پوءِ شيطان ڪُوڙا قسم ڪڻي کين ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انھن منع ڪيل وڻ جو ميوو ڪائي ورتو، تڏهن کين جنت مان ڪڍي ڌرتيءَ تي موڪليو ويو. پوءِ الله تعالىٰ طرفان کين ٻُڌايو ويو تہ هاڻي اوهان جي رهائش زمين تي آهي ۽ اوهين هڪ ٻئي جا دشمن آهيو ۽ ڌرتيءَ تي اوهان جي رهائش ڪجھ عرصي لاءِ ٿيندي وري اوهان کي مون ڏانهن واپس ٿيڻو آهي.

**آيت نمبر 37:** فَتَلَقّٰۤى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۳۷﴾

**ترجمو:** پوءِ آدم پنھنجي پالڻھار وٽان ڪي لفظ سکيا پوءِ (الله) مٿس ٻاجھ ڪئي، بيشڪ اُھو ئي معافي ڏيندڙ مھربان آھي. (37)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ شيطان تہ پنهنجي نافرماني باوجود هوڏ تي قائم رهيو، البتہ حضرت آدم عليه السلام پنهنجي پالڻهار کي ٻاڏائيندو رهيو، الله تعالىٰ کيس ڪجھ الفاظ سيکاريا ۽ پوءِ سندس توبه قبول ٿي ۽ الله تعالىٰ تہ پنهنجي ٻانهن جون غلطيون معاف ڪندڙ ۽ مٿن بيحد ٻاجھ ڪندڙ آهي.

**آيت نمبر 38-39:** قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۳۹﴾

**ترجمو:** چيوسين تہ منجهانئس سڀ لهي هيٺ وڃو، پوءِ جڏهن مون (الله) وٽان اوهان وٽ ڪا هدايت اچي تڏهن جيڪي منهنجي هدايت تي هلندا تن کي ڪو پڻ ڪونهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا. (38) ۽ جن نہ مڃيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪُوڙو ڄاتو سي دوزخي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. (39)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ قومن جي هدايت ۽ ضلالت جي ڪارڻ کي بيان ڪيو ويو آهي تہ الله تعالىٰ کين چيو تہ هاڻي اوهين سيئي انسان ڌرتي تي وڃي رهو ۽ زندگي گذاريو پر اسان جي طرفان جڏهن ڪنهن پيغمبر سڳوري ذريعي هدايت جو پيغام پهچي تہ ان کي اختيار ڪجو، جو تہ جيڪو منهنجي هدايت کي قبوليندو تہ ان کي جنت ملندي، جتي کيس نڪي ڏک هوندو ۽ نہ اهو غمگين ٿيندو. پر جيڪو منهنجي طرفان موڪليل هدايت کي ڪُوڙو سمجهي ان جو انڪار ڪندو تہ اهڙن ماڻهن کي باھ وارن ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ اهي ان عذاب ۾ هميشہ رهندا.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) وَعَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَى الْمَلٰٓئِكَةِ فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِيْ بِاَسْمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ

(ب) وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ ۫ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ

(ب) **هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب تحرير ڪريو:**

1. سورة البقرة جي روشنيءَ ۾ حضرت آدم عليه السلام ۽ ابليس جي واقعي ڪي مختصر بيان ڪريو.
2. حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش تي فرشتن ڪهڙي بنياد تي سوال ڪيو؟
3. ابليس، حضرت آدم عليه السلام کي سجدو ڇا لاءِ نہ ڪيو؟

(ج) **دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حضرت آدم عليه السلام کي علم عطا ڪيو ويو:

(الف) آسمانن جو (ب) زمينن جو

(ج) سڀني شين جي نالن جو (د) ميون جو

2. حضرت آدم عليه السلام لاءِ سجدي جو حڪم ڏيو:

(الف) سموري مخلوق کي (ب) ملائڪن کي

(ج) جنن کي (د) حيوانن کي

3. حضرت آدم ۽ حضرت حوا عليهما السلام کي منع ڪيو ويو:

(الف) جنت کان (ب) دنيا کان

(ج) هڪ وڻ کان (د) ڪاٺ خوراڪ کان

**پس منظر:** هن سورت جي منڍ ۾ 'اَلۡاَنۡفَال' جو لفظ استعمال ٿيو آهي، جنهن تان ان جو اهو نالو پيو آهي. هيءَ سورت مدينه منوره ۾ سن 2 هجري ۾ غزوه بدر جي موقعي تي نازل ٿي. ان ۾ مالِ غنيمت جا مسئلا ۽ ان جي ورهاست جو طريقو ٻُڌايو ويو آهي، تنهن کان سواءِ ان سورة جي اهم موضوعن ۾ مؤمنن جون صفتون، هجرت جو قِصو، مُشرڪن جي دشمني ۽ سندن بداعماليون، جهاد في سبيل الله جي ترغيب، ڪافرن سان صلح، جنگي قيدين جا اصول ۽ هجرت جا ڪي مسئلا شامل آهن.

## 1. سورة الانفال: رڪوع 1، آيتون: 1 کان 10 تائين

**آيت نمبر 1:** يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡاَنۡفَالِ ؕ قُلِ الۡاَنۡفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوۡلِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَصۡلِحُوۡا ذَاتَ بَيۡنِكُمۡ ۪ وَاَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ①

**ترجمو:** (اي پيغمبر!) غنيمت جي مال بابت توهان کان پڇن ٿا، چؤ ته غنيمت جو مال الله ۽ پيغمبر جو آهي، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ اوهين پنهنجو پاڻ ۾ نهراءُ ڪريو ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو ته الله ۽ سندس رَسُول جي فرمانبرداري ڪريو. (1)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ 'انفال' جو مطلب، حڪم، پاڻ ۾ صلح سان رهڻ ۽ الله تعالىٰ ۽ سندس رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري ڪرڻ ڪي بيان ڪيو ويو آهي. لفظ 'انفال' نفل جو جمع آهي. جنهن جي لفظي معنىٰ: واڌي يا واڌارو آهي. جنهن ريت لازم عبادت کان سواءِ ثواب لاءِ ڪيل عبادت کي 'نفل' چئبو آهي، ساڳيءَ طرح غنيمت جي مقرر حصي کان وڌيڪ انعام طور ڏنل حصي کي به 'نفل' چئبو آهي. جنگ ۾ دشمن مٿان غالب ٿيڻ کان پوءِ سندن هٿ آيل شيون 'غنيمت' سڏبيون آهن ۽ جيڪڏهن جنگ کان اڳي ئي دشمن شڪست مڃي فرار ٿي وڃي ته سندن ڇڏيل شين کي 'مالِ فَيۡ' چئبو آهي. هتي 'انفال' مان مالِ غنيمت ئي مراد آهي.

**انفال جو حڪم:** هن آيت ۾ مال غنيمت جي ورهاست جو اجمالي حڪم ٻڌايو ويو آهي البت اڳتي 'اعلمو انما غنمتم' کان ان جي وضاحت ڪئي وئي آهي. اي پيغمبر! اوهان کان مالِ غنيمت بابت پُڇا ڪن ٿا. اوهان کين ٻُڌايو ته مالِ غنيمت جي ورهاست جو اختيار الله تعالىٰ

۽ سندس رسول وٽ آهي. تنهنڪري الله تعالىٰ جي نافرمانيءَ کان ڊڄندا رهو ۽ پاڻ ۾ صلح ۽ عافيت سان رهو ۽ جيڪڏهن پنهنجي ايمان ۾ سچا آهيو تہ الله تعالىٰ ۽ سندس رسول حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪمن جي تابعداري ڪريو.

**استادن لاءِ هدايتون**

غنيمت ۽ ان جا مترادف لفظ: انفال ۽ فيءِ بحث هيٺ آڻي تنهي اصطلاحن کي جدا جدا سمجهايو.

**آيت نمبر 2-3-4:** اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ۚ ﴿۲﴾ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ؕ ﴿۳﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ۚ ﴿۴﴾

**ترجمو:** مُؤمن اُهي ئي آهن جن جون دليون جڏهن الله ياد ڪيو ويندو آهي (تہ) ڊڄنديون آهن ۽ جڏهن سندس آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائبيون آهن تڏهن اُهي سندن ايمان کي وڌائينديون آهن ۽ پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن. (2) اُهي نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪي کين رزق ڏنوسون تنهن مان خرچ ڪندا آهن. (3) اِهي ئي پڪا مؤمن آهن. انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ (وڏا) درجا ۽ بخشش ۽ چڱي روزي آهي. (4)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ اهي خوبيون بيان ڪيون ويون آهن، جيڪي هر مؤمن ۾ انهن صفتن جو هئڻ ضروري آهي:

- جڏهن انهن جي سامهون الله تعالىٰ ۽ سندس وڏائي بيان ڪئي وڃي ٿي تہ سندن دلين ۾ هيبت طاري ٿي وڃي ٿي ۽ اهي الله تعالىٰ جي خوفِ ۾ ڏَکي وڃن ٿيون.
- جڏهن سندن سامهون قرآن مجيد جي تلاوت ڪئي وڃي ٿي تہ سندن ايمان وڌي وڃي ٿو.
- اهي هر ڳالهہ ۾ پنهنجي پروردگار مٿان ڀروسو رکن ٿا.
- اهي نماز کي ساري سنياري ادا ڪن ٿا.
- ۽ جيڪو ڪجهہ الله تعالىٰ کين عنايت ڪيو آهي تنهن مان سماج جي ضرورت مندن تي خرچ ڪن ٿا.

جيڪي شخص اهڙين خوبين جا مالڪ آهن، اهي ئي حقيقي ۽ سچا مؤمن آهن. انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ اعلىٰ درجا ۽ بخشش ۽ باجهه سان گڏ نهايت عمدو رزق تيار ٿيل آهي. جيڪو کين جنت ۾ ملندو.

**استادن لاءِ هدايتون**

مومنن جي وڏيڪ وصفن ۽ خوبين تي روشني وجهو.

**آيت نمبر 5-6:** كَمَاۤ اَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْۢ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ ۪ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ لَكٰرِهُوْنَ ۙ ۝ يُجَادِلُوْنَكَ فِي الْحَقِّ بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ۝

**ترجمو:** جيئن تنهنجي رب توکي تنهنجي گهر (مديني) مان سچي تدبير لاءِ ٻاهر آندو، ۽ بيشڪ مؤمنن منجهان هڪ ٽولي ضرور ناراض هئي. (5) اُهي سچي ڳالهه بابت ان جي پڌري ٿيڻ کانپوءِ (به) توسان گفتگو ڪندا رهيا ڄڻ ته اُهي (اکين سان) ڏسندي موت ڏانهن هڪليا وڃن ٿا. (6)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ جنگ بدر لاءِ اصحاب ڪرام رضي الله عنهم جي وچ ۾ ٿيل اختلاف راءِ ڪي بيان ڪيو ويو آهي. كَمَاۤ اَخْرَجَكَ رَبُّكَ: اي پيغمبر! جهڙيءَ ريت مالِ غنيمت جي ورهاست ۾ اوهان کي اختيار ڏنو ويو ۽ ڪي ماڻهو ان تي اعتراض ڪندا رهيا. ساڳيءَ ريت جنگ بدر لاءِ تيار ٿيڻ مهل به ڪجهه اصحاب سڳورن رضي الله عنهم قريش مڪه وٽ وڏي مسلح لشڪر هجڻ ۽ مسلمانن وٽ لشڪر جي ٿوري هجڻ ۽ هٿيارن جي نه هجڻ برابر جي ڪري راءِ ڏني ته لڙائي نه ڪرڻ گهرجي ۽ رڳو ابوسفيان واري قافلي جو مال حاصل ڪجي ان ڪري ته ان مال کي ڪافر اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف استعمال ڪندا، پر الله تعالىٰ اوهان کي گهران نڪرڻ جي راهه ڏيکاري ۽ ڪجهه ماڻهو ٻي دليا ٿي هليا. الله تعالىٰ طرفان واضح فيصلي بعد به اهي اوهان سان اهڙيءَ طرح بحث ڀيا ڪن ڄڻ کين موت ڏانهن ڪاهيو پيو وڃي ۽ هو ان کي اکين سان ڏسندا هجن. لڙائيءَ کان کين ايترو ڀؤ پئي لڳو جڏهن ته موت ۽ زندگي سڀ الله تعالىٰ جي هٿ ۾ آهي.

**آيت نمبر 7-8:** وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ۙ ۝ لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۚ ۝

**ترجمو:** ۽ (ياد ڪريو) تہ جڏهن الله اوهان سان انجام ڪيو تہ (ڪافرن جي) ٻن ٽولين مان هڪ اوهان کي هٿ لڳندي ۽ اوهان گهريو ٿي تہ بي هٿيار (ٽولي) اوهان لاءِ هُجي ۽ الله گهريو ٿي تہ پنهنجي حُڪم سان حق کي ثابت ڪري ۽ ڪافرن جي پاڙ هِنَ لاءِ وڍي. (7) تہ حق کي ثابت ڪري ۽ باطل کي باطل ڪري پوءِ ڀلي ڏوهاري ناراض رهن. (8)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ مسلمانن لاءِ ڪافرن جي ٻن ٽولين مان هڪ ٽوليءَ تي غلبو ۽ برتري کي بيان ڪيو ويو آهي. هوڏانهن الله تعالىٰ اوهان سان ابوسفيان جي قافلي تي غلبي يا ابوجهل جي لشڪر تي فتح جو وعدو ڪري ڇڏيو هو پر اوهين ابوسفيان واري قافلي سان مقابلو ڪري بغير ڪنهن مشقت جي اها شيءِ حاصل ڪرڻ پيا چاهيو، جڏهن تہ الله تعالىٰ جو هي اِرادو هو تہ ابوجهل جي اڳواڻي ۾ آيل لشڪر سان مسلمانن جو مقابلو ٿئي ۽ پنهنجي فيصلي سان حق کي واضح ڪري ۽ ڪافرن جي پاڙ ئي پٽي ڇڏي، تہ جيئن ڪافرن ۽ مجرمن جي نہ چاهڻ باوجود حق واضح ٿئي ۽ باطل کي شڪست اچي.

**استادن لاءِ هدايتون**

ڪافرن جي ٻن جماعتن مان مراد ڇا آهي؟ ۽ انهن جو انجام بيان ڪريو.

**آيت نمبر 9-10:** اِذۡ تَسۡتَغِيۡثُوۡنَ رَبَّكُمۡ فَاسۡتَجَابَ لَكُمۡ اَنِّىۡ مُمِدُّكُمۡ بِاَلۡفٍ مِّنَ الۡمَلٰٓـئِكَةِ مُرۡدِفِيۡنَ ۝ وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشۡرٰى وَلِتَطۡمَئِنَّ بِهٖ قُلُوۡبُكُمۡۚ وَمَا النَّصۡرُ اِلَّا مِنۡ عِنۡدِ اللّٰهِؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ۝

**ترجمو:** جڏهن جو پنهنجي پالڻهار کي فرياد ٿي ڪيوَ تہ (اُها) اوهانجي (فرياد) قبول ڪيائين (فرمايائين) تہ آءٌ لڳو لڳ هڪ ٻئي پٺيان ايندڙن هڪ هزار ملائڪن سان اوهان جي مدد ڪندڙ آهيان. (9) الله ان (مدد) کي رڳو خوشخبري ڪيو هو ۽ تہ اُن سان اوهان جون دليون تسلّي وارئون ٿين. ۽ الله (جي پار کان) سواءِ (ٻئي هنڌان) مدد (ملڻي) نہ آهي. ڇوتہ الله غالب حڪمت وارو آهي. (10)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ غزوه بدر ۾ سيدنا رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جن جي دعا جي قبول ٿيڻ (ملائڪن جي نزول) کي بيان ڪيو ويو آهي. اِذۡ تَسۡتَغِيۡثُوۡنَ رَبَّكُمۡ: اڳتي آيت 9-14 ۾ غزوه بدر جي موقعي تي پيش ايندڙ حالتن ۽ الله تعالىٰ جي نصرت جي مختلف صورتن کي بيان ڪيو ويو آهي. اي پيغمبر! اهو وقت بہ قابلِ ذڪر آهي جڏهن اوهين جنگ بدر جي موقعي تي پنهنجي پالڻهار کان سوڀ ۽ فتح جون

دُعائون پيا گُهرو. پوءِ ان اوهان جون دُعائون اگهايون ۽ وحي موڪليائين آءٌ لڳاتار ايندڙ هڪ هزار ملائڪن جي جٿي سان اوهان جي مدد ڪندس ۽ الله تعالىٰ ان مدد جو وعدو صرف خوش ڪرڻ ۽ اوهان جي دلين کي ڏڍ ڏيارڻ لاءِ ڪيو ۽ ورنہ فتح ۽ ڪاميابي تہ الله تعالىٰ جي هٿ ۾ آهي. جيڪو وڏو حڪمت وارو آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هينين آيتن مان ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ۙ

(ب) اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب تحرير ڪريو:**

1. انفال، غنيمت ۽ فيءُ جو مفهوم بيان ڪريو.
2. سورة الانفال جي پهرين آيت ۾ ڪهڙين ٽن ڳالهين جو مومنن کي حڪم ڏنو ويو آهي؟
3. هن سبق ۾ مومنن جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويو آهن؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. سورة الانفال، نازل ٿي:

(الف) جنگ بدر جي موقعي تي (ب) جنگ احد جي موقعي تي
(ج) جنگ خندق جي موقعي تي (د) جنگ خيبر جي موقعي تي

2. بدر جي لڙائيءَ ۾ مومنن سان مدد جو انجام ڪيو ويو هو:

(الف) هڪ هزار ملائڪن جو (ب) ٻہ هزار ملائڪن جو
(ج) پنج هزار ملائڪن جو (د) ڏهہ هزار ملائڪن جو

3. سورة الانفال نازل ٿي:

(الف) 5 ھ ۾ (ب) 4 ھ ۾

(ج) 3 ھ ۾ (د) 2 ھ ۾

**شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ سرگرمي**

شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي هيٺين موضوعن تي گروپن ۾ اسائنمنٽ لکڻ گهرجي:

1. غزوه بدر واقع ٿيڻ جا مکيہ سبب.
2. مسلمانن جي حڪمت عملي.
3. نتيجو.

## 2. سورة الانفال: رڪوع: 2، آيتون: 11 کان 19 تائين

**آيت نمبر 11:** اِذۡ يُغَشِّيۡكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً مِّنۡهُ وَيُنَزِّلُ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمۡ بِهٖ وَيُذۡهِبَ عَنۡكُمۡ رِجۡزَ الشَّيۡطٰنِ وَلِيَرۡبِطَ عَلٰى قُلُوۡبِكُمۡ وَيُثَبِّتَ بِهِ الۡاَقۡدَامَ ؕ﴿۱۱﴾

**ترجمو:** (ياد ڪريو) جنهن مهل پنهنجي طرف کان امن ڏيڻ لاءِ اوهان کي اونگهه ڍڪايائين ۽ اوهان تي آسمان مان پاڻي هِن لاءِ وسايائين تہ اُن سان اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان کان شيطان جي پليتي پري ڪري ۽ اوهان جي دلين کي مضبوط ڪري ۽ ان سان (اوهان جي) قدمن کي ڄمائي رکي. (11)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ غزوه بدر ۾ مومنن لاءِ الله تعالىٰ جي مدد (ننڊ جو طاري ٿيڻ، مينهن وسائڻ ۽ دلي سڪون) کي بيان ڪيو ويو آهي. مٿئين رڪوع ۾ جن نعمتن ۽ خاص نصرت جو ذڪر هو، تنهن ۾ هي ڳالهيون بہ شامل هيون: خوف ۽ لڙائيءَ وقت امن ۽ سڪون ڏيارڻ لاءِ الله تعالىٰ اوهان مٿان اونگهہ طاري ڪئي جيئن پريشاني دُور ٿئي ۽ ان حالت ۾ صحابه ڪرام رضي الله عنهم ويني ويني ننڊ جا جهوٽا کائيندا رهيا ۽ ميدانِ جنگ ۾ اوهان کي پاڻيءَ جي تڪليف هئي گڏوگڏ اوهان وارياسي پاسي کان بيٺا هئا، جتي هلڻ چلڻ ۾ مشڪل هئي. الله تعالىٰ مينهن وسائي اوهان لاءِ پاڻي جو انتظام فرمايو تہ اوهين پاڪائي، توڙي استعمال لاءِ ڪتب آڻيو ۽ ان سان اوهان جي پيرن ٽڪڻ جو مسئلو بہ حل ٿي ويو جو مِينهن سان واري ڄمي وئي ۽ اوهان کي جيڪي شيطاني وسوسا پئي آيا تہ اسان جي مدد ٿيندي الاءِ نہ؟ سي بہ ختم ٿيا ۽ اوهان جون دليون مضبوط ٿي پيون ۽ دلي سڪون نصيب ٿيو.

**آيت نمبر 12-13-14:** اِذۡ يُوۡحِىۡ رَبُّكَ اِلَى الۡمَلٰٓـئِكَةِ اَنِّىۡ مَعَكُمۡ فَثَبِّتُوا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ؕ سَاُلۡقِىۡ فِىۡ قُلُوۡبِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوا الرُّعۡبَ فَاضۡرِبُوۡا فَوۡقَ الۡاَعۡنَاقِ وَاضۡرِبُوۡا مِنۡهُمۡ كُلَّ بَنَانٍ ؕ﴿۱۲﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ ۚ وَمَنۡ يُّشَاقِقِ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿۱۳﴾ ذٰلِكُمۡ فَذُوۡقُوۡهُ وَاَنَّ لِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۴﴾

**ترجمو:** (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن ڏانهن وحي ڪيو تہ آءٌ اوهان سان آهيان تنهنڪري مؤمنن کي همٿايو. ڪافرن جي دل ۾ جلد ئي دهشت وجهندس پوءِ (اي مؤمنو!) ڪافرن جي گردنن تي ڌڪ هڻونِ ۽ اُنهن جي آڱرين جا سنڌ پيجو. (12) اِهو (حُڪم) هن سببان آهي جو انهن الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي مُخالفت ڪندو تہ بيشڪ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي. (13) اها (سزا اتي) پوءِ ان کي چکو ۽ پڪ ڄاڻو تہ ڪافرن لاءِ باهہ جو عذاب آهي. (14)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ غزوه بدر جي موقعي تي بدر جي ميدان ۾ مومنن لاءِ الله تعالىٰ جي انعامن جي بيان ڪيو ويو آهي. الله تعالىٰ اوهان جي مدد لاءِ ملائڪن جي مدد جو وعدو ڪري چڪيو ۽ اهو وقت به ياد رکڻ جهڙو آهي جڏهن تنهنجي رب ملائڪن کي هدايتون پئي جاري ڪيون ته منهنجو ساٿ اوهان سان ٿئي آهي سو توهين مؤمنن کي ثابت قدم رکو. آءٌ ڪافرن جي دلين ۾ رعب ۽ دبدبو وجهي ٿو ڇڏيان. اهي اوهان جي اڳيان ڪا مزاحمت نه ڪندا، اوهين سڀ گڏجي سندن ڪنڌ اُڏايو ۽ سَنڌ سَنڌ ڪُٽيو. اهو هن ڪري ته ڪافرن الله تعالىٰ ۽ سندس رسول حضرت محمد رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان مهاڏو اٽڪايو آهي ۽ جيڪو الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان مقابلو ڪندو سو نقصان پائيندو ڇو ته الله تعالىٰ جي ذات سخت بدلو وٺندڙ آهي.

ڪافرن کي اشارو آهي ته اهو دنيا جو عذاب آهي، ان جو مزو چکو. وڌيڪ ٻُڌايو ويو ته انهن انڪارين لاءِ جهنم جو عذاب الڳ سان تيار آهي.

**آيت نمبر 15-16:** يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ ﴿۱۵﴾ وَ مَنْ يُّوَلِّهِمْ يَوْمَئِذٍ دُبُرَهٗٓ اِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ اَوْ مُتَحَيِّزًا اِلٰى فِئَةٍ فَقَدْ بَآءَ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ مَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۱۶﴾

**ترجمو:** اي مؤمنؤ! جڏهن (ويڙهه ۾) ڪافرن جي ٽولي سان آمهون سامهون ٿيو تڏهن اُنهن کي پٺي ڏئي نه ڦرو. (15) ۽ اُنهيءَ ڏينهن لڙائيءَ جي چال ڪيڏندڙ يا (پنهنجي لشڪر جي) ڪنهن ٽوليءَ ڏانهن پاسي وٺندڙ ڪانسواءِ جيڪو انهن کي پٺي ڏئي ڦِرندو سو بيشڪ الله جي ڏمر هيٺ آيو ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي، ۽ اُها تمام بڇڙي جاءِ آهي. (16)

**سمجهاڻي:** يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا: هنن آيتن ۾ ڪجهه جنگي اصول ٻُڌايا ويا آهن، انهن اصولن ۾ هي ڳالهيون شامل آهن:

- اي ايمان وارؤ! جنگ دوران جڏهن اوهان جو ڪافرن سان مقابلو ٿئي ته ڪڏهن به پُٺي ڏئي ڀڄڻ جي ڪوشش نه ڪجو ۽ جيڪو اهڙي ڏينهن پوئتي ڦرندو تنهن ڄڻ الله تعالىٰ جو ڏمر ساڻ ڪري واپسي ڪئي ۽ ان جو ٺڪاڻو جهنم هوندو.
- البت جيڪڏهن پوئتي هٽڻ جو مقصد فرار اختيار ڪرڻ نه بلڪ ڪا جنگي چال ڪيڏڻ، دشمن کي دوکو ڏيڻ يا پنهنجي ساٿين سان ملڻ هجي ته اها جُدا ڳالهه آهي ان ۾ ڪو به ڏوهه ڪونهي.

**استادن لاءِ هدايتون**

جهاد ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ هڪ مجاهد لاءِ ذميدارين بابت بحث کان پوءِ اهم نڪتا تحرير ڪرايو.

**آيت نمبر 17-18:** فَلَمۡ تَقۡتُلُوۡهُمۡ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمۡ ۖ وَمَا رَمَيۡتَ اِذۡ رَمَيۡتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ وَلِيُبۡلِىَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ مِنۡهُ بَلَآءً حَسَنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۱۷﴾ ذٰلِكُمۡ وَاَنَّ اللّٰهَ مُوۡهِنُ كَيۡدِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۱۸﴾

**ترجمو:** پوءِ ڪين اوهان قتل نہ ڪيو پر الله ڪين ماريو آهي، ۽ (اي پيغمبر) جڏهن تو (ڌوڙ جي مُٺ) اُڇلي تہ (اُها) تو نہ اُڇلي پر الله اڇلي ۽ (هن لاءِ) تہ پاڻ وٽان مؤمنن کي (نعمت ڏيڻ سان) چڱي طرح آزمائي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. (17) اِهو (حال) آهي ۽ الله ڪافرن جي مڪر کي ڪمزور ڪندڙ آهي. (18)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪاميابيءَ جو دارومدار الله تعالىٰ جي غيبي مدد تي آهي. مومن جو ايمان آهي تہ ظاهري اسباب پُنيان هر ڪم ۾ الله تعالىٰ جي قدرت هوندي آهي. ان تصور کي ظاهر ڪندي الله تعالىٰ غزوه بدر واري جنگ ياد پيو ڏياري تہ مسلمانن هٿان جيڪي ڪافر قتل ٿيا. تن کي اوهان ڪِين قتل ڪيو پر الله تعالىٰ قتل ڪيو ۽ اي پيغمبر! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جنگ جي شروع ۾ اوهان جيڪا مٽي ڪافرن ڏانهن اُڇلي جنهن سان اهي اکيون مهٽيندا رهيا اصل ۾ اها اوهان نہ پر الله تعالىٰ ئي انهن تائين پهچائي. جو تہ سندس حڪم کان سواءِ ڪجهہ بہ ممڪن نہ آهي ۽ اها جنگ هن ڪري ٿي تہ جيئن مؤمنن کي اُتان سهڻو بدلو عطا ڪيو وڃي. بيشڪ الله تعالىٰ وڏو ٻُڌندڙ علم رکندڙ آهي ۽ يقيناً الله تعالىٰ ڪافرن جي سازشن کي ڪمزور ڪندڙ آهي.

**آيت نمبر 19:** اِنۡ تَسۡتَفۡتِحُوۡا فَقَدۡ جَآءَكُمُ الۡفَتۡحُ ۚ وَاِنۡ تَنۡتَهُوۡا فَهُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ ۚ وَاِنۡ تَعُوۡدُوۡا نَعُدۡ ۚ وَلَنۡ تُغۡنِىَ عَنۡكُمۡ فِئَتُكُمۡ شَيۡـًٔـا وَّلَوۡ كَثُرَتۡ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۹﴾

**ترجمو:** (اي ڪافرؤ!) جڏهن (بدر جي لڙائيءَ جي سنبرڻ مهل ڪُفر ۽ اسلام جي سچائي پرکڻ لاءِ) سوڀ گهريوَ تہ بيشڪ اوهان جي آڏو (اسلام کي) سوڀ آئي، ۽ جيڪڏهن اوهين (اسلام جي سچائي سمجهي ڪفر کان) بس ڪندؤ تہ اهو اوهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن ٻيهر (ويڙهہ لاءِ) ايندؤ تہ وري (اسلام کي فتح) ڏينداسون، ۽ اوهانجو لشڪر جيتوڻيڪ گهڻو هوندو تہ بہ اوهان کان ڪُجهہ بہ ٽاري نہ سگهندو ۽ بيشڪ الله مؤمنن سان (ساڻ) آهي. (19)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ الله تعاليٰ طرفان ڪافرن ڪي خطاب ۽ تنبيه ڪي بيان ڪيو ويو آهي. اِنۡ تَسۡتَفۡتِحُوۡا: مسلمانن سان لڙائي لاءِ نڪرڻ وقت ابوجهل ڪعبة الله جي غلاف کي پڪڙي حق جي فتح ۽ ڪاميابي جي دُعا گهري هئي. جيڪا مسلمانن جي حق ۾ قبول ٿي، ڇو ته اهي حق تي هئا. تڏهن الله تعاليٰ ڪافرن کي فرمايو: اوهين جيڪا فتح جي دُعا پيا گُهرو سا فتح ته اچي چڪي آهي. هاڻي اوهين پنهنجي شرارتن ۽ اسلام جي مخالفت کان پرهيز ڪريو، جيڪڏهن رُڪيا رهندؤ ته اوهان لاءِ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن وري پنهنجي شرارتن واري واٽ اختيار ڪندؤ ته پوءِ يقين ڄاڻو گهڻائي باوجود اوهان کي پنهنجو ٽولو ڪوبه فائدو نه ڏئي سگهندو ڇو ته الله تعاليٰ مؤمنن سان گڏ آهي.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

جنگ دوران پوئتي هٽڻ جون جيڪي صورتون مجاهد لاءِ درست آهن تن جي باري ۾ مباحثي بعد تحرير ڪريو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هينين آيتن مان ڪنهن به هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) اِذۡ يُغَشِّيۡكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً مِّنۡهُ وَيُنَزِّلُ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمۡ بِهٖ وَيُذۡهِبَ عَنۡكُمۡ رِجۡزَ الشَّيۡطٰنِ وَلِيَرۡبِطَ عَلٰى قُلُوۡبِكُمۡ وَيُثَبِّتَ بِهِ الۡاَقۡدَامَ

(ب) يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا لَقِيۡتُمُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا زَحۡفًا فَلَا تُوَلُّوۡهُمُ الۡاَدۡبَارَ

2. جنگ بدر جي موقعي تي الله تعاليٰ طرفان مومنن جي خصوصي مدد بابت تحرير ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب تحرير ڪريو:**

1. جنگ بدر جي موقعي تي بارش پوڻ مان ڪهڙا فائدا ٻڌايا ويا آهن؟
2. جنگ بدر جي موقعي تي الله تعاليٰ فرشتن کي ڇا حڪم ڪيو؟
3. ڪافرن سان مقابلي جي صورت ۾ سورة الانفال جي هنن آيتن ۾ ڪهڙيون هدايتون ڏنيون ويون آهن؟

## 3. سورة الانفال: رڪوع: 3، آيتون: 20 ڪان 28 تائين

**آيت نمبر 20:** يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَ اَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ ﴿۲۰﴾

**ترجمو:** اي ايمان وارؤ! الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اُن کان منهن نہ موڙيو حالانڪ اوهين (قُرآن) ٻُڌو ٿا. (20)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ مومنن کي الله تعالىٰ جي نصيحت (الله تعالىٰ ۽ سندس رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ڪرڻ) ٻڌائي وئي آهي تہ اي ايمان وارؤ! الله تعالىٰ ۽ سندس رسول حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو چيو مڃيندا رهو ۽ ان کان ڪڏهن بہ منهن نہ مٽائجو جو ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏيو، ڇو تہ اوهين پيغمبر ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي بابرڪت مجلس ۾ نيڪي ۽ نصيحت پريون ڳالهيون ٻُڌندا رهو ٿا.

**آيت نمبر 21-22-23:** وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ هُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿۲۱﴾ اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَ لَوْ عَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ وَ لَوْ اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا وَّ هُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۲۳﴾

**ترجمو:** ۽ انهن (ڪافرن ۽ منافقن) جهڙا نہ ٿيو جن چيو تہ ٻُڌوسون ۽ اُهي نہ ٿا ٻڌن. (21) الله وٽ (سيني) ساهوارن مان بُري مان بُرا حق ٻڌڻ ۽ چوڻ کان ٻوڙا ۽ گونگا آهن جي (ڪُجھ بہ) نہ سمجهندا آهن. (22) ۽ جيڪڏهن الله منجهن ڪا چڱائي ڄاڻي ها تہ ضرور کين ٻُڌائي ها ۽ جيڪڏهن کين ٻُڌائي ها تہ بہ اُهي مُنهن موڙيندڙ ٿي ڦرن ها. (23)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ مومنن کي منافقن جي طرز عمل کان اجتناب ڪرڻ جي نصيحت، ڪافرن کي شرالدواب جي حيثيت ڏيڻ کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ انهن منافقن جهڙا نہ ٿجو جن چيو تہ اسان نصيحت ۽ وعظ جون ڳالهيون ٻُڌيون آهن جڏهن تہ اهي نہ ٿا ٻُڌن، ڇو تہ انهن کي ٻُڌڻيون ئي ڪونهن. يقيناً الله تعالىٰ وٽ ٻجڙي ۾ ٻُجڙا جانور گونگا ۽ ٻُوڙا آهن جيڪي بي عقل بہ هجن. سو هي بہ اهڙن جانورن مان آهن. الله تعالىٰ وٽ جيڪڏهن سندن ٿوري ڀلائي بہ ممڪن هجي ها تہ کين حق جي ٻُڌڻ جي توفيق ملي وڃي ها ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ انهن کي زوري حق جي ڳالھ ٻُڌائي بہ ڇڏي تہ بہ هي منهن ڦيري هليا ويندا ان کي قبول نہ ڪندا.

**استادن لاءِ هدايتون**

ڪافرن کي بجڙن جانورن سان تشبيهه ڏيڻ جو ڇا سبب آهي، واضح ڪندا.

**آيت نمبر 24-25-26-27:** يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَ لِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ
اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَ قَلْبِهٖ وَ اَنَّهٗۤ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَ اتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ
اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۲۵﴾ وَ اذْكُرُوْۤا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِي الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ وَ اَيَّدَكُمْ
بِنَصْرِهٖ وَ رَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۲۶﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ وَ تَخُوْنُوْۤا اَمٰنٰتِكُمْ وَ اَنْتُمْ
تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۷﴾

**ترجمو:** اي مسلمانو! الله ۽ پيغمبر جو حُڪم قبول ڪريو جڏهن (پيغمبر) اوهان کي هن لاءِ سڏي ته اوهان (جي دلين) کي جيئرو ڪري، ۽ ڄاڻو ته الله ماڻهو ۽ سندس دل جي وچ ۾ آڙ هوندو آهي ۽ يقيناً اوهين (سڀ) ڏانهس ئي گڏ ڪبؤ. (24) ۽ اُنهيءَ فتني کان ڊڄو جو اوهان مان جن ظلم ڪيو ڇڙو تن کي ئي نه پهچندو (بلڪ عام هوندو)، ۽ ڄاڻو ته الله سخت سزا ڏيندڙ آهي. (25) ۽ (اي مهاجرؤ سندس احسانن کي) ياد ڪريو جڏهن زمين (مُلڪ) ۾ اوهين ٿورڙا (۽) هيڻا هيؤ ڊڄو پيا ته متان (ڪافر) اوهان کي امالڪ اغوا ڪري وٺن، پوءِ اوهان کي جاءِ (پناهه) ڏنائين ۽ اوهان کي پنهنجي مدد سان قوت ڏنائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين ته مانَ اوهين شڪرانو ڪريو. (26) اي مؤمنؤ! الله ۽ پيغمبر جي خيانت نه ڪريو ۽ اوهين ڄاڻي واڻي پاڻ ۾ (هڪ ٻئي جي) امانت جي خيانت (به) نه ڪريو. (27)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ الله تعاليٰ ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪمن جي فرمانبرداري ۽ منع ڪيل ڳالهين کان پاسو ڪرڻ کي بيان ڪيو ويو آهي. اي ايمان وارؤ! جڏهن الله تعاليٰ ۽ ان جو رسول حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اوهان کي زندگي بخشيندڙ شيءِ يعني: جهاد في سبيل الله ڏانهن سَڏين ته سندن سَڏ کي ورجايو ۽ يقين ڄاڻو ته الله تعاليٰ هر ماڻهوءَ کي سندس جان ۽ دل کان به وڌيڪ ويجهو آهي ۽ هر ڪنهن کي ان وٽ پيش ٿيڻو آهي.

وَاتَّقُوْا فِتْنَةً: جيڪڏهن اوهان حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري نه ڪندؤ ۽ جهاد لاءِ نه اُٿندؤ ته ان فتني کان ڊڄو جيڪو اوهان مان رڳو ظالمن کي

نہ پهچندو پر هر ڪنهن ڪي ان جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو. يقين ڄاڻو تہ الله تعالىٰ سخت بدلو وٺندڙ آهي. تنهنڪري سماج جي امن ۽ بهتريءَ لاءِ جهاد في سبيل الله، امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر واري ذميداري ادا ڪندا رهو.

وَاذْكُرُوْٓا: اوهان کي جهاد جي ذريعي امن و امان ۽ عزت نصيب ٿي آهي، ورنہ اهو دَور ياد ڪريو جڏهن اوهين مڪي ۾ ڪمزور ۽ ٿوري تعداد ۾ هئا، هر وقت ماڻهن طرفان زيادتين جي خوف ۾ هوندا هئا. پوءِ الله تعالىٰ اوهان تي مهر ڪري مديني منوره ۾ اجهو ڏنو ۽ پنهنجي نصرت سان اوهان کي مضبوط بڻايو ۽ اوهان کي پاڪيزه شين جو رزق نصيب ڪيو تہ جيئن اوهين سندس شڪرگذار ٻانها ٿيو. اي ايمان وارؤ! الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ۽ نافرماني ڪري انهن سان خيانت نہ ڪريو نہ ئي هڪ ٻئي سان امانتن ۾ خيانت ڪريو، جڏهن تہ اوهان کي انهن جي نتيجن جي ڄاڻ بہ آهي

**آيت نمبر 28:** وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ۝۲۸

**ترجمو:** ۽ ڄاڻو تہ اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد رڳو (اوهان لاءِ) آزمائش آهن ۽ الله ئي وٽ وڏو اَجر آهي. (28)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ انسان لاءِ مال ۽ اولاد فتنو آهن تنهنڪري اها ڳالھ بہ ذهن ۾ رکو تہ توهان جو مال ۽ اولاد بہ اوهان لاءِ آزمائش آهي ان ڪري اهي ٻئي شيون جهاد جي شامل ٿيڻ ۾ رڪاوٽ بڻبيون آهن ۽ جيڪو پاڻ کي سيني خرابين کان بچائي خالص الله تعالىٰ جو اطاعت گذار ٿيندو تہ انهن لاءِ الله تعالىٰ وٽ تمام وڏو اجر ۽ ثواب تيار آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ

(ب) وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب تحرير ڪريو:**

1. منافقن ۾ ڪهڙيون خرابيون هيون جن بابت چيو ويو تہ اوهين انهن جهڙا نہ ٿيو؟
2. جڏهن مومن ٿورائي ۾ هئا اهو ڪهڙو وقت مراد آهي؟
3. الله تعالىٰ ۽ سندس رسول سان خيانت جو مطلب ڇا آهي؟
4. مومن لاءِ ڪهڙيون شيون آزمائش آهن؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. 'شَرَّ الدَّوَآبِّ' جي معنىٰ آهي:

(الف) برو جانور (ب) بري ۾ برو جانور

(ج) جانورن مان سڀ کان برو (د) جانورن ۾ سڀ کان وڌيڪ برو

2. 'لِمَا يُحْيِيْكُمْ' مان مراد آهي:

(الف) زندگي (ب) دنيا

(ج) جهاد (د) موت

3. 'فِتْنَةٌ' مان مراد آهي:

(الف) آزمائش (ب) عذاب

(ج) جنگ (د) موت

## 4. سورة الانفال: رڪوع: 4، آيتون: 29 کان 37 تائين

**آيت نمبر 29:** يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنۡ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّـكُمۡ فُرۡقَانًا وَّيُكَفِّرۡ عَنۡكُمۡ سَيِّاٰتِكُمۡ وَيَغۡفِرۡ لَـكُمۡ‌ؕ وَاللّٰهُ ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِيۡمِ ﴿۲۹﴾

**ترجمو:** اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن الله کان ڊڄندا رهندؤ ته اوهان لاءِ (اوهان جي دلين ۾ حق ۽ باطل ڪي) نکيڙيندڙ (نُور) پيدا ڪندو ۽ اوهانجا گناه اوهان کان ٽاريندو ۽ اوهان کي بخشيندو، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. (29)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ايمان وارن کي هڪ فائدي يعني پرهيزگاريءَ جي برڪتن جي ڳالهه ٻُڌائي وئي ته اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن اوهين پرهيزگاري اختيار ڪندي الله تعالىٰ جي سزا جو خوف رکندؤ ته اهو اوهان کي حق ۽ باطل ۾ نکيڙ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائيندو، اوهان جي اوڻائين کي مٽائي ڇڏيندو ۽ اوهان جي بخشش فرمائيندو، جو ته الله تعالىٰ وڏي فضل وارو آهي.

**آيت نمبر 30:** وَاِذۡ يَمۡكُرُ بِكَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لِيُثۡبِتُوۡكَ اَوۡ يَقۡتُلُوۡكَ اَوۡ يُخۡرِجُوۡكَ‌ؕ وَيَمۡكُرُوۡنَ وَيَمۡكُرُ اللّٰهُ‌ؕ وَاللّٰهُ خَيۡرُ الۡمٰكِرِيۡنَ ﴿۳۰﴾

**ترجمو:** ۽ (اي پيغمبر! ياد ڪر) جنهن مهل تولاءِ ڪافرن رٿ ٿي ڪئي ته توکي بند ڪن يا توکي شهيد ڪن يا توکي ڪڍي ڇڏين، ۽ (اها بچڙي) رٿ ڪيائون ٿي. ۽ الله (به) رٿ ڪئي ٿي، ۽ الله بهتر رٿ ڪندڙن مان آهي. (30)

**سمجهاڻي:** هن آيت وَاِذۡ يَمۡكُرُ بِكَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا: ۾ مُشرڪن جي شرارتن، اعتراضن، بدڪرداري ۽ ان جي مٿان ڪيل تنبيهن جو بيان آهي. جنهن جي شروعات ان واقعي سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ مڪي جا قريش حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي نقصان پهچائڻ لاءِ رٿون ڪن ٿا ۽ آخر ۾ سندن شهيد ڪرڻ جو منصوبو جوڙي گهر جو گهيراءُ ڪن ٿا.

اي پيغمبر! اها ڳالهه به قابلِ ذڪر آهي جڏهن مڪي جا ڪافر اوهان جي باري ۾ رٿون رٿي رهيا هئا ته اوهان کي قيد ڪن يا وڏو جاني نقصان پهچائن يا ملڪ نيڪالي ڏين، اهي منصوبا ته جوڙين پيا پر ڪين خبر نه هئي ته هوڏانهن الله تعالىٰ به انهن لاءِ رٿ پئي ٺاهي ۽ الله تعالىٰ ئي بهتر منصوبا جوڙيندڙ آهي، اهو اوهان کي سندن شرارتن کان محفوظ بڻائيندو ۽ اهي آخر رسوا ٿيندا.

**آيت نمبر 31-32:** وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا قَالُوْا قَدْ سَمِعْنَا لَوْ نَشَآءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَآ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣١﴾ وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣٢﴾

**ترجمو:** ۽ جڏهن اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون (تہ) چوندا آهن تہ ٻڌوسون، جيڪڏهن گهُرون تہ اُنهي جهڙو (اسين بہ) چئون (پر) هيءُ تہ رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن. (31) ۽ (ياد ڪريو) جڏهن (ڪافر) چيو تہ اي الله! جيڪڏهن هي (قرآن) تو وٽان حق آهي تہ اسان تي آسمان کان پٿر وساءِ يا ڪو اسان تي ڏکوئيندڙ عذاب آڻ. (32)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ مکي پاڪ جي مشرڪن جي ضد بازي (دشمني، جهالت ۽ سخت دلي) کي بيان ڪيو ويو آهي. انهن مشرڪن کي جڏهن ڪلام پاڪ ٻُڌايو ويجي ٿو تہ ٺٺول ڪندي چون ٿا، ”اوهان جي نصيحت ۽ قرآن ٻُڌوسون پر اسان چاهيون تہ اهڙو ناهي سگهون ٿا. هي اڳين قومن جون آکاڻيون ئي تہ آهن.“ جڏهن تہ قرآن مجيد کين چئلينج ڪيو تہ ان جهڙي ڪا ننڍڙي سورت ئي ناهي ڏيکاريو. پر ان جو جواب نہ ڏئي سگهيا. جڏهن تہ انهن ۾ وڏا فصيح، بليغ ۽ وڏا شاعر موجود هئا.

قرآن مجيد بابت ”اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ“ جا لفظ نضر بن حارث نالي مشرڪ چيا هئا. جڏهن ماڻهن ٺٺول ڪري چيس تہ هاڻي تون ان جهڙو ناهي ڏيکار، تڏهن پاڻ کي سچو ڏيکارڻ لاءِ ڪعبة الله وٽ دُعا گهريائين، جنهن جو هن آيت ۾ ذڪر آهي ۽ جنهن وقت مُشرڪن چيو: اي اسان جا الله! جيڪڏهن اهو دين (اسلام) سچو آهي تہ اسان تي آسمان کان پهڻ وساءِ يا ٻيو ڪو ڏُکوئيندڙ عذاب آڻ. چو تہ اسان ان کي سچو نہ ٿا سمجهون ۽ ان ڳالهہ ۾ پورو يقين رکون ٿا.

**آيت نمبر 33-34:** وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ ۭ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَمَا لَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَمَا كَانُوْٓا اَوْلِيَآءَهٗ ۭ اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗٓ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٤﴾

**ترجمو:** ۽ الله کي نہ جڳائيندو آهي جو منجهن تنهنجي هوندي کين عذاب ڪري، ۽ الله کي (هي بہ) نہ جڳائيندو آهي جو کين هن هوندي عذاب ڪري جو اُهي بخشش گهرندا هجن. (33) ۽ کين ڇا (ٿيو) آهي جو الله کين (پيغمبر جي هجرت کانپوءِ) عذاب نہ ڪري هن هوندي جو اُهي مسجد الحرام کان (ماڻهن کي) جهلن ٿا ۽ اُن جا مُتولّي نہ آهن، پرهيزگارن کانسواءِ ٻيو ڪو اُن جو متولّي نہ آهي پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن. (34)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي وجود مبارڪ جي برڪت جو ذڪر آهي ۽ ان ڳالهه جو جواب آهي ته ڪافر ناحق تي هجڻ باوجود عذاب جون دُعائون پيا گهرن پر انهن تي عذاب نه ٿو ڪڙڪي؟ تنهن جو جواب هن ريت ٻُڌايو ويو: الله تعالىٰ انهن مُشرڪن کي عذاب هن ڪري نه ٿو ڏئي جو اي پيغمبر! اوهين انهن ۾ موجود آهيو ۽ هن ڪري به متن الله تعالىٰ عذاب نه ٿو موڪلي جو اهي ماڻهو استغفار به ڪن ٿا، جن ۾ گهڻائي ڪافرن جي ماتحت رهندڙ ڪمزور مسلمانن جي آهي، البته ڪجهه ڪافر به طواف ڪرڻ وقت "غُفۡرَانَكَ غُفۡرَانَكَ" (توکان بخشش گهرون ٿا) جا لفظ چون ٿا.

انهن ڳالهين جي ڪري ڪين ڍر مليل آهي ورنه الله تعالىٰ انهن کي چو نه عذاب موڪليندو چو ته اهي مسلمانن کي مسجد الحرام ۾ اچڻ ۽ عبادت ڪرڻ کان روڪين ٿا جڏهن ته اهي ان کي سنڀاليندڙ به ڪين آهن. ان مسجد جا حقيقي متولي ۽ سنڀاليندڙ ته پرهيزگار مؤمن آهن پر گهڻن کي ان ڳالهه جي خبر نه آهي.

**آيت نمبر 35:** وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمۡ عِنۡدَ الۡبَيۡتِ اِلَّا مُكَآءً وَّ تَصۡدِيَةً فَذُوۡقُوا الۡعَذَابَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡفُرُوۡنَ ﴿۳۵﴾

**ترجمو:** ۽ سندين نماز الله جي گهر وٽ سيٽين ۽ تاڙين هڻڻ کانسواءِ (ڪُجهه) نه آهي، پوءِ انهيءَ سببان جو ڪفر ڪندا آهيو عذاب چکو. (35)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ مڪي شريف جي مشرڪن جي من گهڙت عبادت (نماز) کي بيان ڪيو ويو آهي. اهي مشرڪ مسلمانن کي مسجد الحرام کان روڪين ٿا هوڏانهن اهي پاڻ طواف ۽ عبادت ڪندي اتي سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائڻ کان سواءِ ڪجهه نه ٿا ڪن. سو پنهنجي انهن ڪافرانه حرڪتن جي ڪري عذاب چکو.

**آيت نمبر 36-37:** اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ لِيَصُدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕ فَسَيُنۡفِقُوۡنَهَا ثُمَّ تَكُوۡنُ عَلَيۡهِمۡ حَسۡرَةً ثُمَّ يُغۡلَبُوۡنَ ؕ۬ وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِلٰى جَهَنَّمَ يُحۡشَرُوۡنَ ﴿۳۶﴾ لِيَمِيۡزَ اللّٰهُ الۡخَبِيۡثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَيَجۡعَلَ الۡخَبِيۡثَ بَعۡضَهٗ عَلٰى بَعۡضٍ فَيَرۡكُمَهٗ جَمِيۡعًا فَيَجۡعَلَهٗ فِيۡ جَهَنَّمَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۳۷﴾

**ترجمو:** (۽) ڪافر پنهنجا مال هن لاءِ خرچ ڪن ٿا ته (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهلين، پوءِ اهي سگهو (پنهنجا مال) خرچ ڪندا وري (اهو خرچڻ) متن ارمان ٿيندو وري هيٺا ٿيندا، ۽ ڪافر دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا. (36) ته (جيئن) الله پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري ۽ پليت کي هڪ ٻئي تي رکي پوءِ (ڪيس سڀني) هيڪاندو ڍير ڪري پوءِ اُن کي دوزخ ۾ وجهي. اِهي ئي خساري وارا آهن. (37)

**سمجهاڻي:** غزوه بدر ۾ شڪست کان پوءِ ڪن ڪافرن پيسا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا تہ جيئن طاقت ماڻي مسلمانن کان بدلو وٺي سگهن ۽ پنهنجي ڪافر لشڪر کي طعام ڪارائڻ تي مال خرچ ڪيو، انهن جي وضاحت ڪئي وئي تہ ”جيڪي ڪافر پنهنجا مال هن لاءِ خرچ ڪن ٿا تہ جيئن الله جي دين کان ماڻهن کي روڪين سو اهي سگهوئي مال خرچ ڪندا پر اهو سندن لاءِ حسرت جو سبب بڻجندو تہ ڪاش! اجايو خرچ ڪيوسين ۽ وري اهي ئي خرچ ڪرڻ باوجود ناڪام ٿيندا.

۽ جيڪي ماڻهو الله تعالىٰ جي دين جا انڪاري ٿيندا سي جهنم ۾ گڏ ڪيا ويندا تہ جيئن الله تعالىٰ نيڪو ڪارن ۽ بدڪارن کي جُدا ڪري ۽ پوءِ بدڪارن کي هڪبئي مٿان سَٽي. سيني جا ته ناهي هڪ دفعي سيني کي جهنم ۾ ڦٽو ڪري ۽ اهڙا ماڻهو ئي خساري وارا آهن.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. مديني ڏانهن هجرت جي وقت مشرڪن حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ خلاف ڪهڙي رٿ رٿي ۽ ان جو انجام ڪهڙو ٿيو؟
2. هيٺين آيتن مان ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) وَ اِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ؕ وَ يَمْكُرُوْنَ وَ يَمْكُرُ اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ

(ب) اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ ۬ؕ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِلٰى جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. تقوىٰ اختيار ڪرڻ جا فائدا ۽ انعام ڪهڙا آهن؟
2. مشرڪ، قرآن مجيد کي ’ان هٰذا اساطير الاولين‘ چو پيا سڏين؟
3. ڪافر پنهنجي مال ملڪيت ڪهڙي مقصد لاءِ خرچين ٿا؟

(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:

1. تقويٰ اختيار ڪرڻ سان حاصل ٿيندي:

(الف) مال ملڪيت (ب) عزت

(ج) قوت (د) برڪ

2. قريشن، حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي قيد ڪرڻ، شهيد ڪرڻ يا ملڪ نيڪاليءَ جي رٿ جنهن موقعي تي رٿي سو هو:

(الف) هجرت حبشہ (ب) بدر جي جنگ

(ج) هجرت مدينہ (د) غزوه تبوڪ

3. مشرڪن دعا گهري تہ اسان تي آسمان ڪان وساءِ:

(الف) مينهن (ب) پٿر

(ج) هوا (د) طوفان

**استادن لاءِ هدايتون**

’هجرت مدينہ‘ بابت تقريري مقابلي جو انعقاد ڪرايو.

## 5. سورة الانفال، رڪوع: 5، آيتون: 38 کان 44 تائين

**آيت نمبر 38:** قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ ۚ وَاِنْ يَّعُوْدُوْا فَقَدْ مَضَتْ سُنَّتُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾

**ترجمو:** (اي پيغمبر!) ڪافرن کي چؤ تہ جيڪڏهن اوهين مُڙندؤ تہ جو ڪُجھ گذريو سو کين بخشبو، ۽ جيڪڏهن ٻيهر ويڙھ ڪندا تہ بيشڪ اڳين جي (اها) عادت ٿي گذري آهي. (38)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ڪافرن لاءِ نصيحت آميز تنبيه جو بيان آهي. اي پيغمبر! اوهين ڪافرن کي ٻڌائي ڇڏيو تہ جيڪڏهن اهي پنهنجي شرارتن کي ڇڏي اوهان جي اطاعت قبول ڪندا تہ سندن اڳئين نافرمانين جي بخشش ٿي ويندي. جو تہ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ”أَنَّ الْإِسْلَامَ يَهْدِمُ مَا كَانَ قَبْلَهُ“ بيشڪ اسلام قبولڻ سان اڳين گناهن جي صفائي ٿي وڃي ٿي. (صحيح مسلم: 121) ۾ اها خوشخبري ڏنل آهي ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي ساڳي بداعماليءَ واري ۽ اسلام دشمني واري رويي ڏانهن واپس ٿيندا تہ پوءِ کين ياد رکڻ گهرجي تہ اڳين ماڻهن ۽ قومن سان ڇا ٿي گذريو ۽ بدر ۾ انهن سان ڪهڙو لقاءُ ٿيو، هنن سان بہ اهوئي عذاب وارو رستو اختيار ڪيو ويندو.

**آيت نمبر 39:** وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٣٩﴾

**ترجمو:** ۽ (اي مؤمنؤ!) اُنهن سان (ايستائين) لڙائي ڪريو جيستائين (ڪفر جو) فتنو ختم ٿي نہ وڃي ۽ سموري حڪومت رڳو الله جي ٿئي (يعني قانونِ الاهي جو عمل هلي)، پوءِ جيڪڏهن مڙي وڃن تہ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهي. (39)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ جهاد جي مقصد (ڪفر جي فتني کي ختم ڪرڻ) کي بيان ڪيو ويو آهي. اي مسلمانو! اوهين انهن ڪافرن ۽ اسلام دشمنن سان ايستائين وڙهندا رهو جيستائين شرڪ ۽ ڪفر جي پاڙ پٽجي نہ وڃي ۽ هر طرح دين اسلام غالب ٿي وڃي. الله تعالىٰ جو حڪم نافذ ٿي وڃي. پوءِ ڏسو تہ جيڪڏهن اهي پنهنجي مخالفتن کان رُڪجن ٿا تہ بهتر آهي، الله تعالىٰ سندن ڪردار تي نظر رکندڙ آهي.

**آيت نمبر 40:** وَ اِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْؕ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِیْرُ﴿۴۰﴾

**ترجمو:** ۽ جيڪڏهن مُنهن موڙيائون (۽ باز نہ آيا) تہ ڄاڻو تہ الله اوهان جو سنڀاليندڙ آهي، (۽ اُهو) ڀلو سنڀاليندڙ ۽ ڀلو مددگار آهي. (40)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ مسلمانن جو الله تعالىٰ تي ڀروسو ڪندي جهاد ڪرڻ ڪي بيان ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن اهي ڪافر منهن موڙين ٿا ۽ نصيحت مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن تہ ڀوءِ يقين رکو، اهي اوهان جو ڪجهہ بگاڙي نہ سگهندا، الله تعالىٰ اوهان جو نگهبان آهي. اهو تمام بهترين نگهبان ۽ ڀلو مددگار آهي.

**آيت نمبر 41:** وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَیْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَ لِلرَّسُوْلِ وَ لِذِی الْقُرْبٰى وَ الْیَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِیْنِ وَ ابْنِ السَّبِیْلِۙ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَ مَاۤ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا یَوْمَ الْفُرْقَانِ یَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ﴿۴۱﴾

**ترجمو:** ۽ (هيءَ ڳالهہ) ڄاڻو تہ جيڪو مال (ڪافرن تي فتح لهڻ ڪانپوءِ) اوهان جي هٿ ۾ آيو تنهنجو پنجون حصّو الله ۽ پيغمبر ۽ (پيغمبر جي) عزيزن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي جيڪڏهن اوهان الله ڪي مڃيو آهي ۽ (پڻ) جيڪو (قرآن) پنهنجي ٻانهي (محمد) تي فيصلي جي ڏينهن، جنهن ڏينهن ٻئي ٽوليون پاڻ ۾ مد مقابل ٿيون. نازل ڪيوسون (تنهن تي يقين رکندا آهيو تہ اُن حُڪم تي عمل ڪريو)، ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. (41)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ غنيمت جي مال جي خرچ ڪرڻ وارين جاين ڪي بيان ڪيو ويو آهي.

وَاعْلَمُوْۤا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ: سورة الانفال جي شروع ۾ مالِ غنيمت بابت سوال جي جواب ۾ ٻُڌايو ويو تہ، مالِ غنيمت الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول جي اختيار ۾ آهي. جيئن چاهين ورهاست ڪن. هتان ان بابت وضاحت ڪئي وئي آهي. اي مسلمانو! ڄاڻي وٺو تہ اوهان ڪي غنيمت ۾ جيڪي ڪجهہ حاصل ٿئي تنهن جا پنج حصا ٿيندا، چار حصا مجاهدن ۾ ورهايا ويندا جڏهن تہ پنجون حصو الله تعالىٰ جي لاءِ آهي يعني الله تعالىٰ جيئن حڪم فرمايو آهي ان مطابق تقسيم ڪيو ويندو. (پنجين حصي جا پنج حصا ڪيا ويندا. 1. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ لاءِ، 2. سندن ويجهن مائٽن لاءِ، 3.يتمن لاءِ جن جا ننديپڻ ۾ پيئر وفات ڪري ويا هجن، 4.مسڪينن لاءِ جيڪي غريب ۽ نادار آهن ۽ 5.مسافرن لاءِ جن جو سفر جي حالت ۾ خرچ ختم ٿي چڪو هجي.) جيڪڏهن اوهين الله تعالىٰ ۽ ان جي آيتن تي ايمان رکو ٿا تہ انهن حڪمن

تي عمل ڪريو. آيتون جيڪي اسان پنهنجي ٻانهي حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مٿان ٻن لشڪرن جي مقابلي واري ڏينهن (يعني جنگ بدر) ۾ نازل ڪيون ۽ الله تعالىٰ هر شيءِ تي وس وارو آهي.

**آيت نمبر 42-43-44:** اِذْ اَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَ هُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰى وَ الرَّكْبُ اَسْفَلَ مِنْكُمْ ؕ وَلَوْ تَوَاعَدْتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِى الْمِيْعٰدِ ۙ وَ لٰكِنْ لِّيَقْضِىَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۬ۙ لِّيَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَنْۢ بَيِّنَةٍ وَّ يَحْيٰى مَنْ حَىَّ عَنْۢ بَيِّنَةٍ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَسَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ۙ﴿۴۲﴾ اِذْ يُرِيْكَهُمُ اللّٰهُ فِىْ مَنَامِكَ قَلِيْلًا ؕ وَلَوْ اَرٰىكَهُمْ كَثِيْرًا لَّفَشِلْتُمْ وَلَتَنَازَعْتُمْ فِى الْاَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ سَلَّمَ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۴۳﴾ وَاِذْ يُرِيْكُمُوْهُمْ اِذِ الْتَقَيْتُمْ فِىْۤ اَعْيُنِكُمْ قَلِيْلًا وَّ يُقَلِّلُكُمْ فِىْۤ اَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِىَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۴۴﴾

**ترجمو:** (اِهو اُهو وقت هو) جنهن مهل اوهين اورينءَ پر ۾ هو پرينءَ پر هئا ۽ قافلو اوهان کان هيٺينءَ پَر هئو ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ (مقابلي لاءِ) انجام ڪريو ها ته ضرور انجام جي برخلاف ٿيو ها پر هِن لاءِ ته جيڪو ڪم الله کي ڪرڻو هو سو پورو ڪري (ته حق پڌرو ٿئي، ۽) هن لاءِ ته جيڪو هلاڪ (گمراهه) ٿئي سو چٽائي ڪانپوءِ هلاڪ ٿئي ۽ جيڪو جيئرو ٿئي (يعني حق کي پروڙي) سو چٽائي ڪانپوءِ پِل ته جيئرو رهي. ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. (42) (ياد ڪريو) جنهن مهل الله تنهنجي خواب ۾ توکي اُهي (ڪافر) ٿورا ڏيکاريا. ۽ جيڪڏهن توکي اُهي گهڻا ڏيکاري ها ته ضرور بي همّت ٿيو ها ۽ ضرور (اُن) ڪم ۾ هڪٻئي سان تڪرار ڪريو ها پر الله (اُن تڪرار کان اوهان کي) بچايو. بيشڪ اُهو سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي. (43) ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اوهين هڪٻئي جي سامهون ٿيؤ تڏهن (الله) اوهان جي اکين ۾ اُهي ٿورڙا ڪري ڏيکاريا تي ۽ انهن (ڪافرن) جي نگاهن ۾ اوهانکي ٿورڙا ڪري ڏيکاريائين تي هن لاءِ ته الله اهو ڪم پورو ڪري جيڪو ڪرڻو هو، ۽ الله ڏانهن (سڀ) ڪم موٽايا ويندا. (44)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ غزوه بدر جي فيصلاتي ڏينهن جي صورتحال کي بيان ڪيو ويو آهي. اهو ڏينهن ياد ڪريو جڏهن اوهين مقابلي لاءِ مديني جي ويجها هئا ۽ ڪافرن جو لشڪر پري هو، جڏهن ته ابوسفيان وارو قافلو اوهان کان هيٺاهين ۾ ساموندي رستي کان بچي نڪري ويو ۽ ايئن اوهان جو مُشرڪن جي لشڪر سان مقابلو ٿيو ۽ جيڪڏهن اوهين هڪ ٻئي سان لڙائي جو ڪو ڏينهن رکو ها ته ٻئي نه پهچو ها. پر الله تعالىٰ اوهان جو ڪافرن سان اوچتو

مقابلو ڪرايو تہ جيئن الله تعالىٰ اسلام جي مدد ۽ ڪفر کي ختم ڪرڻ وارو فيصلو پورو ڪري ۽ الله تعالىٰ جيڪو فيصلو ڪندو آهي سو ٿي رهندو آهي. اهو مقابلو هن لاءِ ٿيو تہ جيئن ڪافر الله تعالىٰ پاران مومنن جي واضح مدد ڏسي ڪفر اختيار ڪري ۽ ايمان وارو الله تعالىٰ پاران مومنن جي واضح مدد اکين سان ڏسي ايمان تي رهي.

اِذْ يُرِيْكَهُمُ اللّٰهُ: مٿين آيت ۾ ٻُڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن مسلمان ۽ ڪافر پاڻ ۾ لڙائيءَ جو وقت مقرر ڪن ها تہ ان تي نہ پهچي سگهن ها. ڇو تہ هر ڪنهن لاءِ نئون تجربو هو ۽ ڪافرن جو تعداد تمام گهڻو هو، جڏهن تہ مسلمان بي هٿيار ۽ تمام ٿورا هئا. پر جيئن تہ الله تعالىٰ جنگ جو فيصلو ڪري چڪو هو. جنهن جا اسباب ان پاڻ پيئي ٿاهيا. انهن مان هڪ هي بہ هو تہ ڪافرن جي گهڻائي باوجود حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم کي سندن تعداد ٿورو ڪري ڏيکاريو ويو ۽ مسلمان بہ ڪافرن کي ٿورڙا نظر پئي آيا. ان ڏانهن اشارو ڪندي ٻُڌايو ويو: اي پيغمبر! ياد ڪر جڏهن اوهان کي اهي ڪافر الله تعالىٰ ٿورا ڏيکاريا، جيڪڏهن اهي گهڻا ڏيکاري ها تہ اوهين سُست ٿي پئو ها ۽ جنگ بابت اختلاف ڪري ويهو ها، هڪڙا جنگ لاءِ تيار ٿين ها ۽ ٻيا نہ ٿين ها. پر الله تعالىٰ ان ڳالهہ کان بچايو. يقيناً اهو سينن جون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي ۽ اي مؤمنؤ! اوهين جڏهن لڙائي ۾ هئا تہ اوهان بہ مشرڪن جي نظر ۾ ٿورا ڪري ڏيکاريا ويؤ ۽ اوهين هنن لاءِ ٿورڙا ڏسڻ ۾ پئي آيا. اهو سڀ ڪجهہ هن لاءِ هو تہ جيئن الله تعالىٰ جنهن ڳالهہ جو فيصلو ڪيو هو سو پورو ٿئي ۽ سيئي معاملا ان ڏانهن ئي موٽن ٿا ۽ هر جڳهہ تي سندس مرضي ۽ ان جو ئي فيصلو هلي ٿو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) وَ قَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّ يَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ

(ب) وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَ لِلرَّسُوْلِ وَ لِذِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ ابْنِ السَّبِيْلِ ۙ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَ مَاۤ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا يَوْمَ الْفُرْقَانِ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

2. مال غنيمت جي ورهاست جو اختيار ڪنهن کي آهي ؟ ۽ ان جو طريقو ڇا آهي ؟

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. جهاد ڪيستائين جاري رکيو ويندو؟ ان جو مقصد ڇا آهي؟ آيت جي روشنيءَ ۾ واضح ڪريو.
2. الله تعالىٰ غزوه بدر ۾ مسلمانن جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪهڙن ڪهڙن خصوصي انعامن ۽ احسانن جو ذڪر فرمايو آهي؟
3. 'العدوة الدنيا' ۽ 'العدوة القصوىٰ' مان ڇا مراد آهي؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. 'يَوۡمَ الۡفُرۡقَانِ' مان مراد آهي:

(الف) غزوه بدر جو ڏينهن | (ب) غزوه احزاب جو ڏينهن
(ج) صلح حديبيه وارو ڏينهن | (د) مڪي جي فتح وارو ڏينهن

2. 'الرَّكۡبُ' مان مراد آهي:

(الف) ابوجهل جو لشڪر | (ب) ابو سفيان جو قافلو
(ج) مسلمانن جو لشڪر | (د) ميدانِ جنگ

3. 'خُمس' ڇيو ويندو آهي:

(الف) ٽين حصي کي | (ب) چوٿين حصي کي
(ج) پنجين حصي کي | (د) ڇهين حصي کي

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي غنيمت جي تعريف، قسمن، مصارف ۽ ورهاست جي اختيارات بابت سمجهاڻي ڏني وڃي

## 6. سورة الانفال: رڪوع: 6، آيتون: 45 کان 48 تائين

**آيت نمبر 45:** يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَۚ﴿۴۵﴾

**ترجمو:** اي ايمان وارؤ! جڏهن ڪنهن (ڪافر) ٽوليءَ سان (جنگ ۾) مقابلو ڪريو تڏهن ثابت قدم رهو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو ته مانَ اوهين ڪامياب ٿيو. (45)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ غزوه بدر جي متعلق تلقين ۽ ان جي اثرن کي بيان ڪيو ويو آهي. پوئين آيت: 15 ۾ مؤمنن کي چيو ويو ته، "جيڪڏهن اوهان جو ڪافرن سان جنگ ۾ مقابلو ٿي پئي ته پوءِ پُٺي ڏئي پوئتي ناهي پڇڙو." هن رڪوع ۾ به اها نصيحت ۽ ڪجهه ٻيون ڳالهيون ڪين سمجهايون ويون آهن، جيڪي هن ريت آهن: اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان جو ڪنهن ڪافر جماعت سان مقابلو ٿي وڃي ته ثابت قدم رهو ۽ الله تعالىٰ کي گهڻو ياد ڪريو ته جيئن اوهان سوڀارا ٿيو.

**آيت نمبر 46:** وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَ تَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَ اصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَۚ﴿۴۶﴾

**ترجمو:** ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پاڻ ۾ تڪرار نه ڪريو نه ته ڪمزور ٿيندؤ ۽ اوهان جي((اتفاق جي) هوا هلي ويندي ۽ صبر ڪريو. بيشڪ الله صابرن سان آهي. (46)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله تعالىٰ ۽ سندس رسول حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪمن جي اطاعت ڪندا رهو ۽ پاڻ ۾ اختلاف نه ڪريو ورنه اوهين سُست ٿي پوندؤ ۽ اوهان جي سگهه ختم ٿي ويندي، مقابلي ۾ مضبوط ۽ ثابت قدم رهو، ڇو ته الله تعالىٰ ثابت قدم رهندڙن سان گڏ آهي.

**آيت نمبر 47-48:** وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّ رِئَآءَ النَّاسِ وَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ﴿۴۷﴾ وَ اِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ وَ قَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَ اِنِّيْ جَارٌ لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَآءَتِ الْفِئَتٰنِ نَكَصَ عَلٰى عَقِبَيْهِ وَ قَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكُمْ اِنِّيْۤ اَرٰى مَا لَا تَرَوْنَ اِنِّيْۤ اَخَافُ اللّٰهَ ؕ وَ اللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ۠﴿۴۸﴾

**ترجمو:** ۽ اوهين اُنهن (بدر وارن ڪافرن) وانگر نه ٿيو جيڪي پنهنجي ديس مان تڪبر سان ۽ ماڻهن جي ڏيکاري لاءِ نڪتا ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهلڻ لڳا، ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کي الله گهيرو ڪندڙ آهي. (47) ۽ جڏهن شيطان سندن

ڪرتوت انھن لاءِ سينگاريا ۽ (ڪافرن) کي چيائين تہ اڄ ماڻھن مان ڪوبہ اوھان تي غالب (ٿيڻو) نہ آھي ۽ بيشڪ آءٌ اوھان جو پرجھلو آھيان، پوءِ جڏھن ٻئي لشڪر آمھون سامھون ٿيا تہ (شيطان) پنھنجين کڙين (پوئتي) ڀڳو ۽ چيائين تہ آءٌ اوھان کان بيزار آھيان تحقيق جيڪي مان ڏسان ٿو سو اوھين نٿا ڏسو تحقيق آءٌ الله کان ڊڃان ٿو، ۽ الله سخت سزا ڏيندڙ آھي. (48)

**سمجھاڻي:** ھنن آيتن ۾ مڪي پاڪ جي ڪافرن جي طرز عمل ۽ ان کان پاسي رھڻ جي حڪم کي بيان ڪيو ويو آھي. ۽ انھن مُشرڪن جھڙا نہ ٿيو جيڪي مڪي مان وڏائيءَ سان ماڻھن جي ڏيکاءَ ۽ دين کان ماڻھن کي روڪڻ لاءِ نڪتا ھئا ۽ الله تعالىٰ تہ سندن سيني ڪمن کي پنھنجي گھيري ۾ رکيو ھو ۽ سندس گھيري مان اھي نہ نڪري سگھيا. ۽ اھو وقت ڏسڻ وٽان ھو جڏھن شيطان مشرڪن کي سندن ڪمَ ۽ جنگي تياري سينگاري پيش ڪري ڏني ۽ کين اياريندي دلداري ٿي ڏنائين تہ اڄ اوھان جي ھيڏي لشڪر کان ڪير بہ ڏاڍو ڪِين ٿيندو، آءٌ بہ اوھان جو ھمراھي آھيان. پوءِ جڏھن ٻئي لشڪر آمھون سامھون ٿيا ۽ مؤمنن لاءِ آسمان کان ملائڪن جا لشڪر اچڻ شروع ٿيا تہ شيطان کُڙين پر پنتي پچڻ لڳو ۽ مشرڪن کي چيائين تہ آءٌ ھاڻي اوھان کان بيزار آھيان. مان فرشتن جا اھي لشڪر پيو ڏسان جيڪي اوھان کي نظر نہ ٿا اچن ۽ آءٌ الله تعالىٰ کان ڊڃان ٿو مون کي پنھنجي جان جو خطرو آھي سو پاڻ کي وڃي بچايو، الله تعالىٰ سخت بدلو وٺندڙ آھي.

## مَشق

**(الف) ھيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. ھيٺين آيتن مان ڪنھن بہ ھڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجھاڻي لکو.

(الف) وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَتَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَاصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ

(ب) يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ

**(ب) ھيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. لڙائي دوران ڪھڙي عمل جو مومن کي حڪم ڏنو ويو آھي؟
2. جڏھن غزوه بدر ۾ مسلمانن جي مدد لاءِ نازل ٿيڻ وارن ملائڪن کي شيطان ڏٺو تہ پوءِ ان جو ردعمل ڪھڙو ھو؟
3. شيطان مشرڪن کي ڪھڙي تسلي پئي ڏني؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. ’تَذۡهَبَ رِيۡحُكُمۡ‘ جو مطلب آهي:

(الف) اوهان جي جسماني قوت ختم ٿيندي
(ب) اوهان جي سگهه وڌندي
(ج) اوهان کي هوا لڳندي
(د) اوهان جي هوا نڪرندي (يعني ڪمزور ٿي ويندا)

2. شيطان چيو: ”مان اهو ڏسان ٿو جيڪي اوهان نہ ٿا ڏسو“ ان مان مراد آهي:

(الف) هر شيء
(ب) ملائڪ
(ج) جِنَ
(د) لشڪر

3. ’اِنِّيۡ جَارٌ لَّكُمۡ‘ جا لفظ چيا:

(الف) ابو جهل
(ب) ابو سفيان
(ج) شيطان
(د) قريش سردار

## 7. سورة الانفال: رڪوع: 7، آيتون: 49 کان 58 تائين

**آيت نمبر 49:** اِذۡ يَقُوۡلُ الۡمُنٰفِقُوۡنَ وَ الَّذِيۡنَ فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَاۤءِ دِيۡنُهُمۡ ؕ وَ مَنۡ يَّتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿۴۹﴾

**ترجمو:** (اُهو وقت ياد ڪريو) جنهن مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري هئي تن چيو ته هنن (مسلمانن) کي سندن دين ٺڳيو آهي، ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو آهي ته بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي. (49)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته غزوه بدر ۾ جڏهن مسلمانن پاڻ کان ٽيڻ تي طاقتور لشڪر سان مقابلي لاءِ تياري ڪئي ۽ شجاعت جو مظاهرو ڪيو ته منافقن ۽ ڪافرن مٿن ٺوڪ ۽ چِٽر ۾ اعتراض ڪيا ته مسلمان ڪهڙا نه ناتجربيڪار ۽ سادا آهن جو ايڏي وڏي لشڪر سان مقابلو ڪرڻ لاءِ سنبريا آهن، ڪين پنهنجي دين دوکو ڏنو. پر مسلمانن الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪري پوري طرح تياري ڪئي آهي ۽ جيڪو ان جي ڀروسي تي هوندو ته ياد رکڻ گهرجي الله تعاليٰ ڏاڍو (غالب) ۽ حڪمت وارو آهي.

**آيت نمبر 50-51:** وَ لَوۡ تَرٰۤى اِذۡ يَتَوَفَّى الَّذِيۡنَ كَفَرُوا ۙ الۡمَلٰٓئِكَةُ يَضۡرِبُوۡنَ وُجُوۡهَهُمۡ وَ اَدۡبَارَهُمۡ ۚ وَ ذُوۡقُوۡا عَذَابَ الۡحَرِيۡقِ ﴿۵۰﴾ ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡكُمۡ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَيۡسَ بِظَلَّامٍ لِّلۡعَبِيۡدِ ۙ﴿۵۱﴾

**ترجمو:** (اي ڏسندڙ!) جيڪڏهن (اُنهي مهل) ڏسين جنهن وقت ملائڪ ڪافرن جو ساهه ڪڍندا آهن (۽) سندن مُنهن ۽ پُنين کي ستيندا ڪٽيندا آهن (ته عجب ڪرين) ۽ (چوندا اٿن ته هاڻي) ساڙيندڙ عذاب (جو مزو) چکو. (50) اِهو هن سبب آهي جو جيڪي اوهان جي هٿن اڳي موڪليو آهي ۽ بيشڪ الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نه آهي. (51)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ موت جي وقت ڪافرن جي حالت ۽ آخرت ۾ عذاب ملڻ کي بيان ڪيو ويو آهي. وَلَوۡ تَرٰۤى اِذۡ يَتَوَفَّى: جيڪڏهن اوهين اهو منظر ڏسو ها ته عجب کائو ها جڏهن ڪافرن کي فرشتا ساهه ڪڍڻ وقت سندن مُنهن ۽ پُٺن تي لوهي مترڪن سان ڌڪ هڻندا آهن ۽ کين چوندا آهن ته اوهان جيڪي بڇڙا عمل ڪيا تن جي بدلي ۾ هاڻي پڙڪندڙ باهه جو مزو چکو. الله تعاليٰ کين فرمائي ٿو ته اوهين پاڻ پنهنجي سزا جو سبب بڻيا آهيو، ورنه الله تعاليٰ ته پنهنجي ٻانهن تي ڪا به زيادتي ناهي ڪندو.

**آيت نمبر 52-53-54:** كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۵۲﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ
عَلِيْمٌ ۙ﴿۵۳﴾ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَ اَغْرَقْنَاۤ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَ كُلٌّ
كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿۵۴﴾

**ترجمو:** (انهن جو حال) فرعونين ۽ انهن جهڙو آهي جيڪي کانئن اڳ هئا، (جو الله جي آيتن کي نہ مڃيائون پوءِ الله سندن گناهن سببان کين پڪڙيو، بيشڪ الله سگهارو سخت سزا ڏيندڙ آهي. (52) اهو هن سببان آهي جو الله تعالىٰ جيڪا نعمت ڪنهن قوم کي عطا ڪندو آهي تنهن کي (اُهو) ايستائين ڪڏهن نہ مٽائيندو آهي جيستائين جيڪي سندن دلين ۾ آهي سو (پاڻ نہ) مٽائيندا آهن ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. (53) (انهن جو حال) فرعونين ۽ پڻ جيڪي کانئن اڳ هئا تن جهڙو آهي، (جو) پنهنجي پالڻهار جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتائون تنهنڪري انهن کي سندن گناهن سببان هلاڪ ڪيوسون ۽ فرعونين کي ٻوڙيوسون ۽ مڙئي ظالم هئا. (54)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ فرعون، آل فرعون ۽ ان جهڙن اسلام جي دشمنن جي تباهي ۽ بربادي جي سببن کي بيان ڪيو ويو آهي. كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ: مڪي وارن جو بہ ساڳيو اهو حال آهي جهڙو فرعون ۽ ان کان اڳين جو حال هو، انهن بہ تڪبر ۽ وڏائيءَ ۾ الله تعالىٰ جي پيغام جو انڪار ڪيو، پوءِ الله تعالىٰ کين سندن گناهن جي ڪري عذاب ۾ ورتو. يقيناً اهو سگهارو ۽ سخت بدلو وٺندڙ آهي ۽ اهو الله تعالىٰ جو اصول آهي تہ جڏهن ڪنهن قوم کي ڪنهن نعمت سان نوازيندو آهي تہ ايستائين اها ختم ناهي ڪندو جيستائين اهي ماڻهو پاڻ ان کي بدلائي نہ ٿا ڇڏين ۽ الله تعالىٰ تہ هر ڪنهن کي ٻُڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. سو هنن جي بہ فرعون ۽ ان کان اڳين واري صورتحال آهي، جن پنهنجي پروردگار طرفان آيل پيغام کي ڪُوڙو سمجهي ان کي نہ مڃيو، سو الله تعالىٰ کين سمنڊ ۾ ٻوڙي هلاڪ ڪيو ۽ سيئي وڏا ظالم هئا ۽ هي مڪي جا ماڻهو بہ انهن جي طريقي تي هليا تہ کين بدر ۾ هلاڪ ڪيو ويو. الله تعالىٰ جي دين کي ڪوڙو پائيندڙ سيئي ظالم هئا.

**آيت نمبر 55-56-57-58:** اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٥﴾ اَلَّذِيْنَ عٰهَدْتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ
يَنْقُضُوْنَ عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ مَرَّةٍ وَّ هُمْ لَا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَاِمَّا تَثْقَفَنَّهُمْ فِي الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِمْ مَّنْ خَلْفَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَ
اِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ خِيَانَةً فَانْۢبِذْ اِلَيْهِمْ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْخَآئِنِيْنَ ﴿٥٨﴾

**ترجمو:** ڌرتيءَ تي (چرندڙ) ساهوارن مان (سڀ کان) بڇڙا الله وٽ ڪافر آهن جو اُهي
ايمان نہ ٿا آڻين. (55) انهن مان جن سان (صلح جو) انجام ڪيو اٿيئي سي وري هر
ڀيري پنهنجو انجام ڀڃيندا آهن ۽ اُهي نہ ڊڄندا آهن. (56) پوءِ جيڪڏهن لڙائيءَ ۾
کين لهين تہ (انهن کي اهڙي سزا ڏي جنهن جي ڪري) جيڪي سندن پوئتان هجن
تن کي ڀڄائين تہ مانَ اهي ياد ڪن. (57) ۽ جيڪڏهن ڪنهن قوم جي (شاهدي پڇڻ
جي) خيانت کان ڊڄين تہ اُنهن ڏانهن (سندن انجام) پوري ٽيڪ مهل بيزاريءَ جو
اطلاع موڪل، ڇوتہ الله خيانت ڪندڙن کي دوست نہ رکندو آهي. (58)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ ڪافرن کي ’شرالدواب‘ چوڻ ۽ ڪافرن جي وعدي ٽوڙڻ ۽ خيانت ڪرڻ وقت هدايتن کي بيان ڪيو ويو آهي. انهن آيتن مان مراد مديني جا يهودي آهن جن سان رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو معاهدو هو تہ اهي هڪ ٻئي جي خلاف نہ وڙهندا، پر انهن يهودين معاهدي کي ٽوڙيندي مشرڪن جي مدد ڪئي ۽ معاهدي کي ٽوڙي ڇڏيو. الله تعاليٰ وٽ زمين تي چرندڙ سيني جاندارن مان بڇڙا اهي ڪفر ڪرڻ وارا آهن سو اهي ايمان نہ آڻيندا. هو اُهي ئي تہ آهن جن سان اوهان صلح جا معاهدا ڪيا پوءِ انهن هر ڀيري ڪيل معاهدا ٽوڙي ڇڏيا ۽ کين ڪوبہ ڊج ڊپ نہ ٿيو. سو جيڪڏهن اهي اوهان کي جنگ ۾ ملي وڃن تہ کين پونين لاءِ نشانِ عبرت بڻايو تہ پلي ڀيا انهن مان نصيحت وٺن ۽ جيڪڏهن ڪنهن قوم طرفان اوهان کي معاهدي ٽوڙڻ ۽ خيانت ڪرڻ جو انديشو هجي تہ اهو معاهدو واضح نموني ٽوڙڻ جو کين پيغام موڪليو تہ اڄ کان پوءِ توهان سان ڪو بہ معاهدو نہ آهي اهو هن ڪري تہ کين معاهدي ٽوڙڻ جي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ انهن سان وڙهڻ خيانت آهي. ڇو تہ الله تعاليٰ کي خيانت ڪرڻ وارا پسند نہ آهن.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

فرعون ۽ ان کان اڳ وارين قومن جا نالا ۽ سندن بربادي جا ذريعا ۽ سبب تلاش ڪري لکو مثلاً:

| قوم جو نالو | هلاڪت جو سبب | هلاڪت جو ذريعو |
|---|---|---|
| آل فرعون | آيتن جي تڪذيب | ٻوڙيا ويا |
| | | |
| | | |

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪنهن به هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) اِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ ؕ وَ مَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ

(ب) كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. معاهدن ۾ خيانت ڪندڙن لاءِ ڪهڙيون هدايتون آهن؟
2. سبق جي آيتن ۾ اڳين قومن جي بربادي ءَ جا ڪهڙا سبب ٻڌايل آهن؟
3. معاهدي ٽوڙڻ جي سزا ڇا آهي؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. ساهه ڪيڻ مهل فرشتا ڌڪ هڻن ٿا:

(الف) جانور کي (ب) عام انسان کي

(ج) آل فرعون کي (د) ڪافرن کي

2. قوم کي ٻوڙي ماريو ويو:

(الف) ثمود جي قوم کي (ب) هود جي قوم کي

(ج) آل فرعون کي (د) يهود قوم کي

3. 'بدترين جاندار' شمار ڪيو ويو آهي:

(الف) حرام جانورن کي (ب) وحشي جانورن کي

(ج) ايمان نه آڻيندڙن کي (د) فساد ڦهلائيندڙن کي

## 8. سورة الانفال: رڪوع: 8، آيتون: 59 ڪان 64 تائين

**آيت نمبر 59:** وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَبَقُوْا ؕ اِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُوْنَ ﴿۵۹﴾

**ترجمو:** ۽ ڪافر (ايئن) نہ ڀائين تہ (ڪو) اڳرائي ڪيائون، بيشڪ اُهي نہ ٿڪائي سگهندا. (59)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ڪافرن جو الله تعالىٰ جي پڪڙ ڪان نہ بچي سگهڻ ڪي بيان ڪيو ويو آهي. معاهدن ٽوڙڻ ۽ ٻين شرارتن سان ڪافر اهو نہ سمجهن تہ اهي ڪي الله تعالىٰ جي طاقت ڪان ٻاهر هليا ويندا، ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ اهي ڪيس عاجز نہ ٿا ڪري سگهن جو سندس ڪنٽرول مان نڪري وڃن بلڪ اهو سندن سيني ڪمن ڪان واقف آهي ۽ ڪين انهن بد عملن جي سزا ڏيندو.

**آيت نمبر 60:** وَاَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّمِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَعَدُوَّكُمْ وَاٰخَرِيْنَ مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ لَا تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۶۰﴾

**ترجمو:** ۽ انهن لاءِ (لڙائي جي هٿيارن جي) سگهہ مان ۽ گهوڙن جي تيار رکڻ مان جيڪي ٿي سگهيوَ سو الله جي ويرين ۽ پنهنجن ويرين کي دهشت ڏيڻ لاءِ تيار رکو ۽ انهن کانسواءِ ٻي قوم کي (بہ) ڪين توهان نہ ڄاڻندا آهيو، اُنهن کي الله ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪي ڪنهن شيء مان الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندؤ سو اوهان کي پورو ڏبو ۽ اوهان کي (گهٽ ڏئي) ظلم نہ ڪبو. (60)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ جهاد جي تياري لاءِ مستقل طور سامان رکڻ لاءِ حڪم ڪي بيان ڪيو ويو آهي البتہ، مؤمنن کي پنهنجي جنگي صلاحيت کي بهتر ۽ سگهارو بڻائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پوءِ اهو اسلحو ۽ جنگي هٿيار يا سواري جا گهوڙا ۽ ٻيا لڙائي جي آلات جا ذريعا چو نہ هجن، ايئن ڪرڻ سان اوهان الله تعالىٰ جي دشمنن ۽ پنهنجي دشمنن، يعني مڪي جي ڪافرن مٿان رعب ۽ پنهنجي هيبت ٻيهاري سگهندؤ ۽ انهن کان علاوه انهن دشمنن تي بہ دهشت طاري ٿيندي، جن کي في الحال اوهين نہ ٿا سُڃاڻو يعني منافق ۽ يهودي، پر اهي الله تعالىٰ جي علم ۾ آهن. دين لاءِ جاني توڙي مالي ڪوشش جاري رکڻ گهرجي ۽ الله تعالىٰ جي راهہ ۾ اوهين جيڪي ڪجهہ جان، مال ۽ سَت لڳائيندؤ تنهن جو اوهان کي پورو بدلو ملندو ۽ اوهان سان ڪابہ زيادتي نہ ٿيندي.

**آيت نمبر 61:** وَاِنْ جَنَحُوْا لِلسَّلْمِ فَاجْنَحْ لَهَا وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۶۱﴾

**ترجمو:** ۽ جيڪڏهن صلح لاءِ لاڙو ڪن ته (تون به) اُن ڏانهن لاڙو ڪر ۽ الله تي ڀروسو ڪر، بيشڪ اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. (61)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ڪافرن سان صلح جي اجازت جي بيان ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن (ڪافر يا يهودي جنگ وارو رويو ڇڏي) صلح اختيار ڪرڻ چاهين ته صلح اختيار ڪرڻ لاءِ الله تعالىٰ تي ڀروسو رکي سندن هر معاهدي کي قبول ڪريو، بيشڪ اهو هر ڳالهه ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

**آيت نمبر 62:** وَاِنْ يُّرِيْدُوْٓا اَنْ يَّخْدَعُوْكَ فَاِنَّ حَسْبَكَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِيْٓ اَيَّدَكَ بِنَصْرِهٖ وَبِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۲﴾

**ترجمو:** ۽ جيڪڏهن توکي دوکي ڏيڻ جو ارادو ڪن تا ته بيشڪ تو لاءِ الله ڪافي آهي، (۽) اُهوئي آهي جنهن توکي پنهنجي مدد ۽ مومنن سان سگهه ڏني. (62)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ الله تعالىٰ طرفان مسلمانن کي دلجوئي ۽ نصرت ڪرڻ کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن اهي معاهدي جي آڙ ۾ اوهان سان دوکو ۽ خيانت ڪرڻ چاهين ته پوءِ اي پيغمبر! اوهان کي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي، جو ته الله تعالىٰ اوهان لاءِ ڪافي آهي. ان ته اوهان جي مدد ۽ مؤمنن جي ذريعي ڀرپور نصرت ڪئي آهي

**آيت نمبر 63-64:** وَ اَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ؕ لَوْ اَنْفَقْتَ مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۶۳﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۴﴾

**ترجمو:** ۽ اُنهن (مؤمنن) جي دلين کي جوڙيائين، جيڪي زمين ۾ آهي سو مڙئي جيڪڏهن تون خرچين ها ته سندين دلين ۾ جوڙي نه سگهين ها پر الله سندن وچ ۾ ميلاپ ڏنو، بيشڪ اُهو غالب حڪمت وارو آهي. (63) اي پيغمبر! توکي ۽ پڻ مؤمنن مان جن تنهنجي تابعداري ڪئي تن لاءِ الله ڪافي آهي. (64)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ الله تعالىٰ جي خاص احسان يعني اتحاد، الفت ۽ دلجوئي کي بيان ڪيو ويو آهي ته ان مؤمنن جي وچ ۾ محبت وِجهي ڇڏي آهي. نه ته انهن جي پُراڻين دشمنين ۽ اختلافن جي ڪري جيڪڏهن اوهين زمين جا سمورا خزانا خرچ ڪريو ها ته به انهن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ محبت نه پيدا ڪري سگهو ها. پر اها مهرباني الله تعالىٰ جي آهي جنهن انهن ۾ قرب ۽ محبت وڌي آهي، بيشڪ اهو وڏو حڪمت وارو آهي. اي پيغمبر! اهي ڪافر ته ڇا جيڪڏهن پوري دنيا جا ماڻهو به اوهان جا مخالف ٿيڄي پون ته به ڪجهه ڪِين ڪري سگهندا،

چو ته الله تعالیٰ اوهان کي ۽ اوهان جي مؤمن تابعدارن لاءِ ڪافي آهي. ان جي هوندي ٻي ڪنهن جي به گهرج نه آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪنهن به هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) وَاِنْ جَنَحُوْا لِلسَّلْمِ فَاجْنَحْ لَهَا وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ

(ب) وَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ؕ لَوْ اَنْفَقْتَ مَا فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. موجوده زماني ۾ جهاد لاءِ ڪهڙي سازوسامان جي ضرورت آهي؟ واضح ڪريو.
2. جيڪڏهن ڪافر صلح لاءِ آماده هجن ته ان لاءِ مسلمانن کي ڇا حڪم آهي؟
3. ماڻهن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ محبت جو وڏو سبب ڇا آهي؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. مسلمانن کي جنگي هٿيارن جي تياري ڪرڻ گهرجي:

(الف) گهٽي (ب) توري
(ج) درمياني (د) جيتري ٿي سگهي

2. الله تعالیٰ جي راهه ۾ خرچ ڪيل پورو پورو واپس ٿيندو:

(الف) مال ملڪيت (ب) سون
(ج) هر شيء (د) وقت

3. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ مومنن لاءِ ڪافي آهي:

(الف) الله تعالیٰ (ب) ڪتاب الله
(ج) سنت (د) اسوه حسنه

## 9. سورة الانفال: رڪوع: 9، آيتون: 65 ڪان 69 تائين

**آيت نمبر 65:** يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ عِشْرُوْنَ صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾

**ترجمو:** اي پيغمبر! مؤمنن کي لڙائيءَ تي همٿاءِ، جيڪڏهن اوهان مان صبر وارا وِيهه (ڄڻا) آهن تہ ٻن سَون تي غالب ٿيندا، ۽ جيڪڏهن اوهان مان سَو (ڄڻا) آهن تہ هڪ هزار ڪافرن تي غالب ٿيندا هن ڪري جو اُها اهڙي قوم آهي جا نہ سمجهندي آهي. (65)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ مومنن کي جهاد جي ترغيب ۽ ڪافرن جي ڏهوڻ تعداد تي غلبو حاصل ٿيڻ کي بيان ڪيو ويو آهي. اي پيغمبر! مؤمنن کي لڙائي ۽ جهاد جو شوق ڏياريو ۽ کين ٻُڌايو تہ جيڪڏهن توهان مان ويهہ ڄڻا ثابت قدم رهندڙ دشمن جو مقابلو ڪندا تہ ٻن سَون تي غالب ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن توهان مان هڪ سؤ مجاهد هوندا تہ ڪافرن جي هڪ هزار ماڻهن کان سگها ٿي ويندا، ان ڪري اوهان تي لازم آهي تہ ڪافر جيڪڏهن مسلمانن کان ڏهوڻ تائين بہ گهڻا آهن تہ توهان انهن سان مقابلو ڪريو ۽ جنگ وڙهو، چو تہ اها اهڙي قوم آهي جيڪا ايمان ۽ الله تعالىٰ جي ڀروسي کان غير واقف آهي.

**آيت نمبر 66:** اَلْـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ وَعَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا ؕ فَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ اَلْفٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٦٦﴾

**ترجمو:** هاڻي الله اوهان تان بار هلڪو ڪيو ۽ اوهان ۾ ڪمزوري معلوم ڪيائين، پوءِ جيڪڏهن اوهان مان صبر وارا سَو (ڄڻا) هوندا تہ ٻن سون تي غالب ٿيندا، ۽ جيڪڏهن اوهان مان هزار هوندا تہ ٻن هزارن تي الله جي حڪم سان غالب ٿيندا، ۽ الله صابرن ساڻ آهي. (66)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ غزوه بدر ۾ ڏهوڻ ۾ گهٽتائي ۽ رڳو ٻيڻي تعداد تي غلبو حاصل ٿيڻ جي وعدي کي بيان ڪيو ويو آهي. اَلْـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ: (اي مومنو) مٿيون حڪم اوهان جي قوت ۽ صبر جي اعتبار سان ڪجهہ ڏکيو آهي ۽ اوهان ۾ ڪمزوري اچي چڪي آهي. تنهنڪري هاڻي ٿوري تخفيف ڪري جيڪو جنگ جو اصول طئي ڪجي ٿو سو هي آهي تہ جيڪڏهن اوهان مان هڪ سؤ ثابت قدم رهندڙ مجاهد هوندا تہ اهي ٻن سَون دشمنن مٿان غالب ٿي ويندا

۽ جيڪڏهن اوهان جا هڪ هزار اهڙا جوڌا جنگ وڙهندڙ هوندا ته الله تعالىٰ جي حڪم سان دشمن جي ٻن هزارن تي سوڀارا ٿي ويندا ۽ الله تعالىٰ به اهڙن ثابت قدم رهندڙن سان ئي گڏ هوندو آهي.

**آيت نمبر 67-68:** مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗۤ اَسْرٰى حَتّٰى يُثْخِنَ فِى الْاَرْضِؕ تُرِيْدُوْنَ عَرَضَ الدُّنْيَا ۖۗ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٧﴾ لَوْلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيْمَاۤ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٦٨﴾

**ترجمو:** پيغمبر کي نه جڳائيندو آهي جو (ڪافرن کي) قيد ۾ رکي (بلڪ کين قتل ڪري) ايتري تائين جو مُلڪ ۾ (ڪافرن جي عام) خونريزي ڪري، (اوهين) دنيا جو سامان گهرندا آهيو، ۽ الله آخرت (جو ثواب ڏيڻ) گهرندو آهي، ۽ الله غالب حِڪمت وارو آهي. (67) جيڪڏهن الله تعالىٰ طرفان تقدير ۾ اڳي لکيل نه هجي ها ته اوهان جيڪي (فديو) ورتو تنهن ۾ اوهان کي ضرور وڏو عذاب پهچي ها. (68)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ غزوه بدر ۾ قيدين جي متعلق حڪم کي بيان ڪيو ويو آهي. مَاكَانَ لِنَبِيٍّ: غزوه بدر جو نتيجو هن ريت ظاهر ٿيو ته قريش جا ستر سردار قتل ٿي ويا ۽ ستر قيد ٿي مسلمانن جي قبضي ۾ آيا. جڏهن انهن کي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سامهون پيش ڪيو ويو ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ صحابه ڪرام رضي الله عنهم سان مشورو ڪيائون ته انهن سان ڇا ڪيو وڃي؟ ڪجھ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي راءِ مطابق پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي فديي عيوض آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن تي الله تعالىٰ طرفان ڏوراپي جو اظهار ڪيو ويو. قرآن مجيد ۾ آهي:

ڪنهن پيغمبر لاءِ اهو مناسب ڪونهي جو جڏهن ڪيس جنگي قيدي هٿ آيا هجن ته کين زمين ۾ رت سان لت پت ڪرڻ کان سواءِ ڇڏي ڏئي. توهان (يعني مومن) پئسن ۽ دنيا جي سامان جي طلب رکو ٿا، جڏهن ته الله تعالىٰ اوهان جي آخرت موچاري ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي ۽ الله تعالىٰ ڏاڍو حڪمت وارو آهي.

**استادن لاءِ هدايتون**

جنگي قيدين جي حقن ۽ آزاديءَ بابت مذاڪري بعد نڪتا تحرير ڪرايو.

**آيت نمبر 69:** فَكُلُوْا مِمَّا غَنِمْتُمْ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٩﴾

**ترجمو:** پوءِ جيڪي اوهان مال غنيمت ورتو سو پاڪ حلال (ڀانيو ۽) کائو ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. (69)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ مال غنيمت جي متعلق حڪم ڪي بيان ڪيو ويو آهي. اي مومنو! جيڪي ٽيو سو گذريو هاڻي اوهان کي غنيمت ۾ جيڪي ڪجهه مليو آهي سو حلال ۽ پاڪيزه طور واپرايو ۽ الله تعالىٰ جي نافرماني کان بچندا رهو. بيشڪ الله تعالىٰ وڏو بخشيندڙ مهربان آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) يٰۤاَيُّهَا النَّبِىُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ عِشْرُوْنَ صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْۤا اَلْفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ

(ب) مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗۤ اَسْرٰى حَتّٰى يُثْخِنَ فِى الْاَرْضِ ؕ تُرِيْدُوْنَ عَرَضَ الدُّنْيَا ۖ وَ اللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. جهاد جي ترغيب جو ڪهڙو طريقو آهي؟
2. فديي مان ڇا مراد آهي؟
3. مسلمانن کي جهاد ۾ دشمن تي ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڪيتري تعداد جي ضرورت هئي؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. مومنن کي اڀارڻ لاءِ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي حڪم ڏنو ويو:

| | |
|---|---|
| (الف) ڪنهن سفر لاءِ | (ب) جهاد لاءِ |
| (ج) تجارت لاءِ | (د) هنر لاءِ |

2. مومنن سان دشمن جي تعداد تي سوپ ڏيڻ جو پهريون وعدو هو:

(الف) برابري تي | (ب) ٻيڻ تي
(ج) ڏهوڻ تي | (د) ٽيڻ تي

3. جنگي قيدين بابت پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مشورو ڪيو:

(الف) قيدين سان | (ب) قريش سان
(ج) صحابہ ڪرام سان | (د) مخالف ڪمانڊر سان

## 10. سورة الانفال: رڪوع: 10، آيتون: 70 کان 75 تائين

**آيت نمبر 70-71:** يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيْۤ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰۤى ۙ اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّاۤ اُخِذَ مِنْكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝ وَ اِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝

**ترجمو:** اي پيغمبر! قيدين مان جيڪي اوهان جي هٿن ۾ آهن تن کي چئو تہ جيڪڏهن الله اوهان جي دلين ۾ ڪا چڱائي ڄاڻي تہ جيڪي اوهان کان ورتو ويو تنهن کان چڱو اوهان کي ڏيندو ۽ اوهان کي بخشيندو، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. (70) ۽ جيڪڏهن توسان خيانت ڪرڻ گهرندا تہ بيشڪ الله سان (بہ) اڳ خيانت ڪئي هئائون پوءِ (اوهان کي) انهن تي سگهارو ڪيائين، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. (71)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ الله تعالیٰ جو رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ذريعي قيدين کي خطاب ۽ ڪافرن طرفان خيانت واري صورت ۾ حڪم کي بيان ڪيو ويو آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ: اي پيغمبر! اوهان جي قبضي ۾ جيڪي قيدي آهن تن کي تسلي ڏيو تہ جيڪڏهن توهان ۾ ڪا چڱائي نظر اچي تہ ورتل فديي کان وڌيڪ بهتر شيءِ يعني جهجهو مال نصيب ڪندو ۽ بخشي ڇڏيندو ۽ الله تعالیٰ تہ آهي ئي بخشيندڙ مهربان ۽ جيڪڏهن اي نبي! انهن اوهان سان ڪنهن خيانت جو ارادو ڪيو تہ پوءِ اهي پهرئين بہ الله تعالیٰ سان خيانت ڪري چڪا آهن جنهن جي نتيجي ۾ توهان کي مٿن طاقتور بڻايو ۽ اهي توهان جي قبضي ۾ اچي ويا ۽ الله تعالیٰ ڄاڻيندڙ حڪمت وارو آهي.

**استادن لاءِ هدايتون**

غمگين کي تسلي ڏيڻ جا شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي معاشرتي فائدا سمجهايو.

**آيت نمبر 72:** اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ الَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّ نَصَرُوْۤا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ لَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا ۚ وَ اِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ اِلَّا عَلٰى قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝

**ترجمو:** جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن ڄانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي اهي هڪ ٻئي جا دوست آهن. ۽ جن

ايمان آندو ۽ هجرت نہ ڪئي تن جي دوستيءَ مان اوهان کي ايستائين ڪجهہ بہ (فائدو) نہ آهي جيستائين هجرت نہ ڪن، ۽ جيڪڏهن دين (جي ڪم) ۾ اوهان کان مدد گهرن تہ اوهان کي انهيءَ قوم کانسواءِ ٻي قوم تي مدد ڏيڻ لازم آهي جن جو اوهانجي ۽ انهن جي وچ ۾ معاهدو ٿيل هجي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. (72)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ هجرت، نصرت ۽ دارالحرب جي مسلمانن بابت بيان ڪيو ويو آهي. اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا: جيڪي ماڻهو ايمان آڻي مسلمان ٿي چڪا آهن، انهن مديني ڏانهن هجرت بہ ڪئي آهي ۽ انهن الله جي راهہ ۾ جاني ۽ مالي جهاد بہ ڪيو آهي، انهن مان مراد مهاجر صحابي آهن، اهي ۽ جن انهن کي پنهنجي گهرن ۾ جاءِ ڏئي رهايو ۽ سندن هر طرح مدد ڪئي اهي ٻئي هڪٻئي جا دوست ۽ وارث آهن ان حڪم جي نتيجي ۾ مهاجر پنهنجي پاءُ ٻڌايل انصاري جو وارث ٿيندو هو. ۽ جن ايمان آندو آهي پر اجان تائين هجرت ناهي ڪئي سي هجرت ڪرڻ تائين اوهان مسلمانن جا وارث نہ ٿا ٿي سگهن ۽ نہ توهان انهن جا وارث ٿي ٿا سگهو پر جيڪڏهن اهي دين جي باري ۾ اوهان کان مدد گهرن تہ اوهان تي سندن مدد ڪرڻ لازم آهي، ها جن قومن سان اوهان جو ڪو معاهدو ٿيل آهي تہ ان جي مخالفت ۾ اوهان پنهنجي انهن مسلمانن جي مدد نہ ڪندؤ ۽ الله تعالىٰ تہ اوهان جي عملن کي ڏسندڙ پسندڙ آهي.

| | |
|---|---|
| **استادن لاءِ هدايتون** | هجرت مدينہ کان پوءِ مومنن جي زندگيءَ تي جيڪو اثر پيو تنهن بابت وضاحت ڪريو. |

**آيت نمبر 73:** وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بَعۡضُهُمۡ اَوۡلِيَآءُ بَعۡضٍ ؕ اِلَّا تَفۡعَلُوۡهُ تَكُنۡ فِتۡنَةٌ فِى الۡاَرۡضِ وَفَسَادٌ كَبِيۡرٌ ؕ

**ترجمو:** ۽ جيڪي ڪافر آهن تن مان هڪڙا ٻين جا سنگتي آهن، پر (اي مسلمانؤ!) جيڪڏهن اوهين اها (پائپي) نہ ڪندؤ تہ مُلڪ ۾ فتنو ۽ وڏو فساد ٿيندو. (73)

**سمجهاڻي:** هن آيت ۾ ڪافرن جي باهمي دوستي ۽ انهن سان وڙهڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪي ڪافر ٻڌيا آهن تن جو ڳانڍاپو اوهان سان ختم ٿي چڪو، هاڻي اهي پاڻ ۾ هڪٻئي جا وارث آهن هڪ ٻئي جا وارث ٿي سگهن ٿا. توهان سان انهن جو نصرت ۾ ڪو بہ واسطو نہ آهي اي مسلمانو! جيڪڏهن اوهين انهن سان قطع تعلق ۽ مومنن سان دوستي واري اصولن تي عمل نہ ڪندؤ تہ ملڪ ۾ فتنو ۽ وڏو فساد پيدا ٿي پوندو.

**آيت نمبر 74-75:** وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ الَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّ نَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ ۝ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا مَعَكُمْ فَاُولٰٓئِكَ مِنْكُمْ ؕ وَ اُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝

**ترجمو:** ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن (هجرت ڪندڙن کي) جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي اِهي ئي سچا مؤمن آهن، اُنهن لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي. (74) ۽ جن (انهن کان) پوءِ ايمان آندو ۽ هِجرت ڪئي ۽ اوهان سان گڏ جهاد ڪيو سي به اوهان مان آهن، ۽ مائٽيءَ وارا الله جي حُڪم موجب (پاڻ ۾) هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن، جوته الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. (75)

**سمجهاڻي:** هنن آيتن ۾ هجرت، جهاد، فتح، بشارت ۽ مهاجرن ۽ انصارن جي فضيلت ٻڌائي وئي آهي. جن مؤمنن ايمان آڻڻ سان گڏ هجرت ڪئي ۽ جاني مالي جهاد ڪيو ۽ جن انصارين انهن کي جاءِ ڏني ۽ سندن هر قسم جي مدد ڪئي، اهي ٻئي ڌريون سچا ۽ حقيقي مؤمن آهن. انهن لاءِ بخشش ۽ بهترين رزق تيار آهي. اڳ ۾ ايمان آڻڻ وارن کان بعد جن ايمان قبوليو ۽ هجرت ڪري آيا ۽ اوهان سان جهاد ۾ شريڪ ٿيا ته اهي مومن به اوهان جا پائر آهن ۽ سيني مؤمن مسلمانن جو هڪ ٻئي سان خيرخواهي وارو رويو رکڻ وارا الله تعالىٰ وٽ نيڪوڪار ۽ پلارا ماڻهو آهن. بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪنهن به هڪ آيت جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو

(الف) يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيْٓ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰٓى ۙ اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّآ اُخِذَ مِنْكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ

(ب) وَ اِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. هن سبق ۾ الله تعالىٰ سورة الانفال جي انهن آيتن ۾ قيدين بابت ڇا ارشاد فرمايو آهي؟

2. مهاجر صحابين مان مراد ڪهڙا صحابي آهن؟

3. مومنن ۽ ڪافرن جي هڪ ٻئي ۾ وارث بڻجڻ جا اصول ڪهڙا آهن؟

(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:

1. بدر جي قيدين مان اڪثر قيدين کي فديي عيوض ملي:

(الف) آزادي (ب) غلامي

(ج) بخشش (د) مالي مدد

2. "اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ" مان مراد آهي:

(الف) مهاجر صحابہ ڪرام رضي الله عنهم (ب) انصار صحابہ ڪرام رضي الله عنهم

(ج) عشره مبشره صحابہ ڪرام رضي الله عنهم (د) السابقون الاولون صحابہ ڪرام رضي الله عنهم

3. "وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا" مان مراد آهن:

(الف) مسلمان (ب) مومن

(ج) انصار (د) مهاجر

باب ٻيو
(الف)

# الحديث

## 1 حديث جي حفاظت، تدوين ۽ حجيت

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- حديث جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- حديث جي شرعي حيثيت ۽ حجيت کي ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- حديث ۽ سنت جي حفاظت کي سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- حديث جي جمع، تدوين ۽ ان جا ٽئي دور سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- صحاح سته، اصول اربعه ۽ ان جي مصنفن جا نالا ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- حديث جا قسم ۽ انهن جا حڪم سمجهي بيان ڪري سگهندا.

**حديث جو مفهوم:** ’حديث‘ جي لغوي معنيٰ خبر ۽ ڳالهه ٻولهه آهي. حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي قول، فعل ۽ تقرير کي حديث چيو ويندو آهي. ۽ حديث کي ’وحي غير متلو‘، ’خبر‘، ’اثر‘ ۽ ’سنت‘ به چيو ويندو آهي. جڏهن ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کان وٺي حديث جي آخر ۾ نقل ڪندڙ شخص تائين جن ماڻهن حديثون بيان ڪيون آهن. انهن کي ’راوي‘ ۽ اهڙيءَ طرح حديث بيان ڪرڻ کي ’روايت حديث‘ چيو ويندو آهي.

**سنت:** ’سنت‘ جي لغوي معنيٰ ’عادت‘، ’طريقو‘ ۽ ’رستو‘ آهي. اصطلاح ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي گذارڻ جي هر ادا جيڪا قول، فعل، تقرير يا صفت جي صورت ۾ هجي، جنهن سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي گذارڻ جي عمل ۽ نموني جي خبر پوي، ان کي ”سُنت“ چيو ويندو آهي. ان سنت کي قرآن مجيد ’اسوه حسنه‘ جي نالي سان بيان ڪيو آهي.

**حديث جي شرعي حيثيت ۽ حجيت:** اسلامي شريعت ۾ ڪنهن به مسئلي جو حڪم چئن ماخذن / مصدرن مان معلوم ڪيو ويندو آهي، اهي چار هي آهن: قرآن، سُنت، اجماع ۽ قياس. حديث ۽ سنت کي بنيادي ماخذن ۾ ٻيو درجو حاصل آهي. ان ڳالهه تي سموري اُمت جو اتفاق آهي ته حديث نبوي جي تابعداري ڪرڻ واجب ۽ ان جي خلاف ورزي ڪرڻ حرام آهي. جنهن جو خود الله تعاليٰ به حڪم ڏنو آهي. **ترجمو:** ۽ جيڪي پيغمبر اوهان کي ڏئي سو وٺو، ۽ جنهن

ڪان اوهان کي روڪي تنهن کي ڇڏي ڏيو، ۽ الله کان ڊڄو، بيشڪ الله سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي. (سورة الحشر: آيت نمبر 7)

هن آيت سڳوريءَ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سيني حڪمن ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي تعليمات کي قبول ڪرڻ ۽ منع ڪيل شين کان رُڪجي وڃڻ جو اُمت لاءِ چٽو حڪم آهي. جو تہ، هر اُمتيءَ جي مٿان سندس پيغمبر جي حڪم جي تابعداري ڪرڻ لازمي آهي.

حديث ۽ سنت کي تمام گهڻي اهميت آهي، جو حقيقت ۾ حديث ۽ سنت ئي قرآني احڪام کي واضح ڪندڙ آهن. قرآن مجيد جا ڪيترا احڪام اهڙا آهن، جن جي تشريح، وضاحت ۽ عمل سيدنا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سمجهاڻي کان سواءِ ممڪن نہ آهي، مثلاً: نماز جي رڪعتن جو تعداد، زڪوات جو نصاب وغيره صرف حديث ۽ سنت ذريعي ئي معلوم ٿين ٿا.

**حديث جي حفاظت:** قرآن مجيد دين جي بنيادي سموري تعليمات تي مشتمل آهي. نبوت واري بابرڪت دور ۾ ماڻهن ان جو هر لفظ زباني ياد ڪيو ۽ احتياطي طور پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪاتبين وحي جي ذريعي محفوظ ڪرايو. جڏهن تہ حديث شريف اسلامي شريعت جي سمورن اعتقادي ۽ عملي مسئلن جي تفصيل تي مشتمل آهي. ان جو قولي حصي کي صحابہ ڪرام رضي الله عنهم پنهنجي حافظي ۾ رکيو ۽ ان جي عملي حصي کي پنهنجي عمل جي ذريعي محفوظ ڪيو.

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪيترن ئي موقعن تي ضروري حڪم ۽ هدايتون لکرايون جن جو ذڪر حديث جي معتبر ڪتابن ۾ موجود آهي. ان کان سواءِ مختلف قبيلن جون تحريري هدايتون، خطن جا جواب، مديني منوره جي مردم شماريءَ جا دستاويز، ان وقت جي بادشاهن ۽ سربراهن ڏانهن موڪليل اسلام لاءِ دعوت ناما، امن و امان ناما توڙي ان قسم جون ڪيتريون ئي تحريرون هيون جيڪي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مختلف موقعن تي لکرايون. غزوه بدر کان پوءِ مديني ۾ ڪيترن ئي مسلمانن لِکڻ سِکي ورتو. ان کان پوءِ حديث جي لِکت جو سلسلو جاري ٿي ويو، جيتوڻيڪ عرب اسلام کان پهريان اڻ پڙهيل قوم هئي انهن ۾ ڪنهن قسم جو تعليمي رواج نہ هيو، پر ايمان ۽ اسلام جي برڪت سان صحابہ ڪرام رضي الله عنهم ۾ شوق پيدا ٿيو ۽ انهن مان ڪيترائي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان مبارڪ مان جيڪو ڪجهہ ٻُڌندا هئا سو لِکي

ڇڏيندا هئا. ان مان معلوم ٿيو تہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ دور ۾ ئي سندن حديثن ڪي ياد ڪرڻ ۽ جمع ڪرڻ جو تمام گهڻو اهتمام ڪندا هئا. انهن جي ان جذبي سامهون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو هي فرمان هو تہ ”الله تعالىٰ ان شخص کي خوش رکي جنهن منهنجي حديث ياد ڪئي، ان ڪان پوءِ ٻين ماڻهن تائين ساڳئي طريقي سان پهچائي.“ (ترمذي، ابوداٸود، ابن ماجه)

**تدوين حديث جو پهريون دور:** اسلام جي شروعاتي دور ۾ عربن ۾ لکڻ پڙهڻ جو رواج نہ هوندو هو اتي ۾ لوڻ برابر ماڻهو لکڻ پڙهڻ واري فن کان واقف هوندا هئا. انهن منجهان جيڪي مسلمان ٿيا، تن مان ڪجهہ صحابہ ڪان وقت بوقت قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ واري آيتن جو لکڻ وارو ڪم ورتو ويندو هو. ان وقت سيدنا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حديث بابت عام طرح سان زباني روايت (نقل) ۽ حافظي واري قوت کي استعمال ۾ آندو ويندو هو.

جڏهن اسان حديثن جي پيندار تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي ٻن قسمن واريون حديثون ملن ٿيون. هڪ تہ اهو قسم، جنهن ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن حديث جي لکڻ ڪان منع ڪئي هئي. ٻيو اهو قسم، جنهن ۾ نہ رڳو اجازت هئي پر خود حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم سان لکيل احڪام ۽ فرمان بہ ملن ٿا.

هن جو اصل ڪارڻ هي آهي تہ شروعات ۾ حديث جي لکت ڪان منع بابت حڪم گهڻين مصلحتن ۽ حڪمتن جي ماتحت هو. پهريون سبب هي آهي تہ لکڻ جو رواج عام نہ هو، ان ڪري حديث کي ياد ڪرڻ تي زور ڏنو ويو تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو فائدو حاصل ڪري سگهن ۽ سندن حافظي واري قوت ضايع ٿيڻ بدران زياده ترقي ڪندي رهي. ٻيو مقصد هي هو تہ قرآن مجيد ڏانهن وڌيڪ ڌيان رهي جيئن اهو دلين ۾ پوري طرح جاءِ وٺي وڃي ۽ هي سبب بہ بيان ڪيو وڃي ٿو تہ قرآن مجيد جي لکت سان گڏوگڏ حديث جي لکڻ جي هن ڪري منع ڪئي وئي تہ جيئن ٻنهين جا اکر پاڻ ۾ خلط ملط نہ ٿي وڃن. جيئن تہ لکڻ لاءِ سامان گهڻي ترقيءَ تي پهتل ڪين هو ۽ اهو فن بہ صرف ڪجهہ ماڻهن ۾ هيو انڪري قرآن ۽ حديث جي الفاظن ۾ گڏجي وڃڻ جو خطرو ٿي سگهندو هو. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ”قرآن مجيد ڪان سواءِ مون ڪان ٻڌي ڪجهہ بہ نہ لکو، جنهن ماڻهوءَ قرآن مجيد ڪان سواءِ ڪا بہ شيءِ لکي هجي ان کي مٽائي ڇڏي“ (صحيح مسلم، ابو سعيد خدري جي روايت سان)

تنهن هوندي بہ اها پابندي مٿي ڄاڻايل مصلحتن پٽاندر وقتي طور هئي، جڏهن حالتون سازگار بڻجي ويون تہ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن حديث جي لکڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيائون. جنهن جا ڪجهہ مثال موجود آهن. مثال طور حضرت ابوهريره رضي الله عنه پهرين رڳو حديث ياد ڪرڻ جي حد تائين قائل هو. مگر بعد ۾ پنهنجي روايت ڪيل سيني حديثن کي لکت وسيلي محفوظ ڪري ڇڏيو هئائين. جڏهن بہ ڪنهن قسم جو شڪ شبهو پيدا ٿيندو هو تہ انهيءَ مجموعي مان ئي تصديق ڪندا هئا عمرو بن اميہ جو بيان آهي تہ حضرت ابوهريره رضي الله عنه جي اڳيان هڪ حديث تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ منهنجو هٿ پڪڙي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ اسان کي حديث جو جمع ڪيل ذخيرو ڏيکاريائين ۽ چيائين: ”ڏسو! اها حديث مون وٽ لکيل آهي.“ گهڻن اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي حديثن جي ذاتي مجموعن کان سواءِ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي معاهدن، صلح نامن، احڪامن ۽ خطن وغيره کي بہ لکت ۾ بند ڪيو ويو هو. مثال طور صلح حديبيہ وارو معاهدو ۽ مصر، روم ۽ ايران جي شهنشاهن جي نالي لکيل خط يا مڪي شريف فتح ٿيڻ کان پوءِ جيڪو خطبو حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڏنو ۽ ابو شاهہ يمني جي عرض رکڻ کان پوءِ ڪيس لکرائي ڏنو هئائون. اهڙي ريت يمن جي حاڪم عمرو بن حزم کي عهدي لاءِ نامزد ڪرڻ مهل هڪ تحرير لکرائي ڏني هئائون جنهن ۾ فرض، صدقي، طلاق، صلوٰت وغيره بابت ضروري احڪام هئا.

اصحابن سڳورن رضي الله عنهم واري دور کان پوءِ تابعين جي زماني ۾ پڻ عام طور تي گهڻو ڌيان حديث جي ياد ڪرڻ ڏانهن رهيو. انڪري گهڻا ماڻهو پنهنجي ذاتي ڪوشش سان مسودن لکڻ ۾ شروع ٿي ويا هئا. اهو دور پهرين صدي هجريءَ سن جي پڇاڙي تائين رهيو.

**تدوين حديث جو ٻيو دور:** اهو اصحابن رضي الله عنهم جو دور هو، ٻيو دور ان وقت شروع ٿيو، جڏهن حضرت عمر بن عبدالعزيز سن 99 هجري ۾ خليفو مقرر ٿيو. ان وقت سيئي اصحاب رضي الله عنهم دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪا هئا. مٿاهين درجي وارا تابعي بہ موڪلائيندا ٿي ويا. ان ڪري هن حديث جي حفاظت واري نيت سان سيني شهرن جي گورنرن جي نالي فرمان جاري ڪيا تہ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حديثن جي ڳولا ڪري گڏ ڪيون وڃن ۽ هي حڪم بہ جاري ڪيائين تہ احاديث سان گڏوگڏ خلفاءِ راشدين جا آثار بہ جمع ڪيا وڃن تہ جيئن شريعت جي احڪامن مٿان عمل ڪرڻ جا مثال سانديجي وڃن.

سندس جاري ڪيل فرمانن جو سنو نتيجو نڪتو ۽ جن ماڻھن ان جو اثر قبوليو تن مان مشهور عالم محمد بن مسلم بن شهاب زهري رحمة الله عليه (وفات 124) ﻫـ هڪ هو. هن بزرگ ڏينهن رات محنت ڪري احاديث ۾ هڪ ڪتاب مرتب ڪيو جنهن جا نقل لکرائي حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمة الله عليه مختلف شهرن ڏانهن موڪليا. ان ڪان سواءِ مديني ۾ سعيد بن المسيب، ڪوفي ۾ امام شعبي ۽ شام ۾ مڪحول جهڙا علماء موجود هئا. هنن حديثن جي تدوين (سهيڙ ۽ پکيڙ) ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان ڪان پوءِ سندن شاگردن هن ڪم ڪي زياده وسعت ڏني. پوءِ حديثن جي ڇنڊ ڇاڻ، فقهي ترتيب ۽ سهيڙ واري ڪم تي پوري اسلامي دنيا ۾ ڌيان ڏنو ويو. جنهن ڪري ڪيترا ئي ضخيم ۽ مستند حديث جا ڪتاب مرتب ٿيا جن مان 'صحاح سته' تمام مشهور آهن، جيڪي گهڻي وقت ڪان درسي ڪتابن جي حيثيت سان اسلامي دنيا ۾ پڙهيا ۽ پڙهايا وڃن ٿا ۽ جن لاءِ شرح، حاشين، وضاحتن ۽ تشريح جي سلسلي ۾ هر دور اندر بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون ويون آهن.

**تدوين حديث جو ٽيون دور:** ٽين صدي هجريءَ ۾ حديث جي علم جو هڪ شعبو مڪمل ٿي ويو. محدث حديث جي طلب ۾ اسلامي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتا ۽ ٽڙيل پکڙيل روايتن کي گڏ ڪري صحيح حديثون الڳ جمع ڪيائون. اسماء رجال، جرح ۽ تعديل جو مستقل فن نهيو. ان دَور ۾ حديث جي فن ۾ 'صحاح سته' جهڙن ڪيترن ئي ڪتابن جي تصنيف ٿي، حديث جي ڇهن ڪتابن کي 'صحاح سته' چوندا آهن انهن جي ليکڪن جي فهرست هن ريت آهي:

| ڪتاب | مصنف | ولادت | وفات |
| --- | --- | --- | --- |
| صحيح بخاري | امام ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري | 194 هجري | 256 هجري |
| صحيح مسلم | امام مسلم بن حجاج بن مسلم قشيري | 206 هجري | 261 هجري |
| جامع ترمذي | امام ابو عيسىٰ محمد بن عيسىٰ ترمذي | 209 هجري | 279 هجري |
| سنن ابي دائود | امام ابودائود سليمان بن اشعث سجستاني | 202 هجري | 275 هجري |
| سنن نسائي | امام ابو عبدالرحمان احمد بن شعيب بن علي نسائي | 215 هجري | 303 هجري |
| سنن ابن ماجه | امام ابو عبدالله محمد بن يزيد بن ماجه قزويني | 209 هجري | 273 هجري |

**اصول اربع:** فقه جعفريہ جي مسند حديث جي چئن ڪتابن کي **'اصول اربعه'** چئبو آهي جيڪي هن ريت آهن

| ڪتاب | مصنف | ولادت | وفات |
|---|---|---|---|
| 1. الڪافي | ابو جعفر محمد بن يعقوب ڪليني | 250 هجري | 329 هجري |
| 2. من لايحضره الفقيه | ابو جعفر محمدعلي بن بابويه قمي | 306 هجري | 381 هجري |
| 3. الاستبصار | ابوجعفر محمد بن حسن طوسي | 385 هجري | 460 هجري |
| 4.تهذيب الاحڪام | ابو جعفر محمد بن حسن طوسي | 385 هجري | 460 هجري |

**حديث جا قِسم ۽ ان جا حڪم:**

**حديث متواتر:** اهڙي حديث جنهن کي هر دَور ۾ ايترا ماڻهو لڳاتار روايت ڪندا رهن، جن جو عقلي طور ڪُوڙ تي گڏ ٿيڻ ناممڪن هجي.

**خبر واحد ۽ ان جا قسم:**

**حديث مشهور:** اهڙي حديث جنهن کي هر دَور ۾ تواتر جي حد کان ٿورو گهٽ ماڻهن روايت ڪيو هجي. پر اهي ٻن کان وڌيڪ هجن.

**عزيز حديث:** اها حديث جنهن جا راوي ڪنهن بہ زماني ۾ ٻن کان گهٽ نہ هجن. لايؤمن احدڪم حتیٰ اڪون احب اليہ من والده وولده والناس اجمعين. هي حديث عزيز جو مثال آهي.

**غريب حديث:** اها حديث، جنهن کي ڪنهن زماني ۾ صرف هڪ راويءَ روايت ڪئي هجي. حديث مشهور، حديث عزيز ۽ حديث غريب کي خبر واحد بہ چيو ويندو آهي.

**صحيح حديث:** اهڙي حديث، جنهن جي سَند حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تائين مليل هجي ۽ ان کي هر دَور ۾ عادل ۽ مضبوط حافظي وارن ماڻهن روايت ڪيو هجي ۽ اهي روايت جي ڪمزورين کان محفوظ هجن.

**حسن حديث:** اهڙي حديث جنهن جي سند متصل هجي ۽ ان جا راوي بہ عادل هجن پر انهن مان ڪنهن هڪ جو حافظو صحيح حديث جي درجي کان ٿورو گهٽ هجي.

**مرسل حديث:** اهڙي حديث جنهن جي سَنَدَ جي آخر مان ڪوئي راوي ڪريل هجي.

**ضعيف حديث:** اهڙي حديث جنهن ۾ حديث حسن جي صفتن مان ڪا بہ هڪ صفت نہ هجي. حديث ضعيف جا ڪيترائي قسم آهن.

**موضوع حديث:** اهڙي حديث جنهن کي کو راوي پنهنجي طرفان ٺاهي، حضور ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي طرف منسوب ڪري.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. حديث جي ڪن بہ ٽن قسمن جي وصف لکو.
2. حديث جي شرعي حيثيت ۽ حجيت بيان ڪريو.
3. تدوين حديث تفصيل سان لکو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. حديث جي لغوي ۽ اصطلاحي معنیٰ لکو.
2. سنت جو مفهوم بيان ڪريو.
3. حديث جي شرعي حيثيت ڇا آهي؟
4. اصول اربعه ۽ انهن جي مصنفن جا نالا لکو.
5. صحاح سته ۽ انهن جي مصنفن جا نالا لکو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. اثر ۽ سنت هم معنیٰ لفظ آهن:

(الف) قرآن جا (ب) الهام جا
(ج) وحيءَ جا (د) حديث جا

2. اسلام جو ٻيو ماخذ آهي:

(الف) قرآن (ب) سنت
(ج) اجماع (د) قياس

3. حديث جو ڪتاب 'صحيفه صادقه' ڪنهن ڪيل آهي:

(الف) حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنهما جو (ب) حضرت علي ڪرم الله وجهه جو
(ج) حضرت عائشه رضي الله عنها جو (د) حضرت انس رضي الله عنه جو

4. اصول اربعه حديث جا چار مستند ترين ڪتاب آهن:

(الف) فقه جعفريه جا (ب) فقه حنفيه جا

(ج) فقه مالڪيه جا (د) فقه شافعيه جا

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگرد ۽ شاگردياڻين کي سبق ۾ ذڪر ڪيل حديث جي قسمن ۽ انهن جي حڪمن جي وضاحت ۽ تشريح ڪري سمجهائڻ.

باب ٻيو
(ب)

## چونڊ حديثون (ترجمو ۽ سمجهاڻي)

### حديث 1 کان 5 تائين

**حديث 1:** إِنَّمَا الْأَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ وَإِنَّمَا لِامْرِئٍ مَا نَوَى (صحيح بخاري: 1)
**ترجمو:** يقيناً سيني عملن جو دارومدار نيتن تي آهي ۽ هر ماڻهو کي اهو ڪجهه ملندو جنهن جي ان نيت ڪئي هوندي.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ اسلام جي بنيادي تقاضائن يعني قول، عمل، ظاهري ۽ باطني حالتن ۾ سچي نيت تي هجڻ کي لازم قرار ڏنو ويو آهي. 'نيت' دل جي ارادي کي چئبو آهي. هن حديث مطابق الله تعالیٰ وٽ اجر ۽ ثواب تڏهن ملندو جڏهن ڪو به عمل الله تعالیٰ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ سچي نيت سان ڪيو ويجي.

**حديث 2:** إِنَّمَا بُعِثْتُ لِأُتَمِّمَ حُسْنَ الْأَخْلَاقِ (مؤطا امام مالڪ: 8)
**ترجمو:** مون کي سهڻن اخلاقن کي ڪمال واري درجي تائين پهچائڻ لاءِ نبي بڻائي موڪليو ويو آهي.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ اسلام ۾ سهڻي اخلاق جي فضيلت ۽ اهميت ٻڌائي وئي آهي. حسن اخلاق جي اسلام ۾ تمام گهڻي اهميت آهي. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي بعثت جو هڪڙو مقصد اُمت جي سهڻن اخلاقن جي تڪميل ڪرڻ به ٻُڌايو ويو آهي. تنهنڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو ته: ”مون کي ان ڪري موڪليو ويو آهي ته آءٌ ماڻهن کي بلند اخلاق سان سينگاري ڪين بهترين اخلاقن جو متصف بڻايان، جن کي هو وِساري چڪا آهن.“ جهڙوڪ: بهادري، مهمان نوازي، سچ ڳالهائڻ، مظلوم جي مدد ڪرڻ ۽ پناه ڏيڻ وغيره.

**حديث 3:** لَا يُؤْمِنُ أَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِمَا جِئْتُ بِهٖ (الجامع الڪبير للسيوطي: 62624)
**ترجمو:** اوهان مان ڪو به ايستائين (ڪامل) مؤمن نه ٿو ٿي سگهي جيستائين سندس خواهشون منهنجي آندل شريعت جي تابع نه ٿي وڃن.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ ايماني سعادت ۽ ان جي برڪتن جو دارومدار سيدنا نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي تابعداري ۾ هجڻ ڪي قرار ڏنو ويو آهي. حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪامل محبت ۽ عقيدت کان سواءِ ڪوبہ شخص مؤمن نٿو ٿي سگھي، اهڙي طرح پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي آندل پيغام جي چڱيءَ طرح پيروي ڪرڻ کان سواءِ ڪوبہ ماڻهو ڪامل مؤمن نٿو ٿي سگھي. ان ڪري هڪ ڪامل مؤمن بڻجڻ لاءِ ضروري آهي تہ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سيدنا نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏسيل تعليمات تي پوري طرح عمل ڪيو وڃي.

**حديث 4:** لَا يُؤْمِنُ أَحَدُكُمْ حَتّٰى يُحِبَّ لِأَخِيهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهِ

(صحيح بخاري: 13، صحيح مسلم: 72)

**ترجمو:** اوهان مان ڪو بہ ايستائين (ڪامل) مؤمن نہ ٿو ٿي سگھي جيستائين هو پنهنجي ڀاءُ لاءِ بہ اهو ئي پسند ڪري جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ اسلامي برادري جي باهمي تعلق ۽ ورتاءَ بابت هدايتون ذڪر ڪيون ويون آهن. قرآن مجيد ۽ حديث مبارڪ جي مطابق سيئي مؤمن پاڻ ۾ ڀائر آهن. تنهن ڪري ڪوبہ ماڻهو تيستائين ڪامل مؤمن نٿو ٿي سگھي، جيستائين هو پنهنجي ٻئي مؤمن ڀاءُ جي باري ۾ اهڙي سوچ ۽ فڪر رکي، جيڪا پنهنجي ذات جي باري ۾ رکي ٿو. جنهن چڱائي ۽ سُٺائي جو پاڻ کي حقدار سمجهي انهيءَ جو ٻئي مؤمن ڀاءُ کي بہ حقدار سمجهي، جيترو پاڻ برائي ۽ نقصان کان بچڻ جو ضرورتمند هجي، اوترو ئي ٻئي مؤمن ڀاءُ کي بہ ان جو ضرورتمند سمجهي. اسلام جو هي واحد اصول آهي، جيڪو همدردي، خيرخواهي ۽ پاڻ ۾ اُلفت ۽ محبت جو ذريعو آهي. ان تي عمل ڪرڻ سان هر ماڻهوءَ ۾ ٻئي لاءِ خيرخواهي ۽ معاشري ۾ محبت ۽ اطمينان جو رجحان پيدا ٿيندو آهي.

**حديث 5:** المسلِمُ أخو المسلِمِ، لا يَخونُه ولا يَكذِبُهُ ولا يَخذُلُه، كُلُّ المسلِمِ على المسلِمِ حَرامٌ عِرضُهُ ومالُهُ ودَمُهُ، التَّقوى هَاهُنَا، بِحَسْبِ امْرِئٍ مِنَ الشَّرِّ أن يَحْقِرَ أخاهُ الْمُسْلِمَ (سنن ترمذي: 19117)

**ترجمو:** مسلمان، مسلمان جو ڀاءُ آهي، هه نہ ان سان خيانت ڪندو آهي، نہ ان سان ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ۽ نہ ئي ڪيس خوار ڪندو آهي، هر مسلمان تي ٻئي مسلمان جي عزت، مال ۽ سندس جان حرام آهي. تقويٰ هتي (دل ۾) ٿيندي آهي. ماڻهو جي بري هجڻ لاءِ اهو ڪافي آهي تہ هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي.

**سمجھاڻي:** هن حديث ۾ هڪ ٻئي سان نفرت ۽ وير، ڪيني ۽ ساڙ، بدگماني ۽ گارگند کان پاسو ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. مسلمان پاڻ ۾ ديني ڀائر آهن. جيئن نسبي ڀائر هڪ ٻئي جو سهارو ۽ محبت جو ذريعو هوندا آهن، تيئن هر مسلمان کي پنهنجي ديني ڀاءُ لاءِ به اهڙو ئي هجڻ گهرجي. ان سان نه ڪنهن معاملي ۾ دوکو ڪري، نه ئي ان جو ڪو حق غصب ڪري، نه ئي وري ان کي بي سهارو ڇڏي ڏئي. جو ته ڪنهن به مسلمان سان نامناسب رويو رکڻ، بغير اجازت جي ان جو مال ملڪيت قبائڻ ۽ ڪنهن جي قتل جون سازشون ڪرڻ ناجائز ۽ حرام آهي. اهڙن ڪمن ڪرڻ کان الله تعالىٰ جو خوف رکڻ گهرجي ۽ الله تعالىٰ جو خوف اصل ۾ دل ۾ هوندو آهي، انسان جي بُڇڙي هجڻ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي ته هو ڪنهن مسلمان کي رنگ، نسل، علم، عقيدي، ڪردار ۽ سمجھ جي اعتبار سان حقير سمجھي، ان جي بي عزتي ڪندو رهي ۽ ماڻهن جي سامهون ان کي ذليل ڪندو رهي.

## مَشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين حديثن مان ڪنهن به هڪ حديث جو ترجمو ۽ سمجھاڻي لکو.

i. إِنَّمَا بُعِثْتُ لِأُتَمِّمَ حُسْنَ الأَخْلَاقِ

ii. المسلِمُ أخو المسلِمِ، لا يَخونُه ولا يَكذِبُهُ ولا يَخذُلُه، كُلُّ المسلِمِ على المسلِمِ حَرامٌ؛ عِرضُهُ ومالُهُ ودَمُهُ، التَّقوى هاهنا، بحسْبِ امرئٍ من الشّرِّ أن يَحقِرَ أخاهُ المسلِمَ

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. عملن جو دارومدار نيت تي آهي، جي سمجھاڻي ٻڌايو.
2. ڪامل مؤمن هجڻ لاءِ ڪهڙا ڪم ڪرڻ ضروري آهن ؟
3. مسلمان سان مسلمان جو رويو ڪهڙو هجڻ گهرجي ؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. لفظ 'نيت' جي معنىٰ آهي:

(الف) دل جو ارادو ڪرڻ (ب) دعا پڙهڻ

(ج) ڌيان ڏيڻ (د) عمل ڪرڻ

2. تقوىٰ جي جاءِ آهي:

(الف) دماغ (ب) بدن

(ج) دل (د) روح

3. حديث جي مطابق "جيڪو پاڻ پسند ڪيو ٿا پنهنجي مسلمان ڀاءُ لاءِ پسند ڪريو" اهو:

(الف) ان کان گهٽ هجي (ب) ان جهڙو هجي

(ج) ان کان وڌيڪ هجي (د) بلڪل نہ هجي

## حديث 6 ڪان 10 تائين

**حديث 6:** مَاعَالَ مَنِ اقْتَصَدَ (المعجم الاوسط للطبراني: 5094)
**ترجمو:** جيڪو مياني روي اختيار ڪندو سو ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندو.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ ۾ مياني روي بابت تاڪيد ڪئي وئي آهي. انسان ڪي معاشي زندگيءَ جو راز ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪو شخص معاشي مشڪلات کان بچڻ گهري ٿو تہ پنهنجو خرچو وچٿرو رکي ۽ پنهنجي آمدني کي اهڙي طريقي سان استعمال ڪري جو خرچ پورو ٿي وڃي نہ ان ۾ ڪنجوسي ڪري ۽ نہ وري اسراف ڪري. ان ڪري فرمايائون تہ جيڪو شخص وچٿرائپ واري طريقي سان رهندو. اهو ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندو.

**حديث 7:** مَن يُرِدِ اللهُ بِهِ خَيْرًا يُفَقِّهْهُ فِي الدِّينِ، وَإِنَّمَا أَنَا قَاسِمٌ وَاللهُ يُعْطِي
(بخاري: 71، ترمذي: 2645)
**ترجمو:** جنهن ماڻهو سان الله تعالىٰ چڱائي ڪرڻ گهرندو آهي تہ ڪيس دين جي سمجهہ عطا ڪندو آهي. ۽ بيشڪ آءٌ (حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ) ورهائيندڙ آهيان جڏهن تہ الله تعالىٰ ڏيندڙ ۽ نوازيندڙ آهي.

**سمجهاڻي:** هن حديث سڳوريءَ ۾ علم ۽ حڪمت جي فضيلت ٻڌائي وئي آهي تہ الله تعالىٰ جنهن انسان لاءِ ڀلائي ۽ خيرخواهي ڪرڻ چاهيندو آهي، ان کي دين جي سمجهہ حاصل ڪرڻ جي توفيق بخشيندو آهي. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن بہ پاڻ کي علم، حڪمت ۽ خير جي تقسيم ڪندڙ طور بيان ڪيو آهي. ۽ ٻڌايو آهي تہ الله تعالىٰ علم، حڪمت ۽ هر طرح جي ڀلائي عطا ڪندو آهي ۽ آءٌ ماڻهن ۾ ان کي ورهائڻ وارو آهيان.

**حديث 8:** مَنْ أَحْيَا سُنَّتِي فَقَدْ أَحَبَّنِي، وَمَنْ أَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ
(المعجم الاوسط للطبراني: 9439)
**ترجمو:** جنهن منهنجي سنت کي زندهہ رکيو، ان سچ ۾ مون سان محبت ڪئي ۽ جيڪو مون سان محبت رکندو سو مون سان گڏ جنت ۾ هوندو.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ سنت کي زندهہ رکڻ جي فضيلت ٻڌائي وئي آهي. هڪ ٻي حديث جي مطابق فساد واري وقت ۾ جيڪو شخص سنت تي عمل ڪري ان کي زندهہ ڪندو، ان لاءِ

شهيد جي برابر اجر ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. احياء سنت کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ سان محبت ۽ جنت ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ سان ويجهڙائپ جو سبب ڄاڻايو ويو آهي. پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ ڏندڻ استعمال ڪرڻ، مريض جي عيادت ڪرڻ، والدين جي خدمت ڪرڻ، مظلوم جي داد رسي ڪرڻ، نيڪيءَ لاءِ تاڪيد ڪرڻ، برائيءَ کان روڪڻ وغيره جهڙين سنتن کي اختيار ڪرڻ جي ذريعي ماڻهو اجر ۽ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏ سنت زنده ڪرڻ وارو بڻجي سگهي ٿو.

**حديث 9:** لَيْسَ الشَّدِيدُ بِالصُّرَعَةِ؛ إِنَّمَا الشَّدِيدُ الَّذِي يَمْلِكُ نَفْسَهُ عِنْدَ الْغَضَبِ

(صحيح بخاري: 6114)

**ترجمو:** پهلواني ٻئي کي ليٽائڻ سان نه آهي بلڪ حقيقي پهلوان اهو آهي جيڪو ڪاوڙ وقت پاڻ کي قابو ۾ رکي.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ ضبط نفس ۽ عفو و درگذر ڪرڻ جي تاڪيد بيان ڪئي وئي آهي ۽ اهو ٻڌايو ويو آهي ته انسان جو حقيقي مخالف ۽ مدِ مقابل سندس نفس جي خواهش آهي. جيڪا ڪاوڙ وقت انسان کي بي قابو ڪري ڇڏيندي آهي اهڙي حالت ۾ جيڪو ماڻهو پنهنجي نفس جي خواهش تي غالب ٿي وڃي ان کي هن حديث ۾ حقيقي پهلوان قرار ڏنو ويو آهي. جو ته دنيا جي پهلوانيءَ جو نفعو عارضي هوندو آهي، جڏهن ته پنهنجي نفس کي ضابطي ۾ رکڻ جو فائدو آخرت ۾ به انسان کي ملندو. ان ڪري غصي ۽ ڪاوڙ وقت پاڻ تي ضابطو رکڻ گهرجي ۽ ڪاوڙ ڪرڻ جي بجاءِ درگذر ۽ معافيءَ کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

**حديث 10:** مَنْ أَحَبَّ أَنْ يُبْسَطَ لَهُ فِي رِزْقِهِ، وَأَنْ يُنْسَأَ لَهُ فِي أَثَرِهِ فَلْيَصِلْ رَحِمَهُ

(صحيح بخاري: 5986)

**ترجمو:** جيڪو شخص چاهي ته سندس رزق ۾ ڪشادگي ٿئي ۽ سندس عمر ۾ اضافو ٿئي تنهن کي گهرجي ته پنهنجي عزيزن قريبن سان سهڻو سلوڪ ڪري.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ صله رحمي جا ڪجهه دنيوي فائدا ۽ برڪتون ٻڌايون ويون آهن. ٻن شين جي باري ۾ انسان هميشه حريص رهيو آهي. هڪ دولت، ٻيو عمر. هن حديث مبارڪ ۾ اهڙو نسخو ٻُڌايو ويو آهي جيڪو انهن ٻنهي ڳالهين لاءِ آهي، اهو آهي پنهنجن مٽن مائٽن

سان صلہ رحمي ڪرڻ، جيڪا اسلام جي اهم عبادت آهي ۽ ان لاءِ تمام گهڻو تاڪيد ڪيو ويو آهي. صلہ رحمي (مائٽي ڳنڍڻ) جو مطلب آهي پنهنجي مٽن مائٽن جي مدد ۽ همدردي ڪرڻ، اٿڻي ويهڻي ۽ خوشي غميءَ ۾ انهن سان شريڪ رهڻ، ضرورت جي وقت انهن جي خبرگيري ۽ مدد ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ تعلق برقرار رکڻ لاءِ دعا سلام ڪرڻ وغيره.

## مَشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين حديثن مان ڪنهن بہ هڪ حديث جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

i. مَن يُرِدِ اللهُ بِهٖ خَيرًا يُفقهه فى الدِّينِ، وإنَّما أنا قاسِمٌ وَاللهُ يُعطِى

ii. لَيسَ الشَّدِيدُ بالصُّرَعَةِ؛ إِنَّمَا الشَّدِيدُ الَّذِى يَملِكُ نَفسَهُ عِندَ الغَضَبِ

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. ميانہ روي وچٿرائپ جو مطلب ڇا آهي ۽ سندس فائدا ڪهڙا آهن؟
2. دين جي سمجهہ مان ڇا مراد آهي؟
3. صلہ رحمي جو مطلب ۽ فائدا ٻڌايو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. وچٿرائپ لاءِ عربي لفظ استعمال ٿئي ٿو:

(الف) انصاف (ب) ايمان
(ج) احسان (د) اقتصاد

2. حديث جي روشنيءَ ۾ رزق جي ڪشادگي لاءِ ذريعو ڄاڻايو ويو آهي:

(الف) سچ ڳالهائڻ (ب) صلہ رحمي ڪرڻ
(ج) وڏن جو ادب ڪرڻ (د) ننڍن تي شفقت ڪرڻ

3. احياء سنت مان مراد آهي:

(الف) سنت کي مڃڻ (ب) سنت کي بيان ڪرڻ
(ج) سنت تي عمل ڪرڻ (د) سنت کي ڇڏڻ

## حديث 11 کان 15 تائين

**حديث 11:** أُنْصُرْ أَخَاكَ ظَالِماً أَوْ مَظْلُوماً فقالَ رَجُلٌ: يَا رَسُوْلَ اللهِ أَنْصُرُهُ إِذَا كَانَ مَظلُوماً أَرَأَيْتَ إِنْ كَانَ ظَالِماً كَيْفَ أَنْصُرُهُ؟ قال: تَحْجُزُهُ أَوْ تَمْنَعُهُ مِنَ الظُّلْمِ فَإِنَّ ذٰلِكَ نَصْرُهُ (بخاري: 6952)

**ترجمو:** پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪر، اهو ظالم هجي يا مظلوم. هڪ صحابي چيو يارسول الله! جڏهن ڪير مظلوم هوندو تہ آءٌ ان جي مدد ڪندس پر جيڪڏهن ظالم آهي تہ سندس مدد ڪيئن ڪريان؟ پاڻ فرمايائون تنهنجو ان کي ظلم کان روڪڻ بہ سندس مدد آهي.

**سمجهاڻي:** هن حديث پاڪ ۾ اها هدايت ڪئي وئي آهي تہ مسلمان مظلوم هجي يا ظالم ان جي مدد ڪئي وڃي. مظلوم جي مدد هيءَ آهي تہ ان کي ظلم کان بچايو وڃي ۽ ظالم جي مدد هي آهي تہ ان کي ظلم کان روڪيو وڃي. انڪري جو الله تعالىٰ وٽ ڪيس ظلم جي سزا ضرور ملندي ان اصول تي عمل ڪرڻ سان اسان جو معاشرو ظلم کان پاڪ ٿي ويندو.

**حديث 12:** لَا تَدْخُلُونَ الجَنَّةَ حتَّى تُؤْمِنُوا، ولا تُؤْمِنُوا حتَّى تَحَابُّوا، أَوَلا أَدُلُّكُمْ علَى شيءٍ إذا فَعَلْتُمُوهُ تَحَابَبْتُمْ؟ أَفْشُوا السَّلَامَ بيْنَكُمْ (مسلم: 54، ابوداؤد: 5193)

**ترجمو:** توهان جنت ۾ نہ ٿا وڃي سگهو، جيستائين مؤمن بڻجو ۽ تيستائين مؤمن نہ ٿا ٿي سگهو جيستائين پاڻ ۾ محبت سان هلو، ڇا آءٌ اوهان کي اها شيءِ نہ ٻڌايان، جنهن سان اوهان جي پاڻ ۾ محبت ٿئي؟ پاڻ ۾ سلام کي عام ڪريو.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سلام ڪرڻ ايماني برڪتن جي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. سلام ڪرڻ شعائر (نشانين) اسلام مان آهي ۽ سنت آهي. جڏهن تہ ان جو جواب ڏيڻ واجب آهي. هن حديث ۾ سلام کي عام ڪرڻ ۽ معاشري ۾ ان جو رواج قائم ڪرڻ کي محبت ۽ اُلفت جو سبب قرار ڏنو ويو آهي. سلام کي عام ڪرڻ اهڙي عبادت آهي جنهن سان ايمان پختو ٿيندو، هڪ ٻئي سان محبت وڌندي، ۽ پوءِ ماڻهو جنت ۾ داخل ٿيڻ جي لائق ٿي ويندو.

**حديث 13:** عَنْ سُفْيَانَ بْنِ عَبْدِ اللهِ رضی الله عنه قَالَ: قُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ قُلْ لِيْ فِي الإِسْلَامِ قَوْلًا لَا أَسْأَلُ عَنْهُ أَحَدًا غَيْرَكَ. قَالَ: قُلْ أَمَنْتُ بِاللهِ ثُمَّ اسْتَقِمْ (مسلم: 159-62-38)

**ترجمو:** حضرت سفيان رضي الله عنه روايت ڪري ٿو ته مون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي عرض ڪيو: يارسول الله! مون کي اسلام جي باري ۾ اهڙي ڳالهه ٻڌايو جو ٻئي ڪنهن کان وري پڇڻ جي ضرورت نه پوي. پاڻ فرمايائون: چؤ ته مون الله تعالیٰ تي ايمان آندو ۽ پوءِ ان تي جمي بيهه.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ ايمان ۽ اسلام جو خلاصو بيان ڪيو ويو آهي. اسلام جي بنيادي ڳالهين مان الله تعاليٰ جي ذات تي ايمان آڻڻ پهرين درجي جي حيثيت رکي ٿو. جيڪو اسلام جو بنيادي عقيدو آهي. الله تعاليٰ تي ايمان جي اقرار ڪرڻ کان پوءِ مرڻ تائين ان تي جمي بيهڻ ۾ ئي ڪاميابي آهي. اهڙن انسانن کي قرآن مجيد فرشتن جي ذريعي بي خوف ٿي رهڻ ۽ اهڙن باغن جو حقدار هجڻ جي خوشخبري ڏني آهي. جتي سندن مرضي ۽ خواهش مطابق آجيان ڪئي ويندي.

**حديث 14:** مَا أَكَلَ أَحَدٌ طَعَامًا قَطُّ خَيْرًا مِنْ أَنْ يَأْكُلَ مِنْ عَمَلِ يَدِهِ، وَإِنَّ نَبِيَّ اللهِ دَاوُدَ. عَلَيْهِ السَّلَامُ كَانَ يَأْكُلُ مِنْ عَمَلِ يَدِهِ (صحيح بخاري: 2073)

**ترجمو:** اوهان مان ڪو به پنهنجي هٿ جي ڪمائي کان وڌيڪ بهتر ڪاڌو نه ٿو ڪائي. الله تعاليٰ جو نبي سڳورو حضرت داؤد عليه السلام به پنهنجي هٿ جي پورهئي جي ڪمائي کائيندو هو.

**سمجهاڻي:** هن حديث پاڪ ۾ پنهنجي هٿ جي پورهئي جي فضيلت ٻُڌائي وئي آهي. هر شخص پنهنجي گُذر سفر لاءِ کائڻ پيئڻ جو بندوبست ڪندو آهي پر خير ۽ برڪت وارو کاڌو اهو آهي، جيڪو ماڻهو پنهنجي محنت سان ڪمائي حاصل ڪندو آهي. جنهن ۾ هٿ جي محنت، هنرمندي يا ذهني صلاحيت جو استعمال شامل آهي، جنهن کي عام محاوري ۾ پگهر جي ڪمائي به چيو ويندو آهي ۽ ماڻهو وڏي احتياط سان ان کي استعمال ڪندو آهي. پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ مان کائڻ نبين سڳورن جي سنت به آهي.

**حديث 15:** مَنْ لَمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّوْرِ والعَمَلَ بِهِ والجَهْلَ فَلَيْسَ لِلّٰه حَاجَةٌ فِي أَنْ يَدَعَ طَعَامَهُ وشَرَابَهُ

(صحيح بخاري: 1903)

**ترجمو:** جيڪو ماڻهو (روزي جي حالت ۾) ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۽ نافرماني وارو عمل نه ٿو ڇڏي ته الله تعالىٰ کي هن ڳالهه جي ضرورت ناهي ته اهو پنهنجو کاڌو پيتو ڇڏي ڏئي.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ روزي ۾ گناهن کان پرهيز ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. روزي جو اصل مقصد پاڻ کي گناهن کان بچائڻ ۽ پرهيزگار بنائڻ آهي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪو شخص سڄو ڏينهن کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏئي، پر ڪُوڙ، چغل خوري، گِلا، بهتان بازي، گارگند ۽ فضول ڳالهائڻ کان نه ٿو مُڙي ته ان کي روزي جو ثواب نه ملندو.

## مَشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين حديثن مان ڪنهن به هڪ حديث جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) عَنْ سُفْيَانَ بْنِ عَبْدِ اللهِ رضى الله عنه قَالَ: قُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ قُلْ لِي فِي الإِسْلاَمِ قَوْلاً لاَ أَسْأَلُ عَنْهُ أَحَدًا غَيْرَكَ. قَالَ: قُلْ أَمَنْتُ بِاللهِ ثُمَّ اسْتَقِمْ

(ب) مَنْ لَمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّوْرِ والعَمَلَ بِهِ والجَهْلَ فَلَيْسَ لِلّٰه حَاجَةٌ فِي أَنْ يَدَعَ طَعَامَهُ وشَرَابَهُ

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. حديث جي روشنيءَ ۾ ظالم ۽ مظلوم جي مدد جو ڪهڙو طريقو آهي؟
2. سلام ڪرڻ جو اهم آهي؟ ۽ ان جو سبب ٻڌايو.
3. محنت مزدوري ۽ هٿ جي پورهئي جي ڪيتري فضيلت آهي؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. ظالم جي مدد ڪري سگهجي ٿي ان کي:

(الف) قيد ڪرڻ سان (ب) سزا ڏيڻ سان
(ج) ظلم معاف ڪرڻ سان (د) ظلم کان روڪڻ سان

2. اسلام جي عمل ڪان پوءِ جنهن تي استقامت جو تاڪيد آهي اهو آهي:

(الف) نماز ادا ڪرڻ (ب) روزو رکڻ

(ج) حج ڪرڻ (د) ايمان تي قائم رهڻ

3. حديث جي مطابق روزي جي حالت ۾ ڪوڙ ۽ بدڪلامي سان:

(الف) روزو ٽٽي وڃي ٿو (ب) روزي تي ڪو به اثر نه ٿو پوي

(ج) روزي جو ثواب نه ٿو ملي (د) روزي جو ثواب گهٽجي وڃي ٿو

## حديث 16 کان 20 تائين

**حديث 16:** الدِّيْنُ النَّصِيْحَةُ قُلْنَا: لِمَنْ يَا رَسُولَ اللهِ؟ قَالَ: للهِ، ولكتابه، ولِرَسُوْلِهِ، وَلأَئِمَّةِ الْمُسْلِمِيْنَ، وَعَامَّتِهِمْ (**مسلم:** 194، 55، 95)

**ترجمو:** دين خيرخواهي جو نالو آهي. اسان پڇيو: اي الله جا رَسُوْل صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ: خيرخواهي ڪنهن جي لاءِ؟ پاڻ فرمايائون: الله تعالى لاءِ، ان جي ڪتاب لاءِ، ان جي رسول لاءِ، مسلمانن جي حڪمرانن لاءِ ۽ عام مسلمانن لاءِ.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ ۾ حقوق جي ادائگي، وعظ، نصيحت ۽ هڪ ٻئي کي نيڪيءَ جي حڪم ۽ بُرائيءَ کان روڪڻ جهڙن خيرخواهي وارن ڪمن جي ترغيب ڏني وئي آهي.

الله تعالىٰ جي ذات تي ڪامل يقين رکڻ، الله تعالىٰ جي نازل ڪيل الهامي ڪتابن تي ايمان آڻڻ، ان جي موڪليل نبين سڳورن سان عقيدت رکڻ ۽ انهن جي تابعداري ڪرڻ، مسلمان حڪمران ۽ عادل امام جي اطاعت ڪرڻ ۽ سڀني انسانن جا حق ادا ڪرڻ انهن سڀني شين کي خيرخواهي ۾ شمار ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ذميداريون ادا ڪرڻ سان ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ۽ سڀني انسانن سان خيرخواهي ڪري سگهي ٿو.

**حديث 17:** لَايَدْخُلُ الْجَنَّةَ خِبٌّ وَلَا مَنَّانٌ وَلَا بَخِيلٌ (**جامع ترمذي:** 1812)

**ترجمو:** دوکيباز، احسان جتائيندڙ ۽ ڪنجوس جنت ۾ نہ ويندا.

**سمجهاڻي:** هن حديث ۾ دوکي ڏيڻ، چڱائي ڪرڻ کان پوءِ احسان ڳڻائڻ ۽ ڪنجوسي ڪرڻ جي مذمت ڪئي وئي آهي اهڙن ماڻهن جي ابتڙ روين جي ڪري معاشري ۾ فساد ۽ بگاڙ پيدا ٿئي ٿو، اهڙي ڪردار وارن ماڻهن کي سخت وعيد ٻُڌائي وئي آهي. معاملات ۾ دوکو ڏيڻ، پنهنجي طبيعت ۾ سخاوت جي بدران بخيلي ڪرڻ، ماڻهن سان چڱائي ڪرڻ کان پوءِ انهن کي ماڻهن جي سامهون پنهنجا احسان ٻُڌائي انهن کي گهٽ سمجهڻ، بداخلاقي وارا عمل آهن. جنهن جي اسلام ڪڏهن بہ اجازت نٿو ڏئي.

**حديث 18:** أَطْعِمُوا الْجَائِعَ وَعُودُوا الْمَرِيضَ وَفُكُّوا الْعَانِيَ (**صحيح بخاري:** 5373)

**ترجمو:** بکايل کي کارايو، بيمار جي طبع پُرسي ڪريو ۽ قيدي کي (ڪافرن جي) قيد مان ڇڏايو.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ ۾ ماڻهن سان غمخواري ۽ سندن زندگيءَ جي ضرورتن ۾ سهولت پيدا ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. جيئن هڪ ٻي حديث مبارڪ ۾ ٻُڪين کي کارائڻ افضل صدقو شمار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هر قسم جا جانور، پکي پکڻ ۽ جيت جڻيا به شامل آهن. پر اشرف المخلوقات هجڻ جي ڪري انسان جي خدمت ڪرڻ وڏي اجر ۽ ثواب وارو عمل آهي. هڪ مسلمان تي ٻئي مسلمان جا جيڪي حق آهن، انهن مان بيمار جي طبع پرسي ڪرڻ به هڪ حق آهي. جنهن جو حديث پاڪ ۾ حڪم ڏنو ويو آهي، اهڙيءَ طرح جيڪي انسان غربت يا قرض جي ڪري لاچار ٿي ويا هجن يا مشرڪن ۽ ڪافرن جي قيد ۾ هجن، انهن لاءِ وسائل پيدا ڪري انهن جو پرجهلو ٿيڻ به بهترين عمل آهي. هن حديث پاڪ ۾ انهن ٽنهي ڳالهين جي خصوصي طور نشاندهي ڪئي وئي آهي ته پنهنجي معاشري ۾ بُک جي ڪري لاچار ماڻهن کي کاڌو کارايو. انهن کي ڪپڙا پارايو، بيمارن جي سارسنڀال ڪري انهن کي جيئڻ جو حوصلو ڏيو ۽ مشرڪن جي قيد ۾ آيل ڪنهن مسلمان کي آزاد ڪرايو ۽ انهن لاءِ سهارو بڻجو. اهي سڀئي ڪم هڪ سٺي مومن هئڻ جون نشانيون آهن.

**حديث 19:** إِنَّ مِنْ إِجْلَالِ اللهِ: إِكْرَامَ ذِي الشَّيْبَةِ الْمُسْلِمِ (الادب المفرد: 273)

**ترجمو:** الله تعالىٰ جي عظمت بيان ڪرڻ مان هيءَ ڳالهه به آهي ته پوڙهي مسلمان جي تعظيم ڪئي وڃي.

**سمجهاڻي:** هن حديث پاڪ ۾ هر وڏي عمر واري ۽ ضعيف مسلمان سان ادب ۽ تعظيم سان پيش اچڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. وڏي عمر وارا ۽ پوڙها ماڻهو معاشري ۽ خاندان لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ کان پوءِ اهڙي ڪيفيت تي وڃي پُهچندا آهن جو انهن سان الفت، مناسب گفتگو، ادب وارو لهجو ۽ خيرخواهي وارو ورتاءُ ڪرڻ هر مسلمان جي ذميداري آهي. خاص طور تي جڏهن اهي پوڙها انهن جا والدين هجن. هن حديث ۾ اهڙن بزرگن جي تعظيم کي الله تعالىٰ جي تعظيم ڪرڻ جي برابر چيو ويو آهي.

**حديث 20:** مَنْ صَمَتَ نَجَا (ترمذي: 2501)

**ترجمو:** جنهن خاموشي اختيار ڪئي، سو ڪامياب ٿي ويو.

**سمجهاڻي:** هن حديث پاڪ ۾ خاموش رهڻ جي فضيلت ٻُڌائي وئي آهي. انسان کي گهرجي ته چڱين ڳالهين کي عام ڪري. جو ته تلاوت، ذڪر اذڪار، هدايت جون ڳالهيون، حڪمت ۽

دانائي، حق ۽ سچ يا خيرخواهيءَ جي ڳالهه ڪرڻ افضل عبادت شمار ٿيندي آهي. بُري گفتگو ۽ اجايو ڳالهائڻ کان پرهيز ڪري ۽ خاموشي اختيار ڪري، ان ڪري جو جيڪو به شخص بُرائي ڪرڻ جي بجاءِ خاموشي اختيار ڪندو، اهوئي ڪامياب ٿيندو.

## مَشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين حديثن مان ڪنهن به هڪ حديث جو ترجمو ۽ سمجهاڻي لکو.

(الف) الدِّيْنُ النَّصِيْحَةُ قُلْنَا: لِمَنْ يَا رَسُولَ اللهِ؟ قَالَ: للهِ، ولكتابه، وَلِرَسُوْلِهِ، وَلأَئِمَّةِ الْمُسْلِمِيْنَ، وَعَامَّتِهِمْ

(ب) أَطْعِمُوا الْجَائِعَ وَعُودُوا الْمَرِيضَ وَفُكُّوا الْعَانِيَ

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. اوهان جي نظر ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ جا ڪهڙا طريقا آهن؟
2. سماج ۾ بزرگن جي عزت نه ٿيڻ جا ڇا ڪارڻ آهن؟ ۽ اوهان جي نظر ۾ ان جو ڇا حل آهي؟
3. خاموشيءَ جا فائدا بيان ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. احسان ڳڻائڻ جو مطلب آهي:

(الف) وڏيڪ احسان ڪرڻ　(ب) گهٽي مدد ڪرڻ
(ج) ڀلائي ڪري ٽورو رکڻ　(د) شڪر ادا نه ڪرڻ

2. حديث مطابق جنهن خاموشي اختيار ڪئي اهو جڻ:

(الف) ڪامياب آهي　(ب) ناڪام آهي
(ج) گونگو آهي　(د) ناسمجهه آهي

3. حديث مطابق دين نالو آهي:

(الف) عمل جو　(ب) ڪمائڻ جو
(ج) خيرخواهي جو　(د) علم جو

باب ٽيون
موضوعاتي مطالعو

# (الف) ايمانيات

## تدريسي معيار

- باب جو تعارف ۽ مقصد ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.
- ايمان ۽ عقيدي جي وضاحت ڪري سگھندا.

مضبوط ۽ پُختي يقين کي ايمان چئبو آهي. ان مان مراد قرآن مجيد ۽ حديث جي ذريعي سان حاصل ٿيل ڳالهه کي سچي دل سان تسليم ڪرڻ جو نالو ايمان آهي. جيئن تہ ايمان ۽ عقيدي متعلق گهڻا مسئلا آهن تنهن ڪري انهن جي مجموعي کي ”ايمانيات“ چئبو آهي.

عملن جو بنياد ايمان تي آهي. اسلام جا بنيادي عقيدا هي آهن *الله تعالىٰ تي ايمان *ملائڪن تي ايمان *آسماني ڪتابن تي ايمان *رسالت تي ايمان *آخرت تي ايمان *تقدير تي ايمان *مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئڻ تي ايمان. جنهن جو مقصد آهي تہ شاگرد ۽ شاگردياڻيون اسلام جي حقيقت، ان جي دليلن ۽ تقاضائن کي ڄاڻي پنهنجو ايمان مضبوط بڻائين ۽ عملي زندگيءَ ۾ انهن تي عمل پيرا ٿين.

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- عقيده توحيد جو مفهوم سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- وجودِ باري تعالىٰ جو تعارف ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- توحيد جا دليل (قرآن مجيد، سنت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ، سائنس ۽ عقل جي روشنيءَ ۾) ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- توحيد جا قسم (ذاتي، صفاتي، فعلي. توحيد جون تقاضائون 'شرڪ' ۽ ان جا قسم: ذات ۾ شرڪ، صفات ۾ شرڪ ۽ صفات جي تقاضائن ۾ شرڪ) ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- عقيده توحيد جا انساني زندگيءَ تي اثرات ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.

**توحيد جو مفهوم:** لفظ 'توحيد' جي لفظي معنىٰ اڪيلو مڃڻ آهي. اصطلاح ۾ الله تعالىٰ کي سندس ذات، صفتن، تصرف ۽ عبادت ۾ اڪيلو مڃڻ جو نالو 'توحيد' آهي.

**وجودِ باري تعالى:** الله تعالىٰ سموري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. هو سڄي ڪائنات کي رزق ۽ روزي رسائيندڙ آهي. موت، حياتي، بيماري، چڱيلائي، نفعو ۽ نقصان سڀ ڪجھ ان جي ئي هٿ ۾ آهي، سموري ڪائنات ان جي محتاج آهي پر هو ڪنهن جو بہ محتاج ناهي، هو اڪيلو آهي، ان سان ڪو بہ شريڪ ناهي.

**توحيد جي لاءِ دليل:**

**قرآن مجيد:** توحيد جي سلسلي ۾ قرآن مجيد ۾ ارشاد باري تعالىٰ آهي: لَوْ كَانَ فِيهِمَا آلِهَةٌ إِلَّا اللهُ لَفَسَدَتَا (سورة الانبياء: آيت 22) ترجمو: جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ هڪ الله کان وڌيڪ خدا هجن ها تہ انهن جو نظام تباھ ۽ برباد ٿي چڪو هجي ها.

**سنت نبوي:** نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اعلان نبوت کان پوءِ، مڪي وارن کي سڀ کان پهرين توحيد جي دعوت ڏني. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ 'صفا جبل' تي مڪي وارن کي گڏ ڪري فرمايو: يَا أَيُّهَا النَّاسُ! قُولُوا لَا إِلٰهَ إِلَّا اللهُ تُفْلِحُوا. اي انسانو! لا الٰه الا الله چئو، توهان ڪامياب ٿي ويندؤ (مسند احمد: 19004)

**سائنس:** سائنسي تحقيق موجب زمين پنهنجي محور تي هڪ هزار ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان گھمي ٿي. اهڙيءَ طرح، سج نو ڪروڙ چاليھ لک ميل زمين کان پري آهي. سج، چنڊ، تارا، سيارا ۽ ڌرتي پنهنجي محور ۽ مرڪز جي چوڌاري هڪ خاص ترتيب ۽ مقرر وقت تي گھمي رهيا آهن. انهن ۾ صدين گذرڻ باوجود هڪ سيڪنڊ جو بہ فرق ناهي آيو. اهڙو نظم و ضبط ۽ جوڙجڪ ٻڌائي ٿي تہ ڪا هستي هن قدرت جي ڪارخاني کي هلائي ۽ سنڀالي ٿي. جنهن کي اسان الله تعالىٰ مڃيون ٿا.

**عقل:** اسان الله تعالىٰ جي ڪائنات ۾ غور ۽ فڪر ڪيون ٿا تہ اسان کي خدا جي هيڪڙائي تي ڪيترائي فطري دليل ملي وڃن ٿا، مثال طور: ريگستان ۾ اٺ جي پيرن جا نشان ٻڌائن ٿا تہ هِتان ڪو اٺ لنگھي ويو آهي. ماڻهو جا پيرا ٻڌائن ٿا تہ هِتان ڪو ماڻهو گذري ويو آهي. اهڙيءَ طرح سج، چنڊ، ستارا، رات ۽ ڏينهن جي گردش، جبل، ميدان، جھنگ، دريا، سمنڊ، هوائون، ڪڪر، برسات، موسمن جي مٽ سٽ، انسان، حيوان، ٻي جيوت ۽ انهن جو باترتيب نظام ٻڌائي ٿو تہ ڪا طاقتور ذات آهي، جيڪا هن سڄي سرشتي کي هلائي ٿي. اها طاقتور ذات الله تعالىٰ جي آهي.

**توحيد جا قسم:**

**توحيدِ ذاتي:** الله تعالىٰ کي سندس ذات ۾ اڪيلو مڃڻ ۽ اهو يقين رکڻ تہ الله تعالىٰ کي نہ ماءُ پيءُ آهن، نہ اولاد آهي، نہ ڪو ان جي برابر آهي ۽ نہ ڪو ٻيو ان جو مٽ مائٽ يا ڪو ثاني آهي.

**توحيدِ صفاتي:** الله تعالىٰ پنهنجي مڙني ذاتي صفتن ۾ اڪيلو آهي. جنهن ڪمال درجي جون اهي صفتون الله تعالي جي ذات ۾ موجود آهن، اهي ٻئي ڪنهن ۾ بہ موجود نہ آهن. جيئن: حيات، علم، ارادو، قدرت، ڪلام، سمع، بصر، ڪلام، خلق، تڪوين جون صفتون. انهن صفتن ۾ ساڻس ڪو بہ شريڪ نہ آهي.

**توحيد فعلي:** توحيد فعلي جو مطلب آهي تہ الله تعالي پنهنجن ڪمن ۾ اڪيلو آهي. هو پنهنجي ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ ۾ ڪنهن ٻئي جي صلاح يا مدد جو محتاج نہ آهي، جيئن ڪائنات کي پيدا ڪرڻ، انسانن ۽ حيوانن لاءِ روزي جا وسيلا پيدا ڪرڻ، ڪنهن کي موت يا حياتي ڏيڻ، بيماري يا صحت ڏيڻ، ڏڪار يا سڪار آڻڻ، ڪنهن کي اولاد ڏيڻ يا نہ ڏيڻ وغيره.

**توحيد جون تقاضائون:** توحيد جن ڳالهين جي گھر ڪري ٿي سي هي آهن تہ الله جل شانه کي سندس صفتن، وصفن جي تقاضائن ۽ ذات ۾ اڪيلو مڃيو وڃي. ان ڳالھ جو يقين ڪيو وڃي تہ اهو پيدا ڪرڻ، پرورش ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ پوري دنيا کي هلائڻ ۾ ڪنهن جو محتاج

ناهي. ان کي ڪنهن بہ پيدا نہ ڪيو آهي، اهو ازل کان ابد تائين آهي، سڀ جو پالڻهار آهي ۽ ان جهڙو ڪوبہ ناهي. اهو معبود برحق آهي. عبادت جي لائق بہ اهو ئي آهي. معبود هجڻ ۾ ڪوبہ ساٿس شريڪ نہ آهي ۽ اهو ئي پنهنجي صفتن ۽ خوبين وارو آهي، ڪو بيو ان ۾ سندس ڀائيواري نہ ٿو رکي ۽ هي يقين رکيو وڃي تہ اهو پنهنجي صفتن ۽ نالن سان موصوف هجڻ ۾ اڪيلو آهي.

**شرڪ:** لغت جي اعتبار کان ڀائيواري يا حصيداري کي 'شرڪ' چئبو آهي. شرڪ، توحيد جو ضد آهي اصطلاح ۾ جيڪو شخص الله تعالیٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي معبود مڃيندو، الله تعالیٰ جي صفتن يا سندس صفتن جي تقاضائن ۾ ٻئي ڪنهن کي شريڪ بڻائيندو تہ اهو شرڪ جو مرتڪب ٿيندو ۽ اسلام کان خارج ٿيندو. جهڙيءَ طرح ارشاد پاڪ آهي: ترجمو: بيشڪ الله هيءُ (ڏوهہ) نہ بخشيندو جو (ڪنهن کي بہ) ساڻس شريڪ ڪيو وڃي ۽ اُن کانسواءِ ٻيا (ڏوهہ) جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشيندو، ۽ جيڪو الله سان (ڪنهن کي بہ) شريڪ بڻائيندو تنهن بيشڪ وڏي گناهہ جو بُهتان ٻڌو. (سورة النساء: آيت 48)

**شرڪ جا ٽي قسم آهن:**

**ذات ۾ شرڪ:** ان مان مراد آهي تہ الله تعالیٰ جي ذات کي ڪنهن شڪل ۽ صورت جهڙو سمجهي ان جي برابر رتبو ڏيڻ، الله تعالیٰ جي برابريءَ وارو، ان جي هڪجهڙائي وارو ۽ ڪنهن کي ان پاڪ ذات جو اولاد سمجهڻ، اهڙيءَ طرح هڪ کان وڌيڪ بہ يا ٽي يا گهڻن خدائن کي تسليم ڪرڻ شرڪ في الذات شمار ٿئي ٿو.

**صفات ۾ شرڪ:** ان جو مطلب آهي تہ الله تعالیٰ جي صفتن جهڙيون صفتون ٻئي ڪنهن ۾ سمجهڻ يا ان جي علم ۽ قدرت ۽ اِرادي يا ڪنهن ٻي صفت ۾ ٻين کي ان جهڙو مڃڻ. جهڙوڪ: قدير، سميع، بصير، رزاق، وهاب يا قادر ۽ الله تعالیٰ سان تشبيه ڏئي چوڻ تہ فلاڻو الله تعالیٰ وانگر طاقت، قدرت ۽ علم رکي ٿو تہ اهو شرڪ في الصفات آهي. هي سڀئي صفتون حقيقي طور تي الله تعالیٰ جون آهن ۽ اهو اڪيلو انهن صفتن جو مالڪ آهي.

**صفتن جي تقاضائن ۾ شرڪ:** الله تعالیٰ جي هر صفت ان جي خوبي ۽ خصوصيت آهي جنهن جي تقاضا آهي تہ اها خوبي صرف الله تعالیٰ ڏانهن منسوب ڪجي ۽ ان کان ئي ٻانهو ان صفت جو طلبگار رهي. معبود هجڻ جي ڪري ان جي بندگي ڪجي، رزاق هجڻ جي ڪري ان کان رزق گُهرجي. ناصر هجڻ جي ڪري ان کان مدد گُهرجي. وهاب هجڻ جي ڪري ان کان هر طرح جي ضرورتن جي گُهر ڪجي. ان جي صفتن ۾ ڪنهن ٻئي کي شامل ڪيو ويو تہ

اهو شرڪ ۾ شمار ٿيندو، تنهنڪري انهن سڀني صفتن ڪي ان جي تقاضائن سميت الله تعالىٰ ڏانهن منسوب ڪجي.

**انفرادي ۽ اجتماعي زندگي تي توحيد جي عقيدي جا اثرات:** توحيد جي عقيدي سان انسان ۾ الله تعالىٰ جي محبت ۽ ان جي اندر تقوىٰ، خوفِ خدا، احساس ذميداري، وسعت نظري، استقامت، بردباري ۽ توڪل علي الله جهڙيون خوبيون حاصل ٿينديون آهن ۽ هو هر قسم جي خوف، نااميد ۽ ناشڪري کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. عقيده توحيد کي دليلن سان ثابت ڪريو.
2. شرڪ جو مفهوم ۽ ان جا قسم واضح ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. وجودِ باري تعالىٰ جي وضاحت ڪريو.
2. توحيد جي قسمن جي مختصر وضاحت ڪريو.
3. انساني زندگي تي عقيده توحيد جي اثرات مان ڪن ٻـ ٽن جي وضاحت ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. الله تعالىٰ کي ذات ۽ صفتن ۾ يڪتا مڃڻ جو نالو آهي:

(الف) ايمان (ب) عقيدو
(ج) رسالت (د) توحيد

2. ٻائيواري ۽ حصيداري لاءِ لفظ استعمال ٿئي ٿو:

(الف) شرڪ (ب) نفاق
(ج) فسق (د) ڪفر

3. شرڪ ضد آهي:

(الف) عقيده توحيد جو (ب) عقيده رسالت جو
(ج) عقيده آخرت جو (د) عقيده بعث بعد الموت جو

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۾ شاگردياڻين کي ’عقيده توحيد، تعلق بالله، آزادي ۽ حريت، خود داري ۽ عزت نفس، انڪساري، وسعت نظر، استقامت ۽ بهادري، پرهيزگاري، رجائيت ۽ اطمينان قلب، صبر ۽ توڪل‘ تي رهنمائي ڪريو.

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- رسالت ۽ نبوت جو تعارف ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- رسالت جي عقيدي جي معنىٰ ۽ مفهوم سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- نبين سڳورن جي خصوصيتون کان واقف ٿي بيان ڪري سگهندا.
- رسالت محمدي جون خوصيتون سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- رسالت مٿان ايمان جون تقاضائون ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- توهينِ رسالت بابت ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.

**رسالت ۽ نبوت جو تعارف:** 'رسالت' پيغام پهچائڻ کي چئبو آهي. اسلام ۾ رسالت جو مطلب آهي: الله تعالىٰ طرفان پنهنجي خاص ٻانهن مان ڪنهن هڪ کي امت تائين پيغام پهچائڻ لاءِ چونڊڻ. جنهن هستيءَ کي الله تعالىٰ اهڙي پيغام رسائي لاءِ چوندبيندو آهي ان کي 'رسول' چئبو آهي. نبوت، 'نَبَأٌ' مان ورتل آهي. جنهن جي لفظي معنىٰ آهي خبر ڏيڻ ۽ خبر ڏيندڙ کي 'نبي' چئبو آهي.

**عقيده رسالت:** عقيده توحيد کان پوءِ عقيده رسالت تي ايمان آڻڻ مؤمن ٿيڻ لاءِ شرط آهي. جنهن جو مطلب آهي، حضرت آدم عليه السلام کان وٺي آخري نبي حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تائين موڪليل سمورا انبياءِ ڪرام عليهم السلام برحق ۽ سچا آهن. اسان کي انهن مان ڪن جو ذڪر قرآن مجيد ۽ حديث ۾ ملي ٿو.

**رسالت واري منصب جون صفتون:** پيغمبر الله تعالىٰ طرفان پنهنجي اُمت جو نمائندو هوندو آهي، جيڪو انسانيت لاءِ نهايت مثالي ۽ عمده خوبين وارو هوندو آهي. اهو وڏي همٿ وارو، بردبار، معصوم، پاڪ، نرم مزاج، دورانديش، خيرخواهه، مهربان، سچو ۽ امانتدار هوندو آهي. رسالت الله تعالىٰ ۽ مخلوق جي وچ ۾ نمائندگي جو نالو آهي ۽ هي چونڊ صرف الله تعالىٰ جي طرف کان ٿي هوندي آهي.

**منصب رسالت جون ڪجهه اهم صفتون هن طرح آهن:**

**بشريت:** سيئي نبي جيئن ته انسانن جي هدايت لاءِ موڪليا ويا آهن ۽ انهن جي تابعداري اُمت جي سيني ماڻهن تي فرض آهي، ان لاءِ ضروري آهي ته انهن کي تعليم ۽ هدايت ڏيڻ وارو به انهن مان ئي هجي.

ڪن ماڻهن کي گمان هو تہ ڪو بہ نبي ۽ رسول انسان ڪيئن ٿي سگهي ٿو، ان جو جواب قرآن مجيد هن ريت ڏنو آهي: ترجمو: (اي پيغمبر) چؤ تہ جيڪڏهن ملائڪ (اوهان وانگر) زمين ۾ ٽڪندڙ ٿي گهمن ڦرن ها تہ اسين مٿن ضرور آسمان مان (انهن جي رهنمائي ۽ هدايت لاءِ) ملائڪ پيغمبر ڪري موڪليون ها. (سورة الاسراء: آيت 95)

**وهبيت:** وهبيت جي لفظي معنىٰ عطا ڪرڻ آهي. نبوت ۽ رسالت جي ذميداري، ذاتي عبادتن جي ڪوشش ۽ ڪمائي سان ناهي ملندي، هي الله تعالىٰ جي عطا ڪيل ذميداري آهي، جنهن کي چاهيندو آهي ان کي اهو منصب عطا ڪندو آهي. ارشاد پاڪ آهي: ترجمو: الله جنهن هنڌ پنهنجي پيغمبر کي موڪلي (سو هنڌ) چڱو ڄاڻندڙ آهي. (سورة الانعام: آيت 124)

**عصمت:** ان جو مطلب آهي تہ هر پيغمبر اخلاقي اعتبار کان معصوم يعني گناهن کان پاڪ هوندو آهي.

**نزول وحي:** وحي جو نزول بہ رسالت ۽ نبوت سان مخصوص آهي. پيغمبر کان سواءِ ڪنهن تي بہ وحي نازل نہ ٿيندي آهي.

**حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي رسالت جون خصوصيتون:**

حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنجن اولوالعزم نبين سڳورن مان هڪ آهن. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ خاتم النبيين آهن ۽ سندن شريعت آخري شريعت آهي، قرآن مجيد آخري ڪتاب آهي ۽ هيءَ اُمت محمدي آخري اُمت آهي. رسالت محمدي جون ڪجھ خصوصيتون هي آهن:

**عالمگيريت:** پهرين زماني جا پيغمبر ڪنهن خاص قوم، خاص علائقي يا مخصوص وقت لاءِ موڪليا ويندا هئا، انهن جي شريعت ان دَور جي قوم يا وقت تائين محدود هوندي هئي پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ قيامت تائين هر دَور ۾ هر قوم، هر نسل ۽ هر علائقي جي ماڻهن لاءِ پيغمبر بڻجي آيا آهن. ارشاد پاڪ آهي: ترجمو: (اي پيغمبر) چؤ تہ اي انسانؤ! آءٌ اوهان مڙني ڏانهن اُن الله جو پيغمبر (ٿي آيو) آهيان جنهن جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي. (سورة الاعراف آيت: 158)

**ابديت:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي رسالت قيامت تائين ابدي آهي، ان کان پهريان جيڪي بہ پيغمبر ۽ نبي گُذريا، انهن جي شريعت هاڻي منسوخ ٿي چڪي آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي الله تعالىٰ جو آخري نبي مڃڻ ضروري آهي نہ تہ اهو شخص مؤمن نہ رهندو. ارشاد پاڪ آهي: ترجمو: ۽ جيڪو اسلام بدران ٻيو دين طلبيندو

تنهن کان اُهو ڪڏهن نہ قبول ڪبو، ۽ اُهو آخرت ۾ نقصان وارن مان آهي. (سورة آل عمران آيت: 85)

**عمليت:** رسالت محمدي صرف نظرياتي ۽ فڪري ناهي بلڪ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سڀ کان اڳ الله تعالىٰ جي سڀني حڪمن تي عمل ڪيو، ان کان پوءِ پنهنجي اُمت کي ان جي هدايت ڪئي. اهڙيءَ ريت خانداني زندگي هجي يا معاشي، سماجي يا سياسي زندگي هجي يا روحاني ڪيفيت، عبادت، امن ۽ جنگ، رشتيداري هجي يا صلہ رحمي مطلب تہ زندگيءَ جي سڀني شعبن بابت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ عملي زندگيءَ جو هڪ اسوه حسنه اسان کي عطا فرمايو آهي: ارشاد آهي: ترجمو: بيشڪ اوهان لاءِ الله جي پيغمبر جي طريقي ۾ عمده نمونو آهي. (سورة الاحزاب: 21)

**جامعيت:** الله تعالىٰ سڀني نبين کي جن خوبين سان نوازيو هو، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۾ اهي سڀ خوبيون جامعيت ۽ ڪامليت ۾ سمايل هيون. انهن سڀني خصوصيتن ۽ خوبين سان پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سڀني جهانن جي لاءِ هدايت جو پيغام کڻي آيا آهن. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي رسالت جامع، ڪامل ۽ سڀني انسانن ۽ جنن لاءِ آهي.

**ختم نبوت:** عربي زبان ۾ 'ختم' مهر لڳائي بند ڪرڻ يا انجام تي پهچائڻ کي چوندا آهن. رسالت محمدي جي خصوصيتن ۾ ختم نبوت هڪ اهم خصوصيت آهي جنهن جو مطلب آهي نبوت حضرت آدم عليه السلام کان شروع ٿي حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي ختم ٿي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ آخري نبي آهن، سندن کان پوءِ ڪو بہ نئون نبي نہ ايندو، ۽ جيڪو بہ نبوت جي دعوىٰ ڪندو يا ڪو بہ شخص مدعي نبوت جي تصديق ڪندو، شريعت ۽ پاڪستان جي آئين مطابق مسلمان نہ رهندو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي خاتم النبيين هجڻ جو دليل قرآن مجيد ۾ هن طرح بڌايل آهي: مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ترجمو: محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اوهان جي مردن مان ڪنهن هڪ جو پيءُ نہ آهي پر الله جو پيغمبر ۽ سڀني پيغمبرن کان آخر ۾ اچڻ وارو آهي، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. (سورة الاحزاب: 40) جڏهن تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَنَا خَاتَمُ

النَّبِيِّنَ لَانَبِیَّ بَعْدِیْ ترجمو: آءُ نبين مان آخري نبي آهيان ۽ مون کان بعد ڪو بہ نبي نہ ايندو. (جامع ترمذي حديث: 4252)

**عقيده رسالت جون تقاضائون:** عقيده رسالت اسلام جي بنيادي عقيدن مان هڪ آهي، جنهن جي تقاضا آهي تہ سيني نبين سڳورن مٿان بلا تفريق ايمان آڻڻ، جهڙيءَ طرح قرآن مجيد فرمائي ٿو: لَا نُفَرِّقُ بَيۡنَ اَحَدٍ مِّنۡ رُّسُلِهٖ ترجمو: اسان الله تعالىٰ جي رسولن ڪي مجڻ ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿا ڪريون (سورة البقرة آيت:285). نبين سڳورن عليهم السلام جي باري ۾ نظرياتي، تحريري، تقريري يا ڪنهن بہ طريقي سان بي ادبي ۽ گستاخي ڪرڻ جي اجازت ناهي. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي نبوت ڪان پوءِ اڳين نبين جون شريعتون منسوخ ٿي چڪيون آهن. هاڻ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي آندل شريعت ئي آخرت تائين قائم ۽ قابل عمل رهندي.

اسان کي سيني پيغمبرن تي ايمان آڻڻو آهي، انهن سان محبت ۽ عقيدت رکڻي آهي، سندن ڪنهن بہ قسم جي بي ادبي يا گستاخي ڪرڻ گناهہ ۽ ايمان کان خارج ٿيڻ آهي ۽ سيدنا رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪرڻ، اطاعت ڪرڻ ۽ اتباع ڪرڻ ايمان جون اهم تقاضائون آهن.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگرد ۽ شاگردياڻيون قرآن مجيد ۾ ذڪر ٿيل نبين سڳورن عليهم السلام جا نالا ۽ مختصر تعارف تحرير ڪن.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. رسالت واري منصب جون خصوصيتون ڪهڙيون آهن؟ واضح ڪريو.
2. رسالت محمدي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جون خاصيتون ڪهڙيون آهن؟ بيان ڪريو.

(ب) **هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. رسالت جي معنىٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟
2. ختم نبوت جو مطلب ڇا آهي؟
3. عقيده رسالت جا تقاضا ڇا آهن؟

(ج) **دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. ’نبوت‘ لفظ جي معنىٰ آهي:

(الف) پيغام پهچائڻ (ب) حڪم ڪرڻ

(ج) چونڊ ڪرڻ (د) خبر ڏيڻ

2. اولوا العزم (وڏي همت وارا) صفت آهي:

(الف) ڪجهه نبين جي (ب) ڪجهه صحابين جي

(ج) ڪجهه مومنن جي (د) ڪجهه ولين جي

3. جنهن رسول کان پوءِ پهريون شريعتون منسوخ آهن اهو آهي:

(الف) حضرت آدم عليه السلام (ب) حضرت ابراهيم عليه السلام

(ج) حضرت عيسىٰ عليه السلام (د) حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

# ملائڪن تي ايمان آڻڻ

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- ملائڪن جو تعارف ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- ملائڪن تي ايمان آڻڻ جي نوعيت ۽ اهميت کان آگاهه ٿي بيان ڪري سگهندا.
- ملائڪن جون عام خاصيتون ۽ سندن ذميداريون ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- چئن فرشتن (حضرت جبرائيل، حضرت ميڪائيل، حضرت اسرافيل، حضرت عزرائيل عليهم السلام) جو تعارف ۽ انهن جون ذميداريون سمجهي بيان ڪري سگهندا.

**تعارف:** ملائڪ کي عربي ۾ 'مَلَكٌ' چيو ويندو آهي جنهن جو جمع 'ملٰئِكَة' آهي. فرشتا الله تعالىٰ جي خاص مخلوق آهن، جيڪي کائڻ، پيئڻ ۽ ٻين گهرجن ۽ ضرورتن کان آجا آهن. انهن کي نور مان پيدا ڪيو ويو آهي. هي پنهنجي اصلي شڪل ۾ پَرَ رکن ٿا مگر الله تعالىٰ انهن کي پنهنجي صورت تبديل ڪرڻ جي طاقت ڏني آهي ۽ اهي انساني شڪل ۾ به ظاهر ٿي سگهندا آهن. انهن جي ذمي الله تعالىٰ جي تسبيح ۽ حمد بيان ڪرڻ آهي زمين ۽ آسمان جي معاملن جي نگراني ۽ مخلوق جي حفاظت ڪرڻ به آهي. اهي الله تعالىٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ مشغول رهندا آهن ۽ ڪڏهن به نافرماني نه ڪندا آهن. ارشاد باري تعالىٰ آهي: ترجمو: جيڪو (الله تعالىٰ) کين فرمايو آهي تنهن ۾ الله جي نافرماني نه ڪندا آهن ۽ جيڪي کين حُڪم ڪيو ويندو آهي سو ڪندا آهن. (سورة التحريم: آيت 6)

**ملائڪن تي ايمان:** فرشتن تي ايمان آڻڻ اسلام جي بنيادي عقيدن مان هڪ آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالْكِتٰبِ وَالنَّبِيّٖنَ ترجمو: پر (اصل) چڱائي (ان لاءِ) آهي جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن ۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ پيغمبرن کي مڃيو (سورة البقرة آيت 177) اهڙي طرح الله تعالىٰ جي حڪم جي تابعداري ۽ سندس مخلوق جي مدد ڪرڻ به انهن جي ذميدارين ۾ شامل آهي. ملائڪن تي ايمان آڻڻ جو مطلب آهي ته ملائڪ الله تعالىٰ جي پاڪيزه مخلوق آهن، اهي ڪڏهن به گناهه يا نافرماني نه ڪندا آهن.

**ملائڪن جون ذميداريون:** الله تعالىٰ جيتوڻيڪ هر قسم جي مدد ۽ محتاجي کان پاڪ آهي تنهن هوندي هن فرشتا پيدا ڪري مٿن ڪجهه ذميداريون عائد ڪيون آهن مثال طور: بارش ۽ هوائن جي نگرانيءَ لاءِ ڪجهه فرشتا مقرر آهن. انسانن جي حفاظت ڪرڻ، انهن جي عملن کي

محفوظ ڪرڻ، الله تعاليٰ جي حڪم سان جاندارن ڪي مارڻ، انسانن ڪان قبر ۾ سوال ڪرڻ ۽ آخرت ۾ عذاب ۽ ثواب جي لاءِ جنت ۽ جهنم تائين پهچائڻ به سندن ذميدارين ۾ شامل آهي.

**چار وڏا ملائڪ ۽ انهن جون ذميداريون:** سيني فرشتن مان چار وڏا فرشتا آهن جن جا نالا ۽ ذميداريون هيٺ ڏنل آهن:

**حضرت جبرائيل عليه السلام:** ان جو ڪم نبين سڳورن ڏانهن وحي آڻڻ، نافرمان قومن تي عذاب نازل ڪرڻ ۽ مظلوم ماڻهن جي مدد ڪرڻ آهي.

**حضرت ميڪائيل عليه السلام:** ان جي ذمي مينهن وسائڻ، ڪڪرن ۽ هوائن جو نظام آهي ۽ رزق پهچائڻ آهي، ان جي ماتحت ڪيترائي فرشتا آهن جيڪي هي ڪم سرانجام ڏيندا آهن.

**حضرت عزرائيل عليه السلام:** ان کي ملڪ الموت يعني موت جو فرشتو به چوندا آهن. ان جي ماتحت ڪيترائي فرشتا آهن جيڪي هر جاندار شيءِ جو ان جي مقرر وقت تي ساهه کڻندا آهن ۽ ان جو روح قبض ڪندا آهن.

**حضرت اسرافيل عليه السلام:** هي فرشتو آسمان تي ان انتظار ۾ ويٺو آهي ته الله تعاليٰ جي طرفان قيامت قائم ڪرڻ لاءِ حڪم ٿئي ۽ جڏهن حڪم ٿيندو ته اهو صور ڦوڪيندو. اهڙيءَ طرح اهو به دفعا ڦوڪ ڏيندو، پهريون دفعو سيني شين کي فنا ڪرڻ ۽ ساهوارن کي مارڻ لاءِ ۽ ٻيو دفعو زنده ڪرڻ لاءِ. ان کان سواءِ ٻيا فرشتا به آهن جن ۾ ڪراماً ڪاتبين يعني عمل لکندڙ ۽ منڪر نڪير يعني قبر ۾ سوال ڪندڙ به آهن، طواف ڪندڙ، عرش کي کڻندڙ، جنت ۽ جهنم جي نگراني ڪندڙ فرشتا.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. ملائڪن جو تعارف ۽ مٿن ايمان آڻڻ تي جامع نوٽ لکو.
2. چئن وڏن ملائڪن جا نالا ۽ انهن جون ذميداريون ڇا آهن؟ واضح ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. فرشتا، انسانن کان ڪهڙين صفتن ۾ مختلف آهن؟
2. فرشتا انسانن جي ڪهڙي ڪم اچن ٿا؟
3. حساب ڪتاب ۽ جنت يا جهنم ۽ ڪراماً ڪاتبين فرشتن جا ڪم ٻڌايو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. ملائڪ پيدا ٿيل آهن:

(الف) نور مان (ب) مٽيءَ مان

(ج) هوا مان (د) باهه مان

2. قبر ۾ سوال ڪندڙ فرشتا آهن:

(الف) رضوان ۽ مالڪ (ب) ڪراماً ڪاتبين

(ج) منڪر نڪير (د) جبرئيل ۽ عزرائيل

3. حضرت اسرافيل عليه السلام صور ڦوڪيندو:

(الف) ٻه دفعا (ب) ٽي دفعا

(ج) چار دفعا (د) پنج دفعا

## 4 آخرت جو عقيدو

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- ❖ آخرت جو لفظي ۽ اصطلاحي مفهوم ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ آخرت جي عقيدي جي حقيقت ۽ اهميت سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ آخرت جي تصور (قيامت، مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿيڻ، جزا ۽ سزا) جو مفهوم سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ آخرت جي عقيدي جا دليل ڄاڻي (قرآن، سنت، سائنس ۽ فطرت جي روشنيءَ ۾) بيان ڪري سگهندا.
- ❖ عقيده آخرت جا روزمره جي زندگيءَ تي اثر مرتب ٿيڻ سمجهي بيان ڪري سگهندا.

**آخرت جي معنیٰ ۽ مفهوم:** عربي زبان ۾ 'آخرت' جي معنیٰ 'بعد ۾ ايندڙ شيءِ' آهي، جنهن مان مراد موت کان پوءِ واري زندگي آهي.

**عقيده آخرت:** آخرت جو عقيدو اسلام جي بنيادي عقيدن مان هڪ آهي، انسان جي مري وڃڻ کان پوءِ ان جو روح زنده سلامت رهندو آهي، آخرت واري زندگيءَ ۾ انساني روح کي ٻيهر جسم ۾ داخل ڪري زنده ڪيو ويندو، پوءِ سڀني انسانن کي حشر جي ميدان ۾ جمع ڪيو ويندو. الله تعالیٰ هرهڪ کان ان جي زندگيءَ جو حساب وٺندو، پوءِ ڪامياب ماڻهن کي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ ناڪام ماڻهن کي جهنم ۾ عذاب ڏنو ويندو. جهڙيءَ طرح ارشاد پاڪ آهي: ترجمو: بيشڪ پلارا (بهشت جي) نعمت ۾ هوندا. ۽ بيشڪ گنهگار دوزخ ۾ هوندا. (سورة الانفطار: آيت 13-14)

موت اچڻ سان ئي انسان کان حساب ڪتاب شروع ٿي ويندو آهي. پوءِ ٻئي جهان ۾ صرف نيڪ عمل ڪم ايندا آهن، دنيا وقت وڃائڻ ۽ اجاين ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ نه آهي، بلڪ هيءَ امتحان جي جاءِ آهي. انسان جيڪو ڪجهه ڪندو ان کي ان جو بدلو آخرت ۾ ڏنو ويندو. تنهنڪري چيو ويندو آهي: الدنيا مزرعة الآخرة (دنيا آخرت جي پوک آهي)

**آخرت جا مرحلا ۽ اهم تصور:** انسان جي مرڻ سان ئي ان جي آخرت شروع ٿي ويندي آهي. مرڻ ۽ ٻيهر زنده ٿيڻ تائين جي وقت کي 'عالم برزخ' چيو ويندو آهي. جنهن ۾ قبر جا سوال پڇيا ويندا ۽ پوءِ قبر جي عذاب يا فرحت وارو وقت هوندو. جنهن ڏينهن پوري ڪائنات فنا ٿي ويندي، ان کان پوءِ ٻيهر صور ڦوڪيو ويندو ۽ پوءِ سڀ انسان ٻيهر زنده ڪيا ويندا، ان

کي ’بَعث بعد الموت‘ (يعني مرڻ کان پوءِ زندھ ٿيڻ) چيو ويندو آهي پوءِ سمورا انسان حساب ڪتاب لاءِ اُٿندا، ان ڪري ان کي قيامت چوندا آهن. سمورا ماڻهو محشر ۾ پنهنجي عملن جي حساب مڪمل ٿيڻ کان پوءِ يا ته جنت جا حقدار ٿيندا ۽ اتي هميشه رهندا يا جهنم ۾ ويندا، پوءِ گنهگار انسان پنهنجي گناهن جي سزا ڪاٽڻ کان پوءِ جنت جا حقدار ٿي ويندا، البته ڪافر، مشرڪ ۽ منافق هميشه لاءِ جهنم ۾ رهندا.

**عقيده آخرت جا دليل:** قرآن مجيد جي آيتن جو هڪ وڏو حصو آخرت جي عقيدي جي باري ۾ آهي، جن ۾ آخرت جو تعارف، ان جا مختلف مرحلا مختلف ماڻهن جا اعتراض ۽ انهن جا جواب بيان ڪيا ويا آهن.

ماڻهو آخرت جي باري ۾ غلط خيالن ۾ مبتلا هئا. ان لاءِ آخرت جو مڪمل تفصيل قرآن مجيد ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پاڻ ڪريم ﷺ آخرت جي عذاب ۽ حساب ڪتاب متعلق تفصيل سان ٻڌايو آهي ۽ امت کي آخرت جي عذاب کان بچڻ جون تدبيرون بيان فرمايون آهن. عالم برزخ، جنت ۽ جهنم جا مختلف منظر، معراج شريف واري رات ۾ حضور اڪرم ﷺ کي ڏيکاريا ويا هئا. ان لاءِ ايمان جي شرطن ۾ يوم الآخرة تي ڪامل ايمان ۽ يقين رکڻ شامل آهي. جهڙيءَ طرح قرآن مجيد ۾ آهي: وَبِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ترجمو: اهي آخرت تي يقين رکندا آهن. (سورة البقره: آيت 4)

تجربا ۽ مشاهدا ثابت ڪن ٿا ته جاندار شيون مختلف جيو گهرڙن جو مرڪب آهن ۽ هڪ اهڙو وقت ايندو آهي جو اهي ٽُٽي فنا ٿي ويندا آهن، تنهنڪري سمجهي سگهجي ٿو ته جيڪو خالق، انسان جي تخليق تي قدرت رکي ٿو، اهو ان کي ٻيهر زندھ ڪرڻ تي به قدرت رکي ٿو.

عقل به مڃي ٿو ته ڪو هڪ ڏينهن ضرور هئڻ گهرجي جنهن ۾ گنهگار کي گناھ ڪرڻ جو ۽ اطاعت گذار کي فرمانبرداري جو بدلو ملي ۽ اهو آخرت جو ڏينهن آهي، ان مرحلي مان هر انسان کي گذرڻو پوندو.

**عقيده آخرت جا انساني زندگيءَ تي اثرات:** حساب ڪتاب جي فڪر ۾ انسان بُرائيءَ کان بچڻ ۽ نيڪي ڪرڻ جي جدوجهد ڪندو آهي ۽ پاڻ کي هڪ ذميدار انسان بڻائيندو آهي. انسان ۾ صبر، تحمل ۽ مشڪل حالتن سان منهن ڏيڻ جو حوصلو وڌندو آهي ۽ اهو پنهنجي نيڪ عملن جي بدلي لاءِ پُراعتماد ۽ مطمئن رهندو آهي. سماجي اعتبار سان انسان ۾ عمل ڪرڻ جو شوق، نتيجي ۽ انجام جي بنا فڪر سِڌي راھ تي هلڻ جو عزم، ان کي ترقيءَ جي راھ تي

هلڻ ۾ مدد ڪندو آهي ۽ هو هر برائي کان بچندي دائمي حياتي جي تياري ڪندو آهي. ان ۾ بهادري، صبر ۽ سهپ، الله تعالىٰ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ ۽ ذميداري جو احساس وغيره پيدا ٿيندا آهن جنهن سان انفرادي ۽ اجتماعي طور تي انسان ڪاميابي حاصل ڪندو آهي. آخرت جو عقيدو انساني زندگي کي انفرادي طور بهتر منظم بڻائي ٿو جنهن سان سماج ۾ اجتماعي اثر مرتب ٿين ٿا. اهي اثرات هيٺين ريت آهن:

**برائي کان نفرت ۽ چڱائي ۾ شوق:** آخرت ۾ يقين رکندڙ شخص مڃي ٿو ته سندس سيئي چڱا ۽ برا عمل الله تعالىٰ کان ڳجها ڪين آهن. هڪ ڏينهن کيس ان جي سامهون پورو حساب ڏيڻو آهي. جيڪڏهن برائين کان بچندي چڱا ڪم ڪيا ته ان کي الله تعالىٰ جي رضامندي ۽ جنت ملندي ۽ جيڪڏهن برائيون وڌي ويون ته کيس الله تعالىٰ جو ڏمر ۽ عذاب ملندو.

**جرئت ۽ بهادري:** آخرت جو عقيدو مومن کي سيکاري ٿو ته هي دنيا جي زندگي عارضي آهي هميشه واري زندگي آخرت واري آهي تنهنڪري نيڪي ۽ ڀلائي لاءِ هميشه ڪوشش ڪندي جرئت ۽ بهادري جو مظاهرو ڪري.

**صبر ۽ تحمل:** نيڪي ۽ حق تي هلڻ ۾ جان جو جوکو ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. عقيده آخرت کي مڃڻ وارو انهن سيني تڪليفن کي الله تعالىٰ طرفان سمجهي صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪري ٿو.

**الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ:** آخرت تي يقين رکڻ وارو ماڻهو دنيا جي مال ۽ دولت کي آخرت جي ڪاميابي جو ذريعو بڻائڻ چاهيندو آهي کيس ان مال سان دنيا سينگارڻ بجاءِ آخرت سنوارڻ گهرجي ته جيئن مال دولت کي الله تعالىٰ جي راهه ۾ خرچ ڪري ان جو بدلو کيس آخرت ۾ حاصل ٿئي.

**ذميداري جو احساس:** آخرت تي يقين رکندڙ شخص کي احساس هوندو آهي ته پنهنجي پالڻهار جي طرفان مقرر ڪيل فرائض، ذميدارين ۽ حڪمن کي پورو ڪرڻو آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. عقيده آخرت جي وضاحت ڪريو.
2. موت کان پوءِ جا اهم مرحلا ڪهڙا آهن؟

(ب) **هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. عقيده آخرت بابت سائنس ۽ فطرت جا ڪهڙا دليل آهن؟
2. عقيده آخرت جا انساني زندگيءَ تي پونڊڙ ڪي بہ ٽي اثر بيان ڪريو.
3. عالم برزخ مان ڇا مراد آهي؟

(ج) **دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. موت کان پوءِ واري ايندڙ زندگي کي چئجي ٿو:

(الف) دنيا (ب) جنت

(ج) جهنم (د) آخرت

2. قول مطابق "دنيا آخرت لاءِ آهي":

(الف) رستو (ب) پُل

(ج) پوک (د) ذريعو

3. ٻيهر زنده ٿيڻ کان پوءِ سڀئي انسان حساب ڪتاب لاءِ جمع ٿيندا:

(الف) پل صراط تي (ب) اعراف تي

(ج) قبر ۾ (د) ميدان محشر ۾

**استادن لاءِ هدايتون**

1. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تزکيہ، نيڪي سان رغبت ۽ بدي کان نفرت، هميشہ واري زندگي جي تياري، شجاعت ۽ بهادري، صبر ۽ تحمل، في سبيل الله مال خرچ ڪرڻ جو جذبو ۽ احساس ذميداري جي عنوانن سان مضمون لکرايو.
2. عقيده آخرت کي قرآن مجيد ۽ حديث شريف جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ سمجهاڻي ڏيو.

## 5 الهامي ڪتابن تي ايمان آڻڻ

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- ❖ الهامي ڪتابن (حضرت ابراهيم ۽ ٻين نبين سڳورن جي صحيفن، تورات، زبور، انجيل ۽ قرآن مجيد) جو تعارف ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ قرآن مجيد جون خصوصيتون (قرآن مجيد جي حفاظت، قرآن مجيد جو اعجاز، قيامت تائين مڪمل ضابطہ حيات) ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ روزمره جي زندگيءَ جو قرآن مجيد سان لاڳاپو قائم ڪري سگهندا.

**تعارف:**

**آسماني يا الهامي ڪتاب:** الله تعالىٰ انسانن جي هدايت لاءِ لاتعداد پيغمبر سڳورا موڪليا جن ماڻهن کي هڪ الله تعالىٰ جو عقيدو ڏنو ۽ انبياء سڳورن عليهم السلام ماڻهن کي رب ڪائنات جي پيغام ڏانهن سڏيو ۽ انهن پيغمبرن پنهنجي امت جي اخلاقي تربيت ڪئي. الهامي ڪتاب ۽ صحيفا نازل فرمايا جن ۾ ان ذات باريءَ جي سڃاڻ ۽ ان تي پختو عقيدو رکڻ ۽ پيغمبرن جي فرمانبرداري، انسانن سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ ۽ هر قسم جي نافرماني کان بچڻ جي لاءِ هدايتون شامل هيون. الهامي ڪتابن تي ايمان رکڻ اسلام جي بنيادي عقيدن مان آهي. الهامي ڪتابن تي ايمان آڻڻ جو مطلب آهي ته الله تعالىٰ جيترا به الهامي ڪتاب ۽ صحيفا نازل فرمايا، اهي برحق ۽ سچا هئا. البت آخري پيغمبر حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيندڙ ڪتاب يعني قرآن مجيد کان پوءِ پهريان سڀئي الهامي ڪتاب منسوخ ٿي چڪا آهن. هاڻي قيامت تائين ان تي ايمان آڻڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ هدايت جو واحد ڪتاب قرآن مجيد ئي آهي.

**الهامي ڪتابن تي ايمان آڻڻ:** چار الهامي ڪتاب وڌيڪ مشهور آهن جن جا نالا هيٺ ڏنل آهن:

**1. تورات:** هي ڪتاب حضرت موسىٰ عليه السلام تي نازل ٿيو، جيڪو بني اسرائيل لاءِ مختلف حڪمن تي مشتمل آهي.

**2. زبور:** هيءُ ڪتاب حضرت داؤد عليه السلام تي نازل ٿيو، جيڪو الله تعالىٰ جي مدح ۽ تعريف سان گڏوگڏ ان قوم لاءِ لائحہ عمل رهيو آهي.

**3. انجيل:** هيءُ ڪتاب حضرت عيسىٰ عليه السلام تي نازل ٿيو، جيڪو سندس اُمت جي هدايت لاءِ مختلف حڪمن تي مشتمل آهي. پر بعد ۾ ماڻهن جي طرفان برحق عقيدن سان گڏوگڏ ان ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي.

**4. قرآن مجيد:** هيءُ ڪتاب حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي تقريباً ٽيويهن سالن جي عرصي ۾ نازل ٿيو. هيءُ ڪتاب اسلام جي بنيادي عقائد، عبادات، اخلاقيات، حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت، ڪجهه اڳين نبين ۽ انهن جي قومن متعلق مختصر واقعن، شرعي حڪمن ۽ آخرت جي ذڪر وغيره تي مشتمل آهي.

انهن الهامي ڪتابن کان علاوه صحيفن جي صورت ۾ ننڍا ننڍا ڪتاب ڪجهه نبين سڳورن عليهم السلام تي نازل ٿيا، انهن مان حضرت آدم عليه السلام، حضرت ادريس عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جا صحيفا شامل آهن.

**قرآن مجيد جون خصوصيتون:** هي الله تعالىٰ جو آخري ۽ مڪمل ڪتاب آهي، جيڪو قيامت تائين انسانن جي هدايت لاءِ موجود آهي. قرآن مجيد جون ڪجهه خصوصيتون هيٺ ڏجن ٿيون:

**حفاظت قرآن:** قرآن مجيد هر قسم جي شڪ ۽ شبهي کان مٿاهون آهي ۽ هر طرح جي هير ڦير کان پاڪ آهي، جو تہ ان جي حفاظت الله تعالىٰ جي ذمي آهي.

**اعجازِ قرآن:** قرآن مجيد هڪ معجزو آهي، جنهن ۾ فصاحت، بلاغت ۽ اهڙي تاثير آهي جيڪا ان کي سيني ڪتابن کان نرالو بڻائي ٿي.

**ضابطه حيات:** قرآن مجيد انسانن لاءِ مڪمل ضابط حيات ۽ ڪامل دستور آهي، جيڪو زندگيءَ جي سيني شعبن ۾ انسانن جي رهنمائي ڪري ٿو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. الهامي ڪتابن تي ايمان آڻڻ جو مطلب ڇا آهي؟
2. جن نبين سڳورن عليهم السلام تي الهامي ڪتاب يا صحيفا نازل ٿيا تن جو ذڪر ڪريو.

(ب) **هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. قرآن مجيد جون خصوصيات بيان ڪريو.
2. حفاظت قرآن مجيد جو مطلب ڇا آهي؟
3. اعجازِ قرآن مجيد ڇا کي چئجي ٿو؟
4. انسانن کي الهامي ڪتابن جي ضرورت ڇو آهي؟

(ج) **دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. آخرت ۾ سڀني انسانن کي جتي گڏ ڪيو ويندو، ان جڳهه جو نالو آهي:

(الف) عالم برزخ (ب) حشر جو ميدان

(ج) پل صراط (د) قيامت

2. قرآن مجيد کي ڪهڙي شي ٻين ڪتابن کان ممتاز بڻائي ٿي:

(الف) حفاظت (ب) ضخامت

(ج) قدامت (د) جدت

**استادن لاءِ هدايتون**

الهامي ڪتابن بابت هيٺين موضوعن تي تفصيل سان روشني وجهو:

1. الهامي ڪتاب ۽ صحيفا: تعارف ۽ ايمان آڻڻ.
2. اڳين الهامي ڪتابن جي موجوده صورتحال ۽ انهن جي حفاظت.
3. قرآن مجيد لاءِ حفاظت جو وعدو.

باب ٽيون

## (ب) عبادتون

### تدريسي معيار

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

❖ اسلام ۾ عبادت جو تصّور ڄاڻي ڪري بيان ڪري سگهندا.

عربي ٻولي ۾ نهايت عاجزي اختيار ڪرڻ کي 'عبادت' چئبو آهي. شريعت مطابق هر اهو نيڪ ڪم جيڪو اخلاص سان الله تعالىٰ جي رضا لاءِ ڪيو وڃي، ان کي 'عبادت' چئجي ٿو. عبادت جو بهترين طريقو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي سنت ۾ آهي. هر قسم جي عبادت جي لائق الله تعالىٰ جي ذات ئي آهي.

اسلام ۾ عبادت جو تصور گهڻو وسيع آهي. مثلاً: ڪنهن مشڪل ۾ ڦاٿل جي مدد ڪرڻ، ڪنهن مظلوم جي فرياد رسي ڪرڻ، پنهنجي گهر وارن جي ضرورت پوري ڪرڻ، رزق حلال ڪمائڻ، اولاد جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ ۽ هر وقت الله تعالىٰ جو ذڪر ڪرڻ وغيره عبادت جا قسم آهن.

انهن مان اهم فرضي عبادتون نماز، زڪواة، روزو ۽ حج آهن جن کي مستقل ۽ وڏيون عبادتون ليکيو وڃي ٿو.

1

# نماز

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

❖ نماز (صلوٰة) جي معنىٰ ۽ مفهوم ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
❖ نماز جي اهميت ۽ فضيلت سمجهي بيان ڪري سگهندا.
❖ روزمره جي زندگيءَ ۾ نماز جا انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ لاءِ فائدا ۽ ان جا اثرات بيان ڪري سگهندا.

**نماز (صلواة) جي معنىٰ ۽ مفهوم:** عربيءَ ۾ نماز کي 'الصلوٰة' چئجي ٿو. نماز عبادت جو هڪ انداز آهي، جيڪا تڪبير تحريمه، قيام، قراءة قرآن، رڪوع، سجدي، آخري قعدي، تشهد، مختلف تسبيحن، دعا ودرود شريف ۽ سلام تي مشتمل آهي.

**نماز جي اهميت:** نماز اسلام جو هڪ بنيادي رُڪن آهي، جيڪو هر مسلمان، عاقل ۽ بالغ، مرد توڙي عورت تي ڏينهن ۽ رات ۾ پنج ڀيرا فرض ڪيل آهي. هجرت کان هڪ سال اڳ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي معراج واري موقعي تي الله تعالىٰ طرفان پنج نمازون امت لاءِ تحفي طور عنايت ٿيون. قرآن مجيد ۾ هن عبادت جو ذڪر سڀ کان وڌيڪ ڪيو ويو آهي جيئن ارشاد باري تعالىٰ آهي: وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ وَلَا تَكُونُوا مِنَ الْمُشْرِكِينَ ترجمو: ۽ نماز پڙهندا رهو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو. (سورة الروم: آيت 31)

حديث شريف مطابق ستن سالن جي عمر ۾ نماز شروع ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ ڏهن سالن جي عمر ۾ سخت تاڪيد آهي ۽ پڻ سختي ڪرڻ گهرجي. نماز فرض ٿيڻ کان پوءِ ڄاڻي ٻجهي نماز ڇڏڻ وڏو گناهه آهي. نماز جا ڪجهه آداب ۽ شرط آهي جيڪي هيٺ ذڪر ڪجن ٿا:

- اسلام، عقل، ستر عورت، استقبال قبلہ.
- نماز کان پهريان جسم، لباس ۽ جڳهه پاڪ ۽ صاف هجڻ لازمي آهن.
- نماز لاءِ وضو ڪرڻ گهرجي.
- نماز مقرر وقت تي ادا ڪرڻ گهرجي.
- نيت ڪرڻ
- جماعت سان نماز پڙهڻ جو اجر انفرادي نماز کان ستاويهہ دفعا وڌيڪ آهي.
- خشوع و خضوع سان نماز پڙهڻ

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ هميشه نماز لاءِ تاڪيد فرمايو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن وصال واري آخري وقت ۾ به نماز جي تلقين ڪندا رهيا، جنهن مان نماز جي عظمت ۽ اهميت جي ڄاڻ ملي ٿي.

**نماز جا انفرادي ۽ اجتماعي فائدا:** نماز هڪ جامع عبادت آهي، جنهن ۾ انسان لاءِ انفرادي ۽ اجتماعي فائدا آهن. انفرادي طور نماز مسلمان کي حقيقي پروردگار جي اڳيان عاجزي سيکاري ٿي. الله تعالىٰ جي خوشنوديءَ ۽ غير الله کان لاتعلقي جو سبق ڏئي ٿي. نمازي انسان پاڻ کي مطمئن ۽ پُراعتماد محسوس ڪري ٿو. نماز پڙهڻ سان جسم ۽ لباس پاڪيزه ۽ پُروقار بڻجي ٿو. سائنسي طور نماز جي رڪنن جي ادائيگي جهڙوڪ: رڪوع، سجدو، قيام جسم جي صحت لاءِ به تمام لازمي آهن. سجدي ڪرڻ سان دماغ ۾ رت جي پهچ ٿئي ٿي ۽ احساس ۾ تازگي پيدا ٿئي ٿي. بُرائيءَ سان مقابلي ڪرڻ لاءِ نماز هڪ بهترين مشق آهي. نماز معاشري ۾ اجتماعيت وارو ماحول پيدا ڪري ٿي ۽ وقت جي پابندي سيکاري ٿي، خاص طور تي باجماعت نماز، جمعي ۽ عيد جي نماز پاڻ ۾ اتحاد جو درس ڏئي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي جا سڀئي رهواسي اسلام جي متعين اصولن مطابق نماز قائم ڪن ته اهو علائقو هر بُرائيءَ کان پاڪ ٿي سگهي ٿو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. نماز جي فضيلت ۽ اهميت بابت نوٽ لکو.
2. نماز جا انفرادي ۽ اجتماعي فائدا تحرير ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. عبادت جا ڪي چئجي ٿو؟
2. نماز جي فرضيت جو تحفو ڪڏهن ۽ ڪيئن مليو؟
3. نماز جا ڪجهه آداب ۽ شرط بيان ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. الله تعالىٰ اڳيان انتهائي عاجزي ڪرڻ کي سڏجي ٿو:

(الف) توحيد (ب) ايمان
(ج) اسلام (د) عبادت

2. نماز لاءِ عربي ۾ لفظ استعمال ٿئي ٿو:

(الف) الصوم (ب) النوم

(ج) الصلاة (د) الفلاح

3. سبق جي مطابق اڪيلي نماز پڙهڻ جي مقابلي ۾ جماعت سان پڙهڻ جو ثواب آهي:

(الف) 27 دفعا (ب) 25 دفعا

(ج) 20 دفعا (د) 10 دفعا

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کان نماز جي روحاني ۽ معاشرتي فائدن تي باهمي مذاڪري بعد نڪات تحرير ڪرايو.

## 2 زڪوات

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- زڪوات جي معنىٰ ۽ مفهوم ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- زڪوات جي اهميت ۽ فضيلت سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- زڪوات جو نصاب ۽ ان جا مصرف ۽ حڪم ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- زڪوات جي ادائيگي بابت ڪجهه اصول سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- روزمره جي زندگيءَ ۾ زڪوات جا مالي، سماجي ۽ روحاني فائدا لاڳو ڪري سگهندا.

**زڪوات جي معنى ۽ مفهوم:** عربيءَ ۾ زڪوات جي معنىٰ 'پاڪ ڪرڻ' آهي. شريعت ۾ خاص مقدار جي مال تي پورو سال گذرڻ ڪان پوءِ ان جي نصاب مطابق حصو الله تعالىٰ جي رضا حاصل ڪرڻ خاطر، شرعي مستحقن کي ڏيڻ جو نالو 'زڪوات' آهي. زڪوات هر صاحب نصاب عاقل ۽ بالغ مرد توڙي عورت تي فرض آهي.

**زڪوات جي فضيلت ۽ اهميت:** زڪوات اسلام جو اهم رڪن ۽ مالي عبادت آهي، ان جو مقصد معاشري جي ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ ۽ پنهنجي دل مان دنيا جي محبت ۽ لالچ گهٽائڻ آهي. قرآن مجيد ۾ اڪثر جڳهن تي نماز سان گڏ زڪوات جو بہ ذڪر آيو آهي. مثال طور:

اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ. ترجمو: نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو. (سورة المزمل: آيت 20)

زڪوات، صاحبِ نصاب شخص تي سال ۾ هڪ ڀيرو مقرر ڪيل آهي ۽ تمام وڏي اجر واري عبادت آهي، زڪوات جي انڪار يا ڪوتاهي جي صورت ۾ سخت عذاب جو ڏڪو ڏنل آهي. ارشاد خداوندي آهي، ترجمو: اي ايمان وارؤ! ۽ جيڪي سون ۽ چانديءَ جو خزانو گڏ ڪندا آهن ۽ اُهو الله جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪندا آهن تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي. (سورة توبه:آيت 34)

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو خوشدليءَ سان پنهنجي مال مان زڪوات ڏيندڙ کي ايمان جي لذت حاصل ٿيندي. (سنن ابودائود: 1580)

قضاعہ قبيلي جو هڪ شخص سيدنا نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ مان شاهدي ٿو ڏيان تہ الله تعالىٰ ڪان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ اوهان الله تعالىٰ جا رسول آهيو. مان پنج وقت نماز جو اهتمام ڪندس، رمضان جا روزا

رکندس، قيام ڪندس ۽ زڪوات ڏيندو رهندس. ان جي جواب ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ جنهن ايئن ڪيو، اهو صديقن ۽ شهيدن جي درجي تي هوندو. (مسند احمد 39/522) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي دَورِ خلافت ۾ زڪوات جي انڪار ڪندڙن سان جهاد ڪيو.

**زڪوات جو نصاب:** نصاب مان مراد اهو مال آهي جيڪا سون جي صورت ۾ ساڍا ست تولا يا چاندي جي صورت ۾ ساڍا باونجاهہ تولا موجود هجن يا نقد رقم ۽ تجارتي سامان هلندڙ وقت جي حساب سان سون يا چانديءَ جي مٿئين مقدار مان ڪنهن هڪ نصاب جي برابر هجي. ان تي سال ڪان پوءِ ان مال جو چاليهون حصو زڪوات ڏيڻ فرض آهي.

**زڪوات جا مصرف:** زڪوات جي مستحق ڪي 'مَصرَف' چئبو آهي، قرآن پاڪ جي سورة التوبه آيت 60 ۾ زڪوات جا اَٺ مصرف بيان ڪيل آهن:

1. **الفقراء:** فقير ۽ محتاج، جن وٽ ڪجهہ بہ نہ هجي.
2. **المساڪين:** مسڪين ۽ ضرورتمند جنهن جو خرچ مشڪل سان پورو ٿيندو هجي.
3. **العاملين:** زڪوات واري محڪمي ۾ مقرر ٿيل عملي جي پگهار وغيره لاءِ
4. **المؤلفة قلوبهم:** اهڙا غير مسلم جن کي اسلام ڏانهن راغب ڪرڻ جو مقصد هجي.
5. **الرقاب:** غلام ۽ قيدي.
6. **الغارمين:** قرضدار.
7. **في سبيل الله:** الله تعاليٰ جي راهہ ۾ ڪم ڪندڙ شخص ۽ مجاهد.
8. **ابن السبيل:** مسافر.

**زڪوات جي ادائگي جا مسئلا:** زڪوات اهو فريضو آهي جيڪو مالدار مسلمان (مرد ۽ عورتون) ادا ڪندا آهن. ويجهي مٽن مائٽن جهڙوڪ: ماءُ، پيءُ، زال، ڌيءُ، پٽ کي زڪوات ادا ڪرڻ جائز ناهي ڇو تہ شريعت انهن جي ڪفالت ۽ سارسنڀال جو حڪم فرمايو آهي. البتہ انهن کان سواءِ بين مٽن مائٽن کي زڪوات ڏيڻ باقي مستحقن کان وڌيڪ بهتر آهي. عام طور تي هڪ علائقي مان زڪوات وصول ڪري اتان جي ئي مستحق ماڻهن ۾ ورهائڻ گهرجي البتہ اتي ضرورت مند نہ هجڻ جي صورت ۾ بين علائقن ۾ زڪوات ڏيڻ گهرجي.

**ٻوڏ، زلزلا ۽ ڏڪار جي صورتحال:** دنيا جو ڪاروهنوار، اصول ۽ قانون حڪومت ۽ رياست جي ماتحت هوندا آهن جيڪا پنهنجي رعيت جي سهولت لاءِ انتظامات ڪندي آهي. هنگامي حالتن جن ۾ برسات، ٻوڏ، زلزلا، ڏڪار ۽ وبا جهڙوڪ پاڪستان سميت سموري دنيا ۾ ڪرونا

۽ ٻوڏ جي ڪري ماڻهن کي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو. اهڙين حالتن ۾ وس آهر پنهنجي مدد پاڻ تحت مصيبت ۾ ڦاٿل ماڻهن کي صاحب نصاب ماڻهن کي زڪوات سان گڏوگڏ پئسي، مصنوعات، روزمره جي استعمال جي شين ۽ ضرورت کان وڌيڪ هر شي زلزلي، ٻوڏ، ڏڪار يا وبا متاثرين لاءِ نفلي طور عطيو ڪرڻ گهرجي.

**زڪوات جا فائدا:** زڪوات هڪ اهڙو فريضو آهي جنهن جا ڪيترا ئي فائدا آهن جن مان ڪجهه هي آهن: *سرمائيدارانہ نظام ۾ جتي وياج ۽ غير شرعي حدبندين سان غربت ۾ اضافو ٿئي ٿو اتي زڪوات جي ادائيگي سان غربت ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي ۽ ماڻهن جي معاشي حالت سڌري ٿي *صاحب زڪوات ماڻهو، زڪوات جي ادائيگي کان پوءِ وڌيڪ سرمايہ ڪاري ڪري ٿو جنهن سان ملڪي معيشت کي استحڪام ملي ٿو. وڏن صنعتي ٽيڪسن جي مقابلي ۾ مالدار ماڻهو زڪوات جي ادائيگي خوش دلي ۽ امانت داري سان ادا ڪن ٿا. *زڪوات جي ادائيگي سان هڪ طرف سماج ۾ غريب ماڻهن سان سهڪار ٿئي ٿو ۽ اهي بي صبري، سماجي برائين، بک ۽ بدحالي کان بچي الله تعالىٰ جو شڪر ادا ڪن ٿا. ٻئي طرف مالدارن جي دلين مان دولت جي طلب جو حرص گهٽجي ٿو.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

زڪوات بابت، زڪوات جو نصاب، مصارف زڪوات ۽ جن شين ۾ زڪوات لازم ٿئي ٿي تن جا چارٽ ٺاهي استاد کان تصديق ڪرايو ۽ پنهنجي اسائنمينٽ فائل ۾ محفوظ ڪريو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. زڪوات جي اهميت بيان ڪريو.
2. زڪوات جي مصارف جي وضاحت ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. زڪوات جو مفهوم ڇا آهي؟
2. صاحبِ نصاب مان مراد ڇا آهي؟
3. زڪوات جا ڪي ٻہ پنج فائدا تحرير ڪريو.

(ج) دُرست جواب جي سامھون (✓) جو نشان لڳايو:

1. لفظ 'زڪوٰة' جي لفظي معنیٰ آھي:

(الف) ڪمائي (ب) مال

(ج) پاڪائي (د) نفعو

2. سال ۾ زڪوات لازم ٿئي ٿي:

(الف) چار دفعا (ب) ٽي دفعا

(ج) ٻہ دفعا (د) ھڪ دفعو

3. زڪوات جا مصرف آھن:

(الف) 7 (ب) 8

(ج) 9 (د) 10

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- روزي جي معنىٰ ۽ مفهوم ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.
- روزي جي اهميت ۽ فضيلت ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.
- روزي جون برڪتون ۽ اثرات سمجھي بيان ڪري سگھندا.
- رمضان مبارڪ جي فضيلت ۽ شب قدر (ليلة القدر) جي اهميت ۽ فضيلت ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.
- روزمره جي زندگيءَ ۾ روزي جا انسان جي زندگيءَ تي پوندڙ اثر ۽ فائدا بيان ڪري سگھندا.

**روزي جي معنىٰ ۽ مفهوم:** عربي ٻولي ۾ روزي کي 'الصوم' چئجي ٿو جنهن جي لغوي معنىٰ رُڪجڻ يا بچڻ آهي ۽ شريعت ۾ الله تعالىٰ جي رضا لاءِ پرھ ڦٽيءَ کان سج لٿي تائين پاڻ کي کائڻ، پيئڻ ۽ جنسي خواهش کان روڪڻ جي عمل کي روزو چئبو آهي.

**روزي جي اهميت ۽ فضيلت:** هر عاقل، بالغ، مسلمان مرد توڙي عورت تي رمضان جا سيئي ڏينهن روزا رکڻ فرض آهن. روزو اسلام جو اهم رڪن آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد باري تعالىٰ آهي يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ترجمو: اي مؤمنؤ! جيئن اوهان کان اڳين تي (روزا) فرض ڪيا ويا هئا تيئن اوهان تي (بہ) روزا فرض ڪيا ويا آهن تہ جيئن اوهان پرهيزگار ٿيو. (سورة البقره: آيت 183)

روزو هڪ اهڙي عبادت آهي جنهن جا انيڪ جسماني ۽ روحاني فائدا آهن.

سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي قدسي حديث ۾ الله تعالىٰ جو فرمان آهي: "اَلصَّوْمُ لِيْ وَاَنَا اَجْزِيْ بِهٖ" ترجمو: روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ مان ئي ان جو بدلو ڏيندس. (صحيح بخاري: 7492) ٻي حديث ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ جنهن بہ ايمان ۽ ثواب جي نيت سان رمضان جا روزا رکيا، ان جا اڳيان گناھ معاف ٿي ويندا. (صحيح بخاري: 38)

**روزي جون برڪتون ۽ اثر:** روزو اهڙي عبادت آهي جيڪو مؤمن کي پرهيزگاري، برداشت ۽ پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکڻ، پاڻ کي بُرائين کان بچائڻ ۽ نيڪيءَ جهڙيون صفتون سيکاري

ٿو، روزو رکڻ ۽ افطار ڪرڻ مهل الله تعالىٰ جون برڪتون ۽ خاص رحمتون نازل ٿينديون آهن، افطاريءَ وقت دعائن قبول ٿيڻ جو وقت هوندو آهي. جنهن شخص روزي جي آداب جو خيال نہ رکيو ان کي سواءِ بک ۽ اڃ جي ڪو بہ اجر حاصل نہ ٿيندو. روزي سان ٻين ڪيترن ئي عبادتن جي اهتمام جي توفيق ملي ٿي.

**رمضان جي فضيلت:** رمضان جو مهينو بابرڪت آهي، جنهن ۾ انسانيت جي هدايت لاءِ ڪتاب قرآن مجيد نازل ٿيو. مسجدن ۽ گهرن ۾ تلاوت قرآن جو رمضان ۾ گهڻو اهتمام ٿئي ٿو. ان مهيني ۾ آسماني ڪتاب نازل ٿيا، روزا فرض ٿيا، شب قدر جهڙي عظمت واري رات ملي ۽ هر نيڪيءَ جو اجر ۽ ثواب وڌايو ويو وغيره.

**ليلة القدر جي فضيلت ۽ اهميت:** رمضان مبارڪ جي آخري ڏهي ۾ هڪ رات 'ليلة القدر' يا 'شبِ قدر' بہ آهي، جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. ان رات کي ان ڪري ڳجهو رکيو ويو آهي تہ جيئن ماڻهو ان ڏهي جي اڪي وارين راتين ۾ خوب عبادت ڪن. جنهن بہ ماڻهوءَ کي اها رات نصيب ٿي تہ ان کي هزار مهينن جي عبادت ڪرڻ کان زياده ثواب ملي وڃي ٿو.

**روزي جا فائدا ۽ انساني زندگيءَ تي اثر:** روزي رکڻ سان الله تعالىٰ جو راضپو حاصل ٿئي ٿو ۽ گڏوگڏ جسماني صحت بہ بهتر ٿئي ٿي. انسان نيڪيءَ ڪرڻ ۽ پرهيزگاريءَ وارا ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ بُرائيءَ کان بچڻ جي مشق ڪري ٿو. خير خيرات، صدقو ۽ فطري جي ذريعي معاشري جي غريب ۽ نادار ماڻهن جي مدد ڪندو رهي ٿو جيڪي اتحاد لاءِ بهترين عمل آهن. پوري مهيني جي عملي مشق سان انسان کي جسماني، روحاني، انفرادي ۽ اجتماعي ۽ ٻيا بيشمار فائدا ملن ٿا.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. روزي جي فضيلت ۽ اهميت تي نوٽ لکو.
2. روزي رکڻ جا فائدا ۽ انساني زندگيءَ مٿان پوندڙ معاشي اثر بيان ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. روزي جي معنىٰ ۽ مفهوم ٻڌايو.
2. ليلة القدر جي ڪهڙي فضيلت آهي؟
3. روزي رکڻ جا ڪي بہ پنج فائدا لکو.

(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:

1. روزي کي عربيءَ ۾ چئجي ٿو:

(الف) الشهر (ب) الصوم

(ج) القدر (د) القيام

2. سورة القدر جي مطابق ليلة القدر وڌيڪ بهتر آهي:

(الف) مهيني کان (ب) سو مهينن کان

(ج) هزار مهينن کان (د) ڏهن مهينن کان

3. قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ اوهان تي روزا فرض آهن ان لاءِ ته اوهان ٿيو:

(الف) روزيدار (ب) پرهيزگار

(ج) سچار (د) فرمانبردار

**استادن لاءِ هدايتون**

هيٺين اصطلاحن جي وضاحت ۽ سمجهاڻي چارٽ تي لکرائي ڪلاس ۾ لڳايو:

| | | |
|---|---|---|
| الصوم (روزو) | سحري | افطار |
| تراويح | ليلة القدر | اعتڪاف |
| فطرو | فديو | ڪفارو |

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- حج جي لغوي معنيٰ ۽ اصطلاحي مفهوم ۽ اهميت ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- مناسڪ حج ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- عمري جو مفهوم، اهميت ۽ فضيلت سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- مديني منوره جي زيارت ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- روزمره جي زندگيءَ ۾ انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ تي پوندڙ اثرن کي بيان ڪري سگهندا.

**حج جي معنيٰ ۽ مفهوم:** عربي ٻولي ۾ حج جي معنيٰ آهي: اِرادو ڪرڻ. شريعت موجب حج جي ڏينهن ۾ بيت الله جي زيارت ۽ ٻين مخصوص عملن کي انجام ڏيڻ جو نالو 'حج' آهي.

حج اسلام جو اهم رڪن آهي، جيڪو هر صاحب استطاعت عاقل، بالغ مسلمان مرد توڙي عورت تي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو فرض آهي ۽ جيڪو گهر جا خرچ ۽ قرض ادا ڪرڻ کان پوءِ حج جي سفر جو خرچ رکندو هجي ۽ گڏوگڏ امن جي حالت به هجي.

**حج جي فضيلت ۽ اهميت:** حج هڪ عظيم جسماني ۽ مالي عبادت آهي، جنهن لاءِ وڏي اجر ۽ ثواب جي بشارت آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: وَ لِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ترجمو: ۽ الله لاءِ خانہ ڪعبہ جو حج اُنهن ماڻهن تي لازم آهي جنهن کي ڏانهس وڃڻ جي سگهہ آهي. (سورة آل عمران: 97)

جنهن مسلمان سمورن آدابن سان حج ادا ڪيو تہ اهڙي مسلمان لاءِ گناهن کان پاڪ ٿيڻ جو ثواب آهي، سيدنا حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ارشاد آهي تہ: "مَنْ حَجَّ لِلّٰهِ فَلَمْ يَرْفُثْ وَلَمْ يَفْسُقْ رَجَعَ كَيَوْمٍ وَلَدَتْهُ اُمُّهٗ" ترجمو: جنهن الله تعالىٰ لاءِ حج ڪيو ۽ جنسي خواهش جي ڳالهہ ٻولهہ کان پري رهيو ۽ گناهہ جو ڪو بہ ڪم نہ ڪيائين تہ اهو ڄڻ ماءُ جي پيٽ مان نئون ڄائو. يعني: گناهن کان پاڪ صاف ٿي ويو. (صحيح بخاري حديث 1521)

**حج جا قسم:** حج جا ٽي قسم آهن: اِفْرَادُ، تَمَتُّعُ ۽ قِرَانُ.

**مناسڪ حج:** حج جي شروعات مردن لاءِ ٻن سفيد چادرن ۽ عورتن لاءِ عام سادي لباس پائڻ سان ٿئي ٿي جنهن کي 'احرام' چئبو آهي، حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پاران بيان

ڪيل خاص هنڌن (جن کي ميقات چيو ويجي ٿو) تان عام پهريل لباس ڇڏي مٿي بيان ٿيل چادرون پائبيون آهن ۽ اتان ئي حج يا عمري جي نيت پڻ ڪئي ويندي آهي. ان کان پوءِ حج جا مختلف اعمال ڪيا ويندا آهن، جن کي ’مناسڪ حج‘ چئبو آهي ۽ اهي هن ريت آهن:

**طواف:** ڪعبة الله جي چوڌاري ست ڀيرا چڪر ڏيڻ.

**وقوف عرفات:** عرفات هڪ جاءِ جو نالو آهي، جتي نائين ذوالحج تي رڪجڻ ضروري آهي جنهن کي ’وقوف عرفہ‘ چئبو آهي ۽ عرفات ۾ حاجي سڀ‌ڳورا ظهر ۽ عصر جي نماز گڏ پڙهندا آهن.

**مُزدَلفه:** مُزدلفہ هڪ جاءِ آهي، جتي حاجي سڀ‌ڳورا ڏهين ذوالحج جي رات مغرب ۽ عشاء جي نماز گڏ پڙهندا آهن.

**رمي الجمار:** رمي جي معنىٰ پٿر هڻڻ ۽ جمار، جمره جو جمع آهي، جنهن مان مراد ٿي ٿنڀ آهن. اهي جمرة اولىٰ، جمرة وسطي ۽ جمرة ڪبرىٰ جي نالن سان منىٰ جي ميدان ۾ موجود آهن جن کي پٿريون هڻڻ کي ’رمي الجمار‘ چئبو آهي.

**قرباني:** جيڪي حاجي سڀ‌ڳورا حج قِران يا تمتع ڪندا آهن، تن مٿان قرباني واجب هوندي آهي، هيءَ قرباني سنت ابراهيم جي ياد ۾ ڪئي ويندي آهي.

**صفا ۽ مروه جي سعي:** صفا ۽ مروه بن ٽڪرين جا نالا آهن جن جي وچ ۾ حج ۽ عمري دوران طواف کان پوءِ ست چڪر پورا ڪيا ويندا آهن.

**حج جا فائدا:** حج، الله تعالىٰ طرفان فرض ڪيل آهي، جنهن ۾ انسان، جاني، مالي ۽ روحاني اعتبار کان ٻيون ڪوڙ ساريون عبادتون ادا ڪرڻ جو شرف ماڻي ٿو. الله تعالىٰ اڳيان نهايت عاجزيءَ جو اظهار ڪري ٿو. حج ۾ سڀئي اڇا ۽ ڪارا، عرب ۽ عجم وغيره بغير ڪنهن فرق جي بارگاهہ الاهيءَ ۾ ٻاڌائين ٿا ان عمل سان انساني برابري جو پڻ مظاهرو ٿئي ٿو. پوري دنيا جا ماڻهو هڪٻئي سان ملن جلن ٿا ۽ هڪٻئي جي حالتن کان واقف ٿين ٿا ۽ مختلف ملڪن جي شين جي تجارت، اسلامي اخوت ۽ ڀائپي، هڪٻئي جي همدردي ۽ ڏک سک جي معلومات پڻ ٿئي ٿي.

**عمرو:** حج جي ڏينهن کان سواءِ احرام جي نيت ڪري ڪعبة الله جو طواف ڪرڻ، صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪرڻ ۽ حلق يا قصر سان احرام کولڻ کي ’عمره‘ چئجي ٿو. قرآن مجيد ۾ ارشاد باري تعالىٰ آهي: وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ. ترجمو: ۽ الله خاطر حج ۽ عمرو پورو ڪريو. (سورة البقرة آيت: 192)، حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن عمري جي ثواب جو تذڪرو ڪندي فرمايائون: اَلْعُمْرَةُ إِلَى الْعُمْرَةِ كَفَّارَةٌ لِمَا بَيْنَهُمَا، وَالْحَجُّ الْمَبْرُورُ لَيْسَ لَهُ جَزَاءٌ إِلَّا الْجَنَّةُ. هڪ عمري

ڪان پوءِ عمري تائين جو عرصو گناهن جو ڪفارو آهي، حج مبرور (نيڪيءَ واري حج) جو بدلو صرف جنت آهي. (صحيح بخاري: 1773)

عمرو ڪرڻ سيدنا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ چار عمرا ۽ هڪ حج ادا ڪرڻ فرمايو. پنهنجي ازواج مطهرات رضي الله عنهن ۽ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي حج ۽ عمري جي ترغيب ڏنائون. عمرو ادا ڪرڻ سان ماڻهو کي حرمين شريفين جي زيارت ۽ برڪت نصيب ٿئي ٿي. عمرو گناهن کان ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي. جيڪي ماڻهو حج جي طاقت نہ ٿا رکن، اهي عمرو ڪري برڪتون ماڻي سگهن ٿا.

**مديني شريف جي زيارت:** سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي مبارڪ هستي اسان لاءِ رحمت ۽ شفاعت جو ذريعو آهن. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي وصال کان پوءِ سندن شهر مديني شريف ۾ روضي اطهر جي حاضري پڻ بہ اجر ۽ ثواب جو ڪم آهي. حج ۽ عمرو ڪندڙ توڙي مديني منوره ڏانهن ويندڙ هر شخص کي گهرجي تہ مسجد نبوي ۽ روضي پاڪ تي حاضري ڀري ۽ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي روضي مبارڪ وٽ ادب سان درود شريف ۽ سلام پيش ڪري پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪري. مديني شريف کي حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي نسبت سان 'مدينة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ' (نبي جو شهر) سڏيو وڃي ٿو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. حج جي اهميت بيان ڪريو.
2. حج جا مناسڪ لکو

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. سعي ڇا آهي؟
2. حج جا فائدا بيان ڪريو.
3. عمره ڇا آهي؟ ان بابت ٻڌايو.

(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:

1. لفظ 'حج' جي معنىٰ آهي:

(الف) احرام ٻڌڻ (ب) طواف ڪرڻ

(ج) ارادو ڪرڻ (د) تلبيه پڙهڻ

2. حج جا قسم آهن:

(الف) ٻه (ب) ٽي

(ج) چار (د) پنج

3. حيثيت وارن ماڻهن لاءِ زندگيءَ ۾ حج فرض آهي:

(الف) هر سال (ب) جڏهن به سگهه ٿئي

(ج) هڪ دفعو (د) ٻه دفعا

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي حج جي قسمن جو مفهوم سمجهايو.

(1) افراد (2) تمتع (3) قران

## (ج) سيرت طيبہ / اسوه حسنہ

### تدريسي معيار

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- سيرت طيبہ جو تعارف سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- رحمت للعالمين جو مطلب ۽ مفهوم ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.

**تعارف:**

لفظ 'سيرت' جي معنىٰ 'عادت ۽ انداز' آهي ۽ 'طيبہ' جي معنىٰ 'پاڪيزه' آهي.

'سيرت طيبہ' مان مراد حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي رهڻي ڪهڻي، اخلاق، آداب ۽ زندگي گذارڻ جو طور طريقو آهي. جنهن کي الله تعالىٰ مومنن لاءِ 'اسوه حسنہ' قرار ڏنو آهي، ان جي تابعداري ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زندگي بابت دنيا جي هر ٻولي ۾ تمام گهڻو تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ٿيو آهي، تنهنڪري سيرت نگاري اسلامي ادب جو هڪ منفرد موضوع آهي، جنهن ۾ شعر و شاعري کي نعت ۽ مولود شريف جي نالي سان جڏهن تہ نثر کي سيرت نگاري يا سيرت النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عنوانن سان ڄاتو وڃي ٿو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي انيڪ صفتن ۽ خوبين مان سندن 'رحمة للعالمين' هجڻ واري صفت بہ امت لاءِ ڪنهن وڏي نعمت کان گهٽ ڪين آهي.

سيرت طيبہ جي هن حصي ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زندگي مان سماج جي ڪمزور طبقي لاءِ سندن رحمت بڻجڻ ۽ سماج سڌارڪ جي حيثيت ۾ ظاهر ٿيڻ تي روشني وڌي وئي آهي، جنهن جو مقصد آهي تہ اسان جا نوجوان شاگرد ۽ شاگرديائيون، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت طيبہ مان سبق حاصل ڪن ۽ بهتر زندگي لاءِ عملي مظاهرو ڪن.

هتي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت رحمة للعالمين ۽ بحيثيت معلم ۽ مربي، منتظم، سپهہ سالار ۽ منصف جا سبق شامل ڪيا ويا آهن.

## حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت رحمة للعالمين

(ٻارن، عورتن، غلامن، يتيمن، مسڪينن، پوڙهن ۽ عام انسانن ۽ حيوانن لاءِ رحمت)

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ٻارن، عورتن، غلامن، يتيمن، مسڪينن، پوڙهن، عام انسانن ۽ حيوانن لاءِ رحمة للعالمين هجڻ بابت ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- روزاني زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اسوه حسنہ کي ڄاڻي ان جي پيروي ڪري سگهندا.

’رحمت‘ لفظ جي لغوي معنيٰ: ٻاجهہ، شفقت ۽ مهر آهي. ’العالمين‘عالم جو جمع آهي جنهن جي معنيٰ سڀئي جهان آهي. ’رحمة للعالمين‘ جو مطلب آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سڀني جهان وارن لاءِ رحمت آهن. دنيا جي ڪنهن بہ مخلوق کي پنهنجي طرفان ڪا بہ تڪليف نہ پهچائي بلڪ انهن جي جياپي ۽ حقن جي پاسداري فرمائي تہ جيئن ڪنهن کي بہ انهن تي زيادتي ڪرڻ جو موقعو نہ ملي.

مخلوقات ۾ سڀ کان وڏيڪ رحمت وارو آخري پيغمبر سيدنا حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ آهي، جنهن لاءِ قرآن مجيد فرمايو: وَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ترجمو: اي پيغمبر! اسان توهان کي سڀني جهانن لاءِ رحمت وارو بڻائي موڪليو آهي. (سورة الانبياء: آيت107)

حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ نہ صرف پنهنجن ۽ ويجهن لاءِ رحمت هئا، بلڪ سندن رحمت مان پراوا ۽ ڌاريا بہ وڏي خوشيءَ سان مانُ ماڻيندا هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي رحمت عام هئي پر ٻار، عورتون، غلام، يتيم، مسڪين، پوڙها، عام ماڻهو ۽ حيوان وغيره بہ سندن رحمت مان گهڻا مستفيد ٿيا آهن.

**ٻارن تي شفقت ۽ رحمت:** حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ننڍڙن ٻارن سان بيحد شفقت، پيار ۽ محبت رکندا هئا ۽ کين هنج ۾ ويهاري وندرائيندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا ڏوهٽا حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهما، پاڻ

سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان نماز پڙهڻ وقت اچي سندن پٺيءَ مبارڪ تي چڙهندا هئا تڏهن بہ پاڻ انهن کي ڪِين روڪيائون ۽ انهن کي پنهنجي مبارڪ ڪُلهن تي ڪٽي گهمائيندا هئا ايتري تائين جو ڪين نماز ۾ بہ پنهنجن ڪلهن مبارڪ تي ڪنيو اٿن. هميشہ ٻارن سان سندن رويو رحمت ۽ شفقت وارو رهيو. بلڪ جيڪڏهن انهن کي سمجهائڻو هوندو هو تہ بہ نرمي ۽ شفقت سان سندن تربيت ڪندا هئا ۽ ٻارن جي حق تلفي بہ برداشت نہ ڪندا هئا. حضرت انس رضي الله عنه ٻُڌائي ٿو تہ مون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏهہ سال خدمت ڪئي پر ڪڏهن بہ مون کي ايئن نہ فرمايائون تہ تو هيءُ ڪم ڇو نہ ڪيو آهي يا هي ڇو ڪيو اٿئي ؟ ۽ ڪڏهن بہ سختيءَ سان نہ ڳالهايائون.

(صحيح بخاري: 6038)

حضرت عمر بن ابي سلمہ رضي الله عنه ٻُڌائي ٿو تہ آءٌ سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيۡنَ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زير نگراني رهندڙ ننڍو ٻار هوس، هڪ دفعي ڪاڌي دوران منهنجو هٿ پليٽ ۾ هتان هُتان پئي هليو، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ ”اي ڇوڪرا! بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهي، پنهنجي پاسي کان ۽ ساڄي هٿ سان کاڌو کائيندو ڪر.“ ان کان پوءِ مون سدائين اهو انداز ئي اختيار ڪيو. (صحيح بخاري: 5377)

**عورتن لاءِ رحمت:** اسلام کان پهرئين پوري دنيا ۽ خاص طور تي عربستان جي عورت بيحد مظلوم هئي. ان کي مال ۽ مڏي سمجهيو ويندو هو. ان جي پيدائش تي ان جا مٽ مائٽ ايترا ناراض ٿيندا هئا جو ڪيس ڪڏهن ڪڏهن جيئرو دفن ڪري ڇڏيندا هئا ۽ سماج ۾ ڪيس تمام گهٽ درجو ڏنو ويندو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن دين اسلام جو پيغام ڏنو تہ هرهڪ عورت کي ماءُ، زال، ڀيڻ ۽ نياڻيءَ جو مرتبو ڏئي سندن حق مقرر فرمايائون. انهن کي پنهنجي مڙس، پاءُ، پيءُ ۽ اولاد جي عزت ٻڌائي انهن مٿان سندن تحفظ ۽ ڪفالت جي ذميداري رکيائون ۽ ڪين مال ملڪيت ڪمائڻ، رکڻ ۽ باوقار زندگي گذارڻ جو موقعو ڏنو ويو. اهي پنهنجي مائٽن جو ميراث حاصل ڪنديون ۽ ٻيا بہ سندن وارث بڻجندا. سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيۡنَ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سيني عورتن مسلمان توڙي غير مسلمانن کي بيحد احترام ۽ عزت ڏيندا هئا. اهڙي معاشري ۾ جتي نياڻيءَ کي عار سمجهيو ويندو هو اتي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سندن نياڻي

حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جو اُٿي بيهي آڌرڀاءُ ڪندا هئا. پاڻ تہ غير مسلم عورتن جي مٿان بہ پنهنجي چادر وِجهي ڪين عزت ڏيندا هئا.

**غلامن لاءِ رحمت:** غلامن ۽ ٻانهن جو رواج قديم دَور کان پوري دنيا ۾ رائج هو، جن تي بيحد ظلم ۽ زيادتي جي بازار گرم ڪئي ويندي هئي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي زندگيءَ مبارڪ ۾ ٻانهن ۽ غلامن جي باوقار، باعزت ۽ خودمختار زندگيءَ جي حقن جو بنياد رکيائون ۽ هميشہ ان جي تاڪيد ڪندا رهيا. ٻانهو يا ٻانهي آزاد ڪرڻ کي عبادت قرار ڏنائون تہ جيئن گهڻي کان گهڻا غلام آزاد ڪيا وڃن، انهن جي ڪپڙي لٽي، کاڌ خوراڪ ۽ سهڻي تعليم ۽ تربيت جي تلقين فرمايائون، اهوئي سبب هو جو سندن رحمت ۽ شفقت جي نتيجي ۾ حضرت زيد بن حارثه رضي الله عنه پنهنجي آزاديءَ کي قربان ڪري سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي غلاميءَ تي فخر پئي محسوس ڪيو ۽ خدمت ۾ رهڻ کي پسند ڪري پنهنجي والدين سان واپس وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

حضرت بلال رضي الله عنه غلاميءَ جي سختين سهڻ کان بعد آزادي حاصل ڪئي ۽ سيدنا حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي مسجد نبوي جو مؤذن مقرر ٿيو ۽ ڪين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ذريعي اهڙي آزادي نصيب ٿي جو صحابه ڪرام رضي الله عنهم ۾ سندن وڏو مرتبو ۽ مقام ليکبو هو ۽ اڳتي هلي اسلامي رياست ۾ ڪيس گورنري جو عهدو عطا ٿيو.

حضرت اُم ايمن رضي الله عنها حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي والد حضرت سيدنا عبدالله جي ٻانهي هئي پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن هميشہ ان کي ماءُ جو رتبو ڏنو ۽ سندس هر ضرورت ۽ گهرج کي پورو فرمايائون. (صحيح مسلم: 1771) سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ حجة الوداع جي خطبي ۾ بہ واضح فرمايو تہ نہ ڪنهن ڪاري کي گوري تي ۽ نہ ئي ڪنهن گوري کي ڪاري تي ڪا فضيلت حاصل آهي، سواءِ پرهيزگاريءَ جي. (مسند احمد: 23489)

**يتيمن ۽ مسڪينن لاءِ رحمت:** يتيم هر اهڙي ٻار کي سڏيو ويندو آهي جيڪو نابالغ هجي ۽ ان جو والد وفات ڪري وڃي. جڏهن تہ مسڪين مان هر اهو ماڻهو مراد آهي جيڪو غريب ۽ معاشي طور ڪمزور هجي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سماج جي ڪمزور ۽ بي پهچ

ماڻهن کي ڀرپور انداز ۾ تسلي ڏيندا هئا. ۽ هر ممڪن طريقي سان سندن سهائتا جي ڪوشش ڪندا هئا. انهن ۾ مسڪين ۽ يتيم بہ شامل آهن. قرآن مجيد ۾ ڪيترين ئي جڳهن تي يتيم ۽ مسڪين کي گڏ ذڪر ڪيو ويو آهي. زڪوات جي مصارف ۾ بہ يتيم ۽ مسڪين شامل آهن. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ وٽ هڪ مسڪين سوالي ٿي آيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کانئس پڇيو تہ: تو وٽ ڪا شيءِ آهي ؟ ان وراڻيو: سائين! هڪ پيالو آهي. پاڻ فرمايائون: اهو وِڪڻي هڪ ڪُهاڙي خريد ڪري اچ. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ان کي ڳن وجهي ڏيندي فرمايو: تون ڪُهاڙي سان ڪاٺيون وڍي هڪ هڪ ڀري وِڪڻي پنهنجو پيٽ گذر ڪر، اهو ان کان وڌيڪ ڀلو آهي جو تون ماڻهن سامهون سوالي ٿي گُهرين. يتيمن بابت پاڻ فرمايائون: انا وكافل اليتيم فى الجنة كهاتين ترجمو: آءٌ ۽ يتيم ٻار جي پرگهور لهڻ وارو جنت ۾ هنن ٻن آڱرين (وچئين ۽ شهادت واري آڱر) جيان گڏ هونداسين.

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ مسڪينن ۽ يتيمن سان سهڻي سلوڪ جي ڀارت ڪئي ۽ ان جو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو. قرآن مجيد ۾ آهي: جيڪي ماڻهو يتيم ٻارن جو ناحق مال کائين ٿا، اهي پنهنجي پيٽ ۾ جهنم جي باهہ ٿا وِجهن ۽ سگهوئي ڀڙڪندڙ باهہ ۾ وجي پوندا.

**پوڙهن ۽ عام انسانن لاءِ رحمت:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اعلان نبوت کان پهريان عام انسانن جي ڪابہ عزت ۽ احترام نہ ڪيو ويندو هو. ٿوري ٿوري ڳالهہ جي ڪري ڪنهن کي قتل ڪري ڇڏڻ انهن لاءِ بيحد سولي ڳالهہ هئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ هرهڪ انسان کي سندس جان، مال توڙي آبرو جي تحفظ ۽ وقار جو حق ڏنو. مٿن مائٽن، عزيزن قريبن، عورتن، مردن، ٻارن توڙي ضعيفن جا حق مقرر فرمايا. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو اسان جي وڏڙن ۽ بزرگن جي عزت نہ ٿو ڪري ۽ اسان جي ننڍڙن تي رحم نہ ٿو ڪري، سو اسان مان ناهي. (سنن ابي داود: 4943) اهڙيءَ طرح سندن ٻيو فرمان مبارڪ آهي: ڪنهن مؤمن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ گناهہ جو ڪم ۽ ان سان وڙهڻ ڪفر جهڙو ڪم آهي. (صحيح بخاري: 48)

مڪي شريف جي فتح وقت پنهنجي دشمنن کي عام معافي ڏئي حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي رحمة للعالمين هجڻ جي عملي مظاهري جو ثبوت ڏنو.

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي رحمت ۽ سندن هدايت واري پيغام جي ڪري سمورا انسان سِڌي رستي تي آيا ۽ هميشہ واري نقصان کان بچي ويا. ان نعمت کي قرآن مجيد ۾ هن ريت بيان ڪيو ويو آهي. ترجمو: ۽ پاڻ تي الله جي نعمت کي ياد ڪريو جو جڏهن پاڻ ۾ ويري هيؤ پوءِ اوهان جي دلين ۾ محبت وڌائين پوءِ سندس فضل سان هڪ ٻئي جا ڀاءُ ٿيؤ. (سورة آل عمران آيت: 103)

**حيوانن لاءِ رحمت:** قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ فرمائي ٿو: ترجمو: ۽ نڪو زمين ۾ ڪوئي چرندڙ آهي ۽ نڪو پکي آهي جو پنهنجين ڪنيڙاٽين سان اُڏامي ٿو پر اوهان جهڙيون ئي قومون آهن. (سورة الانعام آيت: 38)

ان مان معلوم ٿيو تہ زمين تي هلندڙ گهمندڙ، جانور ۽ اڏرندڙ پکي پکڻ بہ ڌرتيءَ تي جيئڻ جو ايترو ئي حق رکن ٿا، جيترو انسان کي حق آهي. البتہ الله تعالىٰ انهن مڙني شين کي انسانن جي فائدي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، تنهنڪري ضرورت وقت انهن مان کاڌ خوراڪ، سواري، بار ڍوئڻ ۽ ٻين ضرورتن جو فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو پر انهن جي حق تلفي ۽ زيان کان بچڻ جو ڀرپور انتظام رکڻ گهرجي، جو تہ گل ڦل، گاهہ ٻوٽا ۽ وڻ ٽڻ نہ صرف هن ڌرتيءَ جي سُونهن آهن پر انسانن جو جياپو بہ انهن سان لاڳاپيل آهي. تنهنڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن غير آباد زمين کي آباد ڪرڻ، وڻن ۽ فصلن کي وڌائڻ جي ترغيب فرمائي آهي ۽ ان عمل کي صدقہ جاريہ ۾ شمار فرمايو آهي. جيڪو شخص ڪو ميويدار وڻ يا ڪو اناج وارو فصل پوکيندو ۽ ان مان ڪو پکي يا جانور توڙي انسان کائيندا تہ ان شخص لاءِ ان جي بدلي ۾ ثواب لِکيو ويندو.

حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سامهون هڪ شخص هڪ جهرڪيءَ جو ٻچو ان جي آکيري مان ڪنيو تڏهن ڪيس حڪم فرمايائون تہ ان جهرڪيءَ کي سندس ٻچو واپس ڪريو ۽ ان کي تڪليف نہ پهچايو. (سنن ابي داود: 3089) هڪ دفعي ڪنهن باغ ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ هڪ اُٺ کي ريندي ٻُڌو. تڏهن سندس مالڪ کي فرمايائون تہ هن اُٺ مون کي تنهنجي شڪايت ڪئي آهي تہ اهو مون کي کاڌ خوراڪ گهٽ ڏئي ٿو ۽ وزن گهڻو ٿو رکي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ان کي سندس سهڻي نموني پالنا جو حڪم فرمايائون. (سنن ابي داود: 2549)

حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جانورن جي کاڌ خوراڪ توڙي سارسنڀال جو نہ صرف جوڳو بندوبست فرمايو بلڪ انهن بابت رحمدلي، سارسنڀال ۽ پلائي

جي پارت بہ ڪيائون (سنن ابي داود: 2548). پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جانورن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ (سنن ابي داود: 2562)، انھن کي نشاني بازي لاءِ نشانو بڻائڻ (سنن دارمي: 2016)، متن طاقت کان وڌيڪ وزن رکڻ کان منع فرمايو آھي. (ڪتاب الزھد لابن المبارڪ، جلد:9 صفحو:414)

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي طرفان ھيٺ ذڪر ٿيلن سان رحمت ھجڻ جو ڪو بہ مثال پيش ڪريو:
ٻار – عورتون – غلام – يتيم ۽ مسڪين – پوڙھا – جانور – پکي – ٻوٽا ۽ وڻ

## مَشق

**(الف) ھيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت رحمة للعالمين ھجڻ تي نوٽ لکو.

**(ب) ھيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ٻارن لاءِ ڪھڙي طرح رحمت آھن؟
2. عورتن ۽ عام انسانن لاءِ رحمت ھجڻ جا ڪي مثال ڏيو.
3. يتيمن ۽ مسڪينن کي رحمة للعالمين کان ڪھڙو فيض مليو؟

**(ج) دُرست جواب جي سامھون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. شفقت، ٻاجھہ ۽ مھر لفظ جي معنىٰ لاءِ عربي لفظ ڳالھايو وڃي ٿو:

(الف) برڪت (ب) ھجرت
(ج) قدرت (د) رحمت

2. ٻانھن کي آزاد ڪرڻ جو رواج پيو:

(الف) سيدنا حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي دور ۾ (ب) صحابہ ڪرام رضي الله عنھم جي دور ۾
(ج) نبوت کان اڳ واري دور ۾ (د) تابعين جي دور ۾

3. **حديث جي مطابق يتيم جي پرگھور لهڻ وارو شخص جنت ۾ گڏ هوندو:**

(الف) **حضور اکرم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ **سان**

(ب) **والدين سان**

(ج) **دوست سان**

(د) **يتيم سان**

## حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت معلم ۽ مربي، منتظم، سپهه سالار ۽ مُنصِف

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪي بحيثيت معلم ۽ مربي، منتظم، سپهه سالار ۽ مُنصِف جي حيثيت سان ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- روزانه زندگي ۾ سيرت طيبه جي مختلف پهلوئن ڪي سمجهي پيروي ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪري سگهندا.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت باسعادت جنهن ملڪ ۽ معاشري ۾ ٿي اهو علم ۽ اخلاق جي انتهائي هيٺئين درجي تي پهچي چڪو هو. ادب، اخلاق ۽ تعليم تمام گهٽ گهراڻن تائين محدود هئي، اهڙي پُٺتي پيل صورتحال جي ڪري اهو زمانو 'جهالت' وارو سڏيو وڃي ٿو. ان صورتحال جي باوجود پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ گهراڻو علم، اخلاق ۽ ڪردار ۾ مٿاهون ۽ ممتاز حيثيت رکندو هو.

حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار جي عظمت جي ڪري ان دَور ۾ به صادق ۽ امين جي لقبن سان سڏيا ويندا هئا. نبوت جي اعلان بعد سندن جيڪي خوبيون ۽ صفتون ظاهر ٿيون تن ۾ بحيثيت معلم ۽ مربي، منتظم، سپهه سالار ۽ مُنصِف اهم آهن.

**حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت معلم ۽ مربي:** سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي انيڪ صفتن مان جن خوبين بابت بيان فرمايو آهي انهن ۾ معلم به آهي. جنهن ڪي الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ به مسلمانن لاءِ هڪ احسان طور بيان فرمايو آهي. ڇاڪاڻ ته تعليم ۽ تربيت ذريعي اعلىٰ شخصيتون تيار ٿينديون آهن ۽ سماج توڙي ملڪ ترقي ڪندو آهي.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي تعليم جو انداز خيرخواهي، همدردي، برابري ۽ نصيحت ڀريو هوندو هو. پاڻ تعليم ۽ تربيت ۾ ڪڏهن به سختي ۽ بي مروتي سان پيش نه آيا. مختصر ۽ جامع لفظن ۾ پنهنجو موقف بيان فرمائيندا هئا، ضرورت

وقت اهم ڳالهہ کي تاکيد کندي بار بار ورجائيندا هئا ۽ مخاطب لاءِ سمجھاڻي طور مثال بہ بيان فرمائيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سوالن جوابن ذريعي بہ مخاطبين کي ڳالهہ سمجھائي وٺندا هئا. سٺو ڪم ڪرڻ يا ذميداري سٺي نموني ادا ڪرڻ تي حوصلہ افزائي فرمائيندا هئا ۽ دلجوئي لاءِ ڪنهن ڪنهن کي تحفو بہ ڏيندا هئا.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تعليم ۽ تربيت جي واڌاري لاءِ تعليمي ادارا ۽ استاد تيار ڪرايا، جن جي محنت سان، سندن سربراهيءَ ۾ ٿورڙي عرصي ۾ سماج ۾ کي اهڙيون شخصيتون تيار ٿيون جن کي الله تعالىٰ رَضِيَ اللهُ عنهم وَرَضُوْا عَنْهُ جو اعزاز عطا فرمايو. (سورة التوبہ آيت:100)

**حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت منتظم:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ نبوت جي اعلان کان پوءِ هجرتِ مدينه تائين مسلمانن جي هڪ جماعت جا سربراهہ ۽ امير هئا. ڪين ڪنهن علائقي يا رياست جو انتظام مليل نہ هو. ان دَور ۾ پاڻ ماڻهن کي فڪري ۽ نظرياتي اعتبار سان سگهارو بنائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. هڪ جماعت کي منظم ڪرڻ ۽ ان قابل بنائڻ جو اها سياسي اعتبار سان رياست سنڀالي سگهي. پاڻ سهڻي نموني ان کي هلائيندا رهيا ۽ هر مرحلي تي پنهنجي جانثار ساٿين کي صبر، برداشت، دعوت ۽ تبليغ لاءِ تلقين ۽ تاڪيد ڪندا رهيا، نتيجي ۾ صرف تيرهن سالن جي مختصر عرصي ۾ اها جماعت جڏهن مديني منوره ۾ هجرت ڪري پهتي تہ ان لائق هئي جو اتي ملڪ جي انتظام هلائڻ جي لائق ٿي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مهاجر ۽ انصار صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي مدد سان پهرئين اسلامي رياست قائم فرمائي، جنهن جا پاڻ منتظم ۽ سربراهہ بڻيا. سڀ کان پهرئين دستور جوڙيائون، جيڪو 'ميثاقِ مدينه' جي نالي سان سُڃاتو وڃي ٿو. ان بعد مؤاخات ذريعي مهاجرين صحابه ڪرام جي رهڻ ۽ معاش جو مسئلو حل فرمايائون ۽ گڏوگڏ رياست جي تحفظ لاءِ باقاعده فوجي انتظام رکيو ويو، جنهن ۾ ان وقت جي حالت مطابق مجاهد فوج جي حيثيت ۾ دشمنن سان مقابلو ڪندا رهيا. تعليم جي سڌاري لاءِ صفہ ۽ ٻيا ادارا قائم ڪيا ويا. غريبن، مسڪينن ۽ ضرورتمندن جي پرگهور لهڻ جو خود حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ذمو کنيو.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي بهتر انتظام سبب مدينه منوره پُرامن ۽ هڪ فلاحي رياست بنجي وئي. جنهن ۾ مسلمانن ۽ غير مسلمانن کي جان، مال ۽

آبرو جي تحفظ جو حق مليو. ڪين زراعت، هنر، حرفت ۽ ڪاريگري، واپار ۽ تجارت توڙي جهاد وارن شعبن ۾ ملازمت ڪرڻ جي اجازت هئي. سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ زندگيءَ جي تمام معاملات جو بنياد مشاورت تي رکيو ۽ ابتدا ۾ مشاورت، فيصلي، مهمان توڙي عبادت لاءِ مسجد نبوي کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي.

**حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت سپہ سالار:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ امت جي تعليم ۽ تربيت توڙي دعوت ۽ تبليغ جون ذميداريون اعلان نبوت سان ئي ادا ڪندا رهيا پر ان دَور ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ يا سندن ساٿين ڪنهن به مسلح سرگرمي ۾ حصو نہ ورتو، البتہ هجرت ڪان پوءِ اسلامي رياست جي ماتحت سن 2 هجري ۾ الله تعالىٰ طرفان باقاعدي اعلاء ڪلمة الله ۽ اسلامي رياست جي دفاع جي لاءِ لشڪر تيار ڪرڻ جي اجازت ملي. ان ڪري جو نئين رياست مدينہ کي دشمنن طرفان ڪافي خطرا هئا، دشمنن جي ارادن کي ڏسي ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مختلف سپه سالار مقرر ڪرڻ کان علاوه بذاتِ خود 27 غزوات ۾ بحيثيت سپه سالار پڻ حصو ورتائون.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي انهن جنگي حڪمت عمليءَ مان سندن ذاتي شهرت، مال و دولت يا دٻدٻو ڄمائڻ مقصود ڪِين هو پر ڌرتيءَ تان ظلم، زيادتي ۽ فساد ختم ڪري ماڻهن کي الله تعالىٰ جي بندگيءَ ڏانهن راغب ڪرڻ هو ۽ ان مقصد ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ ڌُرين کي سڀ کان پهرئين دين اسلام جي دعوت قبولڻ يا ماتحت رهڻ جي هدايت ڪئي ويندي هئي ۽ بعد ۾ مخالفت ۽ هٺ ڌرمي ڪرڻ جي صورت ۾ انهن کي جنگ ذريعي مقابلي جو چئلينج ڏنو ويندو هو. عام جنگجو اڳواڻن جي برخلاف حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي هر جنگي مهم خيرخواهي ۽ نيڪيءَ واري راهه جي واڌاري ۽ اسلامي رياست جي دفاع لاءِ هوندي هئي تنهنڪري ان مهم ۾ دشمن قومن جا پوڙها، ٻار، عورتون، بيمار ۽ ڪمزور هميشہ هر خطري کان حفاظت ۾ هوندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ صلح توڙي امن جي معاهدن کي جنگ تي ترجيح ڏيندا هئا.

مڪي دَور ۾ مسلمانن ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪافرن تمام گهڻيون اذيتون پهچايون ۽ سندن لاءِ قتل جا منصوبا جوڙيندڙ قريش جڏهن فتح مڪي

جي وقت حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن اڳيان پيش ٿي پيا ۽ پنهنجي سزا جي انتظار ۾ انتقام جي خوف ۾ هئا، تڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪين علي الاعلان معافي ڏيندي فرمايائون: "اڄ توهان تي ڪابه ميار ڪانهي، وڃو توهين سڀ آزاد آهيو."

حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت سپه سالار پنهنجي جانثارن کي جنگي هنر ۽ حرفت توڙي مهارتن کان واقف ڪندا هئا، ڪين جنگي اسلحي ۽ سگهه رکڻ جي تلقين به ڪندا هئا پر ڪين اهو يقين ڏياريندا هئا ته ڪاميابي ۽ ڪامراني الله تعالىٰ جي مدد ۽ نصرت سان ٿيندي آهي. تنهنڪري جنگي حالتن ۾ به اوهين الله تعالىٰ جي يادگيري ۽ نماز کان غافل نه رهجو.

**حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت مُنصِف:** اسلام جي پهرئين رياست ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ماڻهن جي امن، صلح ۽ انصاف وارن فيصلن ۾ پاڻ هميشه عادل ۽ منصف رهيا. پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ فيصلي کان پهرئين ٻنهي ڌُرين کي پنهنجي پنهنجي مؤقف پيش ڪرڻ جي مهلت ڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن فيصلو ناهه ۽ صلح جو هوندو ته ٻنهي ڌُرين کي ناهه تي راضي ڪندا هئا البته جيڪڏهن معاملو حدود، قصاص يا ڪنهن جي حق تلفي وارو هوندو هو ته ڏوهاريءَ کي شرعي اصولن مطابق سزا جو فيصلو ڏيندا هئا.

هڪ دفعي حضرت براء بن عازب رضي الله عنه جي ڏاچي ڪنهن ماڻهوءَ جي فصل ۾ هلي وئي ۽ ان جو نقصان ڪيائين، تڏهن ٻنهي جي مؤقف ٻُڌڻ بعد حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ هڪ اصول ٻُڌايو ته ڏينهن جي وقت فصل ۽ مال ملڪيت جي حفاظت ڪرڻ مالڪ جي ذميداري آهي، جڏهن ته رات جو جانورن کي قابو ڪرڻ انهن جي مالڪن جو ڪم آهي. ان فيصلي سان هنن لاءِ نقصان ڀرائڻ يا نه ڀرائڻ وارو معاملو واضح ٿي پيو. (سنن ابي داود:3569)

مديني شريف ۾ فاطمه نالي هڪ مخزومي عورت چوري ڪري وڌي، دليلن جي بنياد تي ان جي چوري جي سزا طور ان جي هٿ ڪٽڻ جو فيصلو ٿيو، جيڪو شرعي حدود ۽ سزائن مان آهي. تڏهن ان عورت جي وارثن حضرت اسامه بن زيد رضي الله عنه کي سزا معاف ڪرڻ جي سفارش لاءِ چيو. جنهن تي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ بي حد ناراض ٿيا

۾ اعلان ڪندي فرمايائون: جيڪڏهن فاطمه بنت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بہ چوري ڪري ها تہ بہ سندس هٿ ڪاٽيو وڃي ها، چو تہ اهو اللّٰه تعاليٰ جو حڪم آهي ۾ قانون سيني لاءِ برابر آهي. (صحيح بخاري:4304)

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت معلم، منتظم، سپه سالار ۽ منصِف جو مفهوم ٻڌايو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي تعليم ۽ تربيت جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟
2. حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ منتظم ۽ سربراهه جي حيثيت ۾ ڪهڙا سڌارا آندا؟
3. سماج ڪي عدل ۽ انصاف مهيا ڪرڻ ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جون خدمتون بيان ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. اسلام جي پهرئين رياست قائم ٿي:

(الف) مدينه منوره ۾ (ب) مڪه مڪرمه ۾
(ج) قبا ۾ (د) طائف ۾

2. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت سپه سالار شرڪت ڪئي:

(الف) 26 غزوات ۾ (ب) 27 غزوات ۾
(ج) 28 غزوات ۾ (د) 29 غزوات ۾

3. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تمام معاملات حل ڪندا هئا:

(الف) عرفات ۾ (ب) مسجد قبا ۾
(ج) مسجد نبوي ۾ (د) مسجد الحرام ۾

## استادن لاءِ هدايتون

سيرت طيبہ بابت هڪ تقريري مقابلي جو اهتمام ڪريو. جنهن ۾ هيٺين موضوعن تي شاگردن ۽ شاگرديائڻين کان تقرير ڪرايو.

1. حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت معلم.
2. حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت سپہ سالار.
3. حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت منصف.

# (د) اخلاق ۽ ادب

## تدريسي معيار

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- باب جو تعارف ۽ مقصد بيان ڪري سگهندا.

ڪنهن ڪم کي سهڻي ۽ عمدي طريقي سان سرانجام ڏيڻ کي 'ادب' چيو ويندو آهي ۽ ان جو جمع 'آداب' آهي. جڏهن ته ڪنهن پختي عادت ۽ رويي کي 'اخلاق' چئبو آهي، پوءِ جيڪڏهن اها سٺي عادت ۽ خوبي آهي ته سهڻو اخلاق سڏبو ۽ جيڪڏهن بُري خصلت ۽ ڪردار هوندو ته ان کي 'بداخلاق' سڏبو آهي. عام طور تي صرف اخلاق مان سهڻو ڪردار، خوبي ۽ انساني گُڻ ئي مراد هوندو آهي. زندگيءَ کي بامقصد ۽ ڪارآمد بنائڻ ۾ ادب ۽ اخلاق کي بنيادي حيثيت حاصل آهي ۽ هر مذهب انهن ڳالهين جي پرچار ڪري ٿو. اسلام ۾ ادب ۽ اخلاق کي ٻين عملن کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اخلاق جي تمام بلند مرتبي يعني خلق عظيم جا صاحب هئا ۽ اخلاق ٽوڙي مروت ۽ وقار کي پسند فرمائيندا هئا.

اخلاق ۽ ادب جي موضوع مان جيڪي ڳالهيون سماج کي بهتر ڪرڻ ۽ شخص جي ڪردار کي سڌارڻ ۾ اهم آهن، تن مان چوند عنوان باب جي هن حصي ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

حصي 'د' ۾ اخلاق ۽ ادب جي تحت صبر ۽ استقامت، عفو ۽ درگذر، عدل ۽ انصاف، اسلامي اخوت، حقوق العباد (مسلمانن ۽ غير مسلمانن جا حق)، عورتن جا حق ۽ مسلمانن جو باهمي اتحاد جا سبق شامل ڪيا ويا آهن.

## 1 صبر ۽ استقامت

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- صبر ۽ استقامت جي معنىٰ ۽ مفهوم جاڻي بيان ڪري سگهندا.
- صبر ۽ استقامت جي فضيلت ۽ اهميت سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- صبر جا قسم جاڻي بيان ڪري سگهندا.
- سيرت طيبه مان صبر ۽ استقامت جا عملي مثال جاڻي بيان ڪري سگهندا.
- صبر ۽ استقامت جا فائدا ۽ ثمرات سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- روزمره زندگي ۾ صبر ۽ استقامت تي عمل ڪري سگهندا.

**صبر ۽ استقامت جي معنى ۽ مفهوم:** لفظ صبر جي لغوي معنىٰ: رُڪجڻ، برداشت ڪرڻ ۽ جمي ويهڻ آهي. جڏهن تہ استقامت، ثابت قدمي ۽ استقامت جي معنىٰ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اصطلاح ۾ صبر ۽ استقامت جو مطلب آهي: الله تعالىٰ جي فرمانبرداري ڪندي پاڻ کي هر نافرماني ۽ گناهہ کان روڪڻ ۽ ان ڪم ۾ ايندڙ هر مشڪل ۽ ڏُکيائي کي سَهندي بي صبري جو مظاهرو نہ ڪرڻ بلڪ استقامت جو مظاهرو ڪرڻ.

**صبر ۽ استقامت جي اهميت ۽ فضيلت:** قرآن مجيد ۾ وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي تہ: ”اي مؤمنو! الله تعالىٰ اوهان کي دنيا ۾ بدامني، قحط سالي، اناج ۽ ميون جي اڻاٽ توڙي جاني ۽ مالي نقصان ذريعي ضرور آزمائيندو. سو جيڪي آزمائش ۾ صابر ۽ ثابت قدم رهندا تن کي جنت ۽ انعامن جي خوشخبري آهي.“ (سورة البقرة: آيت 155)

قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ صبر کي مؤمنن جي صفت ڳڻايو آهي ۽ جيڪي صبر اختيار ڪن ٿا، تن کي انعامن جون بشارتون ڏنيون آهن. جيڪي ماڻهو صبر ڪن ٿا، سي ڪڏهن بہ ناڪام نہ ٿا ٿين، صبر ڪرڻ پيغمبرن جي سنت آهي، تڏهن الله تعالىٰ فرمايو: فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ أُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ ترجمو: ۽ صبر ڪر جيئن جو همٿ وارن رسولن صبر ڪري ڏيکاريو. (سورة الاحقاف: آيت 35)

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ صبر کي روشني جو ذريعو فرمايو آهي: اَلصَّبْرُ ضِيَاءٌ ترجمو: صبر روشنيءَ جو ذريعو آهي. (صحيح مسلم: 223)

**صبر جا قسم:** صبر جا ٽي قسم آهن.

1. اَلصَّبْرُعَنْ مَعَاصِی اللهِ: الله تعالیٰ جي نافرمانيءَ کان بچڻ.
2. اَلصَّبْرُعَلَی الطَّاعَةِ: الله تعالیٰ جي فرمانبرداري تي مضبوطيءَ سان قائم ۽ ثابت قدم رهڻ، جنهن کي استقامت به چئبو آهي.
3. اَلصَّبْرُعَلٰی قَضَاءِ اللهِ وَقَدْرِہٖ: قدرتي طور تي آيل تڪليفن تي صبر ڪرڻ ۽ مصيبتن کي برداشت ڪرڻ. ان کي 'الصبر علي المصائب' مصيبت کي برداشت ڪرڻ چئبو آهي ۽ صبر جو اهو آخري قسم عرف عام ۾ صبر شمار ڪيو ويندو آهي.

**سيرت طيبه ۾ صبر ۽ استقامت:** سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي مڪي زندگي صبر ۽ استقامت جو ڪامل نمونو هئي. الله تعالیٰ جي پيغام کي پهچائڻ جو عزم ڪٽي نڪتا ۽ ان راهه ۾ پراون ته ڪين صدما ۽ تڪليفون ڏنيون پر پنهنجن عزيزن قريبن به ڪائنن منهن موڙيو ۽ قطع تعلق ڪيو ايتري قدر جو شعب ابي طالب ۾ ٽي سال محصور ٿيا ۽ هجرت ڪرڻ تي مجبور ٿيا. سندن صحابن سڳورن رضي الله عنهم کي ايذايو ۽ سندن جان جا دشمن ٿي پيا، حضور اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ توڙي سندن ساٿين اهي سڀ تڪليفون برداشت ڪيون پر پنهنجي پيغام ۽ عزم تان بلڪل ڪِين هٽيا ايستائين جو پنهنجي اباڻي شهر مڪي کي الوداع ڪري مستقل طور مديني منوره اچي آباد ٿيا. مدني زندگيءَ ۾ جيتوڻيڪ مسلمانن کي ڪافرن سان لڙڻ ۽ ظلم جي بدلي وٺڻ جي اجازت ملي چڪي هئي، پر اتي به پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي زندگي بي حد رحمدلي واري انداز سان گذاري، ڏکيائين ۽ مصيبتن ۾ صبر جو مظاهرو ڪيو. اُم المؤمنين حضرت عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي ته، مهينو مهينو اسان جي گهر ۾ ڪاڏي پچائڻ لاءِ باهه نه ٻرندي هئي، اسين صرف پاڻي ۽ ڪارڪن تي گذر ڪندا هئاسين. (صحيح بخاري:6458)

حضور ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرزند ابراهيم رضي الله عنه جڏهن ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو تڏهن حضور ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو اي ابراهيم! جيڪڏهن اهو سچو قول، ۽ سچو واعدو، ۽ يقيني ايندڙ معاملو، ۽ اسان جو ايندڙ اسان جي پونير سان ملندڙ نه هجي ها ته اسان تنهنجي مٿان هن غم کان وڌيڪ غم ڪيون ها. (شرح السنة للبغوي: 286) ۽ تڏهن ئي ان جو ثواب ملندو، بعد ۾ ته هونئن به ماڻهو خاموشي اختيار ڪري ويندو آهي.

**صبر جا فائدا:** صبر ۽ استقامت جو مظاهرو ڪرڻ هڪ اهم عبادت ۽ اولوالعزم پيغمبرن جي سنت آهي. الله تعالىٰ جي رضامنديءَ جي حصول جو سبب آهي، صبر سان جنت ۾ داخل ٿيڻ ۽ جهنم کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. قيامت جي هولناڪي کان ماڻهو محفوظ رهندو. صبر بهادري ۽ مصيبتن کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ سيکاري ٿو. صبر ڪرڻ وارن تي الله تعالىٰ جي رحمت ۽ برڪتون نازل ٿين ٿيون. صبر جي ڪري ماڻهو گهڻي نقصان کان محفوظ رهندو آهي ۽ کيس دلي سڪون ۽ اطمينان نصيب ٿيندو آهي. جو ته کيس يقين رهندو آهي ته صبر جو ميوو مٺو ٿيندو آهي.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

هر هڪ شاگرد ۽ شاگرداڻي پنهنجي زندگي جي ڪنهن ڏکئي مرحلي کي آکاڻي جي صورت ۾ پيش ڪري. جنهن ۾ صبر ڪرڻ فائديمند رهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. صبر ۽ استقامت جي قرآن ۽ سيرت ۾ ڪهڙي اهميت آهي؟
2. صبر جي قسمن جي وضاحت ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ صبر بابت ڇا فرمايو آهي؟
2. مڪي زندگيءَ ۾ سيدنا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو صبر وارو ڪهڙو مثال ملي ٿو؟
3. صبر ۽ استقامت جا فائدا بيان ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. صبر جي معنىٰ آهي:

(الف) اڳتي وڌڻ (ب) رڪجڻ

(ج) پوئتي هٽڻ (د) خاموش رهڻ

2. صبر ڪرڻ عادت آهي:

(الف) سچن جي (ب) ڪاوڙ ڪندڙن جي

(ج) نبين جي (د) بادشاهن جي

3. ’الصبر ضياء‘ جي معنىٰ آهي:

(الف) صبر ڪڙو آهي
(ب) صبر روشني آهي
(ج) صبر پلو آهي
(د) صبر ضروري آهي

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگردن ۽ شاگردياڻين ڪي زندگي جي مشڪلاتن ۽ ڏکين مرحلن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ مايوسي ۽ نااميدي بجاءِ همٿ سان اڪارڻ جي اهميت سمجهايو ۽ سندن ٻڌايل آڪاٽي ۽ واقعي مناسب اصلاحي تبصرو ڪريو.

# عفوءِ درگذر ڪرڻ

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- عفو ۽ درگذر جي معنىٰ ۽ مفهوم ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- عفو ۽ درگذر جي فضيلت ۽ اهميت سمجهي ٻڌائي سگهندا.
- عفو ۽ درگذر جا فائدا ۽ ثمرات ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- پنهنجي روزاني زندگي ۾ عفو ۽ درگذر واري صفت کي سمجهي اختيار ڪري سگهندا.

**عفو ۽ درگذر جي معنىٰ ۽ مفهوم:** لفظ 'عفو' جي معنىٰ آهي: معافي يا معاف ڪرڻ ۽ 'درگذر' جي معنىٰ آهي: ڇڏي ڏيڻ، وِساري ڇڏڻ. عفو ۽ درگذر مان مطلب آهي ته جڏهن ڪنهن شخص طرفان بي خبري، بي علمي يا غفلت ۽ لاپرواهي جي ڪري ۽ ڄاڻي ٻجهي ڪا تڪليف پهچي ته الله تعالىٰ ڪارڻ ان کي معاف ڪري ڇڏڻ ۽ ڪنهن به قسم جو بدلو نه وٺڻ.

**عفو ۽ درگذر جي فضيلت ۽ اهميت:** عفو ۽ درگذر اعلىٰ اخلاقي گُڻ آهي. جيڪو سڀ کان وڌيڪ الله تعالىٰ جي ذات ۾ پنهنجي ٻانهن لاءِ سمايل آهي. جڏهن ڪو ٻانهو پنهنجي غلطين ۽ ڪوتاهين کي ياد ڪري الله تعالىٰ جي بارگاهه ۾ انڪساري ۽ عاجزي ڏيکاريندو آهي ته اهو مالڪ مهربان سندس سيني اوڻائين کي ميٽي ڇڏيندو آهي. الله تعالىٰ کي عفو ۽ درگذر واري صفت ڏاڍي پسند آهي، تنهنڪري قرآن مجيد ۾ ڪيترين جڳهن تي ان جي ترغيب ڏني وئي آهي ۽ اهو گُڻ اختيار ڪرڻ جو امت کي حڪم ڏنو ويو آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي: ترجمو: ۽ اوهان جو بخشڻ پرهيزگاريءَ کي ڏاڍو ويجهو آهي، ۽ اوهين پاڻ ۾ نيڪيءَ کي نه وساريو، ڇاڪاڻ ته جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. (سورة البقره آيت: 237) ٻي آيت ۾ عفو ۽ درگذر کي مؤمنن جي صفت طور بيان ڪيو ويو آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي: ترجمو: جيڪي سُک ۽ ڏک ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ ڪاوڙ کي کائيندڙ ۽ ماڻهن کان ٽارو ڪندڙ آهن، ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي. (سورة آل عمران آيت: 134)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت پاڪ قرآن مجيد جو هوبهو عڪس آهي. تنهنڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ نه صرف عفو ۽ درگذر کي پسند فرمايو ۽ ان جي تلقين فرمائي آهي بلڪ ان جو عملي نمونو به اختيار ڪري ڏيکاريو

آهي. جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ طائف وارن کي دين جي دعوت ڏني ته انهن نه صرف ايمان آڻڻ کان اِنڪار ڪيو پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي زخمي ڪري ڇڏيو. تڏهن فرشتي ڪين عرض ڪيو: يارسول الله! اجازت ڏيو ته انهن سيني کي جبلن جي وچ ۾ پيهين ڇڏيون، تڏهن فرمايائون: مون کي اميد آهي ته الله تعالىٰ انهن جا پونير اهڙا پيدا فرمائيندو جيڪي اڪيلي الله تعالىٰ جي بندگي ڪندا ۽ ساڻس شرڪ نه ڪندا. (صحيح بخاري: 3231)

حضرت جابر رضي الله عنه ٻُڌايو ته اسين نجد جي طرف حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان هڪ جنگ ۾ شريڪ هئاسين ته رستي ۾ ٻبرن جي وڻن وٽ سيني آرام ڪرڻ جو اِرادو ڪيو ۽ وڻن جي ڇانوَ ۾ ترسڻ لاءِ لهي پياسون. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ به پنهنجي تلوار وڻ ۾ ٽنگي ان جي ڇانوَ ۾ آرامي ٿيا. اسان کي ڪجهه ٿورو وقت ئي ڪو گذريو ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سڏڻ جا آواز ڪنَ تي پيا ۽ جڏهن اتي پهتاسين ته هڪ اعرابي وينل هو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو ته آءٌ آرامي هئس ته اوچتو هي منهنجي مٿان تلوار ڪڍي اُپي ڪري بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو: توکي مون کان ڪير بچائيندو؟ مون ڪيس ٽي دفعا چيو: الله! الله! الله! ۽ هي پريشان ٿي ويو ۽ اهو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي قتل جي اِرادي سان آيو هو. پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪانئس بدلو ڪِين ورتو ۽ ان کي معاف ڪري ڇڏيائون. (صحيح مسلم: 843)

حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ته پنهنجي چاچي حضرت حمزه رضي الله عنه جي قاتل وحشي بن حرب کي به معاف فرمايو ۽ ڪيس پنهنجي صحابين ۾ شامل ڪري ڇڏيو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: ترجمو: "جيڪو توسان تعلق ڇني تنهن سان ڳنڍج ۽ جيڪو توتي ڏاڍ ڪري تنهن کي معاف ڪري ڇڏ." (مسند احمد: 17452)

هڪ شخص حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين. يارسول الله! خادم جي غلطين ۽ ڪوتاهين تي ڪيتري قدر عفو ۽ درگذر ڪرڻ گهرجي، پاڻ خاموش رهيا، ان ٻئي دفعي سوال ڪيو. پاڻ وري به خاموش رهيا. ٽئين دفعي سان فرمايائون:

ان کي روزاني ستر دفعا بہ معاف ڪر. (سنن ابي داود: 5164)

**عفو ۽ درگذر جا فائدا:** عفو ۽ درگذر اعلیٰ اخلاقي گُڻ ۽ عبادت آهي. عفو ۽ درگذر اللہ تعالیٰ جو بيحد پسنديده عمل آهي، جنهن سان ان جي رضا حاصل ٿئي ٿي ۽ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن بہ پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن کان بہ بدلو نہ ورتو بلڪ هميشہ معاف ڪري ڇڏيو. عفو ۽ درگذر سان نہ صرف آخرت ۾ وڏو اجر ۽ ثواب ملي ٿو، بلڪ سماج ۾ تلخي ۽ تعلقات جي ٽُٽڻ کان بہ بچاءُ ٿئي ٿو. ان سان تقویٰ ۽ پرهيزگاري حاصل ٿئي ٿي ۽ ماڻهوءَ جو وقار بلند ٿئي ٿو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. عفو ۽ درگذر جي اهميت ۽ فضيلت بيان ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. عفو ۽ درگذر جا فائدا ٻڌايو.
2. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي معاف ڪرڻ وارا ٻيا ڪي بہ ٻہ مثال بيان ڪريو.
3. اوهان جي نظر ۾ عفو ۽ درگذر جي ڪهڙي حيثيت آهي؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. درگذر جو مطلب آهي:

(الف) معاف ڪرڻ (ب) احسان ڪرڻ
(ج) ياد ڪرڻ (د) وساري ڇڏڻ

2. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي زخمي ڪري تڪليف ڏني:

(الف) طائف وارن (ب) مديني وارن
(ج) خيبر وارن (د) نجد وارن

3. اعرابيءَ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مٿان جيڪو هٿيار ايو ڪيو هو اهو هو:

(الف) ڪهاڙي (ب) ڀالو
(ج) تلوار (د) نيزو

# عدل ۽ انصاف

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- عدل ۽ انصاف جي لغوي معنىٰ ۽ مفهوم جاڻي بيان ڪري سگھندا.
- عدل ۽ انصاف جي فضيلت ۽ اهميت سمجھي بيان ڪري سگھندا.
- عدل جا قسم: سماجي عدل، تجارتي عدل، قانوني عدل، سياسي عدل ۽ معاشي عدل بابت ڄاڻ حاصل ڪري ٻڌائي سگھندا.
- عدل ۽ انصاف جا فائدا ۽ اثرات ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.
- عدل ۽ انصاف کي سمجھي پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ اختيار ڪري سگھندا.

**عدل جي معنىٰ ۽ مفهوم:** لفظ ’عدل‘ جي لغوي معنىٰ برابري آهي ۽ ’انصاف‘ جي معنىٰ: ڪنهن شيءِ کي ٻن برابر حصن ۾ ورهائڻ آهي.

عدل ۽ انصاف ٻئي لفظ ظلم ۽ ناانصافي جي ضد ۾ استعمال ٿيندا آهن. عدل ۽ انصاف جو مطلب آهي هرهڪ شيءِ کي ان جي جاءِ تي رکڻ ۽ ان جو مناسب استعمال ڪرڻ ۽ برابري ڪرڻ.

عدل ۽ انصاف لاءِ اعتدال، مساوات ۽ قِسط جا لفظ بہ استعمال ٿيندا آهن. قِسط، انتهائي برابريءَ کي چئبو آهي. ان ڪري ساهمي/ميزان کي بہ عربي ۾ ’قِسط‘ سڏيو ويندو آهي. قرآن مجيد ۾ بہ عدل ۽ انصاف لاءِ ڪافي جڳهن تي قِسط جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

**عدل جي فضيلت ۽ اهميت:** عدل ۽ انصاف انساني سماج جو بنيادي جُز ۽ ضرورت آهي. الله تعالىٰ هن جهان کي عدل ۽ انصاف تحت وجود ڏنو آهي ۽ سندس ذات اقدس بہ عدل ۽ انصاف جو مظهر آهي. ان کي پنهنجي پيدا ڪيل مخلوق بيحد پياري ۽ محبوب آهي ۽ ان پنهنجي علم ۽ حڪمت جي آڌار تي هر ڪنهن کي ان جي زندگي، نصيب، ڪردار، نتيجي توڙي انجام ۾ عدل ۽ انصاف سان تخليق فرمايو آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي: ترجمو: بيشڪ اسان پنهنجن پيغمبرن کي پڌرين نشانين سان موڪليوسون ۽ ساڻن ڪتاب ۽ (انصاف جي) تارازي هن لاءِ موڪلي سون تہ ماڻهو انصاف سان بيهڪ وٺن. (سورة الحديد: آيت 25)

الله تعالىٰ جيڪو ڪجھ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي ۽ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جنهن ڳالهہ جي تلقين فرمائي آهي يا عمل ڪري ڏيکاريو آهي سو سڀ

عدل آهي. تنهنڪري ايمانيات، عبادتن ۽ معاملن توڙي اخلاق ۽ ڪردار ۾ عدل ۽ انصاف کي اپنائڻ گهرجي. خاص ڪري شريعت ۾ معاملات جي عدل ۽ انصاف کي فوقيت ڏني وئي آهي ۽ ان ڳالهه جو ئي حڪم ڪيو ويو آهي. ارشاد آهي: ترجمو: بيشڪ الله انصاف ۽ ڀلائي (ڪرڻ) ۽ مائٽي وارن جي مدد ڪرڻ جو حُڪم ڪري ٿو ۽ بي حيائي ۽ برائي ۽ زبردستي ڪان روڪي ٿو، اوهان کي نصيحت ڏئي ٿو ته مانَ اوهين نصيحت وٺو. (سورة النحل:آيت 90)

جيڪو ماڻهو عدل ۽ انصاف کي مضبوطيءَ سان اختيار ڪري ٿو سو پرهيزگاريءَ جي ويجهو پهچي ٿو ۽ پرهيزگار ماڻهو الله تعالیٰ کي بيحد پسند آهي. جيئن ارشاد آهي: ترجمو: اي ايمان وارؤ! انصاف سان شاهدي ڏيندڙ ٿي الله لڳ بيهڪ وٺندڙ هُجو، ۽ ڪنهن قوم جي دشمني اوهان کي اوهان جي بي انصافي جو سبب نہ بڻجي، انصاف ڪريو، اُهو پرهيزگاري کي ڏاڍو ويجهو آهي، ۽ الله کان ڊڄو، ڇوته جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. (سورة مائده آيت: 8)

**عدل جا قسم:** عدل ۽ انصاف تہ هڪ ئي آهي البتہ ان جو واسطو روزانہ زندگيءَ جي ڪيترين ئي ڳالهين سان آهي، تنهنڪري ان جا قسم يا حصا گهڻا آهن جن مان ڪجهہ هي آهن:

**سماجي عدل:** سماج ۾ اُٿڻ ويهڻ دوران، گهر ٻار سان تعلق ۽ ذميوارين ۾، گفتار ۽ ڳالهائڻ، توڙي کائڻ پيئڻ، هلڻ چلڻ ۽ انداز ۾ اعتدال ۽ وچٿرائپ هجڻ بہ عدل آهي.

**تجارتي عدل:** واپار وڻج ۽ ڏيتي ليتي ۾ سٺي شيءِ ڏيڻ، خراب ۽ هلڪي شيءِ کان گراهڪ کي واقف ڪرڻ، ماپ ۽ تور پوري ڏيڻ ۽ وٺڻ، ڪوڙا قسم نہ کڻڻ، نقلي ۽ جعلي شين جي ڏيتي ليتي کان بچڻ سامهون واري سان مناسب لفظن ۾ وهنوار ڪرڻ عدل ۽ انصاف جي تقاضا ڪن ٿيون. جيڪو عهدو، ذميداري يا ملازمت جنهن طريقي سان اوهان تي لازم آهي ان کي ان طريقي سان ادا ڪرڻ بہ عدل آهي.

**قانوني عدل:** جڏهن ڪنهن جو فيصلو يا نبيرو ڪيو وڃي تہ عدل ۽ انصاف کي سامهون رکجي. قرآن مجيد فرمائي ٿو: ترجمو: جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪريو (تڏهن) انصاف سان ڪريو (سورة النساء آيت: 58) سزا جي نفاذ ۾ عدل ۽ انصاف هجڻ گهرجي. امير ۽ غريب لاءِ قانون هڪ جهڙو هجڻ گهرجي.

**سياسي عدل:** ڪنهن کي ڪو سياسي منصب هجي يا حڪومت جي ذميداري هجي تہ پنهنجي ماتحتن کي سندن بنيادي حقن جي ادائگي ۾ عدل ۽ انصاف کي اپنايو وڃي ۽ جتي جنهن جو جيترو حق مقرر ٿيل هجي تہ ان کي ان طريقي سان هلائڻ بہ عدل ۽ انصاف ۾ شامل آهي.

**معاشي عدل:** معيشت ۽ اقتصاديات ۾ هرهڪ فرد، ڪٽنب، ڳوٺ، شهر، ضلعي توڙي صوبي جا ڪي مشترڪ حق ۽ ذميداريون ٿينديون آهن. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي ان قسم جي صورتحال سامهون پيش اچي ته ان کي مناسب انداز سان پورو ڪرڻ به عدل ۽ انصاف آهي. جيئن حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ هڪ صحابيءَ کي فرمايو ته، ”آءٌ ظلم جي ورهاست جو گواهه نه بڻجندس.“ جڏهن هن پنهنجي ٻئي اولاد کي ڇڏي صرف هڪ کي پنهنجي ملڪيت ڏيڻ پئي چاهي. (صحيح مسلم: 1623)

**فائدا:** عدل ۽ انصاف سان معاشري مان ظلم ۽ ناانصافي ختم ٿيندا. عدل ۽ انصاف سماج ۽ پوري عالم جي اصلاح جو واحد ذريعو آهي.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

ڪلاس ۾ ٻن شاگردن جي درميان انصاف ۽ عدل جي ناهه جو عملي مظاهرو ڪريو جڏهن انهن مان ڪنهن هڪ، ٻئي جو ڪتاب بغير اجازت کڻي گم ڪري ڇڏيو هجي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. عدل ۽ انصاف جو مفهوم ۽ اهميت بيان ڪريو.
2. عدل ۽ انصاف جا قسم بيان ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. عدل ۽ انصاف جا فائدا ٻڌايو.
2. عدل ۽ انصاف نه هجڻ سان معاشري تي ڪهڙا منفي اثر پوندا؟
3. حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگيءَ مان عدل ۽ انصاف جو ڪو مثال ڏيو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. عدل جي معنىٰ آهي:

(الف) سخاوت ڪرڻ (ب) اڌو اڌ ڪرڻ

(ج) وچٿرائپ ڪرڻ (د) برابري ڪرڻ

2. عدل لاءِ قرآن مجيد ۾ لفظ استعمال ٿيو آهي:

(الف) ميزان (ب) وسط

(ج) قسط (د) مڪيال

3. سورة المائدة جي آيت 8 جي مطابق عدل وڌيڪ ويجهو آهي:

(الف) پرهيزگاري کي (ب) سچ کي

(ج) سخاوت کي (د) صبر کي

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي سرگرمي حل ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪريو ۽ انصاف جي تقاضائن پوري ڪرڻ لاءِ جوابدار، ڏوهي ۽ وڪيل ۽ جج جي ڪردارن منتخب ڪرڻ ۾ ڪين هدايتون ڏيو.

## 4 اسلامي اخوت

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- ❖ اسلامي اخوت جي معنىٰ ۽ مفهوم کي ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ اسلامي اخوت جي فضيلت ۽ اهميت سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي بيان ڪيل اسلامي اخوت کي سمجهي سگهندا.
- ❖ اسلامي اخوت جون ڪجهه صورتون ۽ فائدا ڄاڻي ٻڌائي سگهندا.
- ❖ روزاني زندگي ۾ اسلامي اخوت کي سمجهي عمل ڪري سگهندا.

**اسلامي اخوت جي معنىٰ ۽ مفهوم:** لفظ 'اخوة' جي لغوي معنىٰ آهي: ڀائپي ۽ ڀاءُ بنجڻ. ان مان مواخات به آهي، جنهن جي معنىٰ هڪ ٻئي جو ڀاءُ بنجڻ آهي. اسلامي اخوت جو مطلب آهي: نسل، رنگ، قوم، ٻولي ۽ جنس جي فرق کان سواءِ صرف اسلام ۽ ايمان ۾ شريڪ هجڻ جي ڪري ڀائپي ۽ برادري اختيار ڪرڻ ۽ هرهڪ مسلمان ۽ مؤمن کي پنهنجو ڀاءُ سمجهي ساڻس ڀائرن وارو سلوڪ ڪرڻ.

**اسلامي اخوت جي فضيلت ۽ اهميت:** اخوة ۽ ڀائپي ٻن قسمن جي آهي. هڪ نسبي ۽ مٽي مائٽي واري ڀائپي. جنهن ۾ هڪ ماءُ ۽ پيءُ جو اولاد پاڻ ۾ ڀائر سمجهيا ويندا آهن. ٻيو ته ٻي ڀائپي ايمان ۽ اسلام ۾ گڏ هجڻ جي ڪري ٿيندي آهي. سورة الحجرات جي آيت: 10 ۾ الله تعالىٰ فرمايو ته "ترجمو: مؤمن سڀ ڀائر آهن." اسلامي اخوت يا ايماني ڀائپي جو مرتبو نسبي ڀائپيءَ کان مٿانهون آهي. جو ته ان ڀائپي قائم ڪرڻ سان ماڻهو الله تعالىٰ ۽ سندس رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم جي پيروي ڪري ٿو.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اسلامي اخوت جو عملي نمونو هجرت جي پهرئين سال ئي قائم ڪري ڏيکاريو، جنهن ۾ صحابه ڪرام رضي الله عنهم مان هر هڪ مهاجر صحابيءَ کي هڪ انصار صحابي جو ڀاءُ بڻايائون. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي قائم ڪيل ان رشتي کي سيني صحابه ڪرام رضي الله عنهم تمام گهڻو پسند فرمايو ۽ انصار صحابين پنهنجي مالي طور تي ڪمزور اسلامي ڀائرن کي پنهنجن

سڳن ڀائرن کان بہ وڌيڪ عزيز رکيو. اسلامي تاريخ ۾ اهو موقعو ’مؤاخاتِ مدينه‘ جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو.

جڏهن ڪوبہ شخص اسلام ۾ داخل ٿئي ٿو تہ اهو هن اسلامي اخوت واري سَڳي ۾ پوئجي وڃي ٿو ۽ الله تعالىٰ ۽ سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ طرفان مسلمانن سان بهتر تعلق قائم ڪرڻ ۽ خيرخواهي سان پيش اچڻ واريون نصيحتون مٿس لاڳو ٿيو وڃن. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مؤمن لاءِ مناسب ناهي تہ پنهنجي مؤمن ڀاءُ کان ٽن ڏينهن کان وڌيڪ عرصي تائين ڳالهائڻ، ٻولهائڻ توڙي سندس خيرخواهي ڪرڻ کان ان کي ٻي يارو مددگار ڇڏي ڏئي. مسلمان تہ مسلمان جو ڀاءُ آهي نہ ان سان خيانت ڪندو آهي، نہ ان سان ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، نہ ان کي خوار ڪندو آهي. تقوىٰ دل ۾ هوندي آهي. هر مسلمان لاءِ ٻئي مسلمان جي جان، سندس مال ۽ ان جي آبرو تي حملو ڪرڻ حرام آهي. (سنن ترمذي: 1927)

**فائدا:** اسلامي اخوت ۽ ڀائپي کي قائم ڪرڻ ۽ مضبوط بنائڻ سان سماج، نسلي، قومي، سياسي توڙي وڏ ننڍائي واري ورڇ کان آزاد ٿي برابري ۽ مساوات واري اصول تي برقرار رهندو. اسلامي ڀائپي ئي مسلمانن جي اتحاد ۽ اتفاق جو ذريعو آهي. اسلامي اخوت وارو جذبو مسلمانن کي پنهنجي مظلوم ۽ ستايل توڙي ڪمزور مسلمانن جي ڀرپور پرگهور لهڻ ۽ سندن سهائتا ڪرڻ تي آماده ڪري ٿو. اسلامي اخوت سان سماج ۾ امن، ڀائيچارو، قرب ۽ ايثار جا جذبا ترقي وٺن ٿا.

| شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي | باهمي مشاورت سان ’اسلامي اخوت‘ جون صورتون چارٽ تي تحرير ڪري ڪلاس ۾ لڳائين. |
|---|---|

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. اخوت اسلامي جي اهميت ۽ فائدا بيان ڪريو.

(ب) **هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. اسلامي اخوت جي لغوي معنىٰ ۽ مفهوم بيان ڪريو.
2. پائيپي بابت حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن مان ڪي ٻه فرمان لکو.
3. ڪهڙيون شيون اسلامي اخوت جي خلاف آهن ؟

(ج) **دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. اخوت لفظ جي معنىٰ آهي:

(الف) پيڻ ڀاءُ ٻڻجڻ (ب) هڪٻئي جو ڀاءُ ٻڻجڻ
(ج) همدردي ڪرڻ (د) مٽي مائٽي ڳنڍڻ

2. سورة الحجرات جي آيت 10 جي مطابق سيئي مؤمن پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا آهن:

(الف) دوست (ب) دشمن
(ج) مددگار (د) ڀائر

3. اسلامي اخوت قائم ٿيندي:

(الف) دولت سان (ب) سخاوت سان
(ج) پيار سان (د) اتحاد سان

**استادن لاءِ هدايتون**

محلي، ڳوٺ، شهر، صوبي، ملڪ ۽ بين الاقوامي اعتبار سان مسلمانن جي نااتفاقي ۽ اخوت قائم نہ ڪرڻ جي نقصان ۽ تدارڪ بابت شاگردن ۽ شاگرديائين کي مباحثي ڪرڻ تي آماده ڪريو ۽ سندن تجويز/نتيجن جي چڪاس ڪريو.

5

# حقوق العباد

(مسلمانن ۽ غير مسلمانن جا حق)

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- حقوق العباد جي معنیٰ ۽ مفهوم جاڻي بيان ڪري سگهندا.
- مسلمانن جا هڪ ٻئي لاءِ حقوق ۽ فرائض سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- غير مسلمانن جا حق جاڻي بيان ڪري سگهندا.
- حقوق العباد جا سياسي، معاشي ۽ سماجي فائدا سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- روزانه زندگيءَ ۾ حقوق العباد جي ادائگي نه ڪرڻ جا نقصان سمجهي بيان ڪري سگهندا.

**حقوق العباد جي معنیٰ ۽ مفهوم:** حقوق العباد عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن. ’حقوق‘ حق جو جمع آهي، جنهن جي لفظي معنیٰ ثابت، صحيح ۽ واجب آهي. جڏهن ته ’عباد‘ عبد جو جمع آهي جنهن جي معنیٰ ٻانهو ۽ بندو آهي. ’حقوق العباد‘ جي معنیٰ آهي: ٻانهن جا حق.

حقن جي ٻهرئين ورهاست حقوق الله ۽ حقوق العباد ۾ ڪئي ويندي آهي. ان کان پوءِ حقوق العباد ۾ ڌنڌي، جنس، عمر توڙي مذهب ۽ تعلق جي اعتبار سان به ورهاست ڪئي ويندي آهي. جهڙوڪ: واپارين، ڪاريگرن ۽ مزدورن جا حق، مردن ۽ عورتن جا حق، ٻارن، نوجوانن، بزرگن ۽ ضعيفن جا حق، والدين، زال مڙس، پاڙيسرين ۽ دوستن جا حق وغيره. اسلام اهو عالمگير ۽ انسان دوست مذهب آهي جيڪو انسانن جي مڙني حقن جو تحفظ ڏئي ٿو.

**حقوق العباد جي اهميت:** قرآن مجيد ۽ سنت ۾ الله تعالیٰ جي حقن کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ اهميت ٻانهن جي حقن کي ڏني وئي آهي. حقوق العباد ۾ دنيا جي هر مذهب، هر ذات ۽ نسل، هر درجي ۽ هر حيثيت جي انسانن جا حق شامل آهن. جيڪڏهن اسان پنهنجن جا حق ادا ڪريون ته گڏو گڏ پراون جا حق به ادا ڪريون. نوڪر جيڪڏهن مالڪ جي خدمت ڪري ته مالڪ به نوڪر جو پورو پورو خيال رکي. والدين جيڪڏهن اولاد جي لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو هر سک قربان ڪن ته اولاد به انهن جي خدمت ۽ عزت ۾ گهٽتائي نه ڪري. گهرواري جيڪڏهن مڙس جي خدمت ڪري ته مڙس کي به گهرجي ته پاڻ گهرواريءَ جي آرام ۽ سڪون جي لاءِ ڪا ئي ڪسر نه ڇڏي. اها ئي دين اسلام جي سموري انسانيت جي لاءِ تعليم آهي. حقوق العباد ۾ والدين، اولاد، گهرواري، رشتيدار، يتيم، مسڪين، مسافر، مستحق،

پاڙيسري، سوالي، قيدي ۽ ملازم وغيره شامل آهن. حقوق العباد ادا ڪرڻ مومنن ۽ جنتين جي صفت آهي. قيامت جي ڏينهن نہ صرف حقوق الله جو حساب ٿيندو بلڪ حقوق العباد جو بہ حساب ٿيندو.

**مسلمانن جا هڪ ٻئي تي حق:** اسلام هڪڙن مسلمانن مٿان ٻين مسلمانن لاءِ جيڪي حق مقرر ڪيا آهن، اهي مٽئين ورهاست جي مڙني قسمن ڪي شامل آهن، تن مان مکيہ هيٺ ڏجن ٿا:

- والدين لاءِ اولاد جي بهتر تربيت ڪرڻ، ڪين مناسب تعليم ڏيڻ، انهن جي کاڌ خوراڪ، ڪپڙي اجهي توڙي ڏيتي ليتي ۾ برابري ڪرڻ ۽ سندن مناسب رشتي جو انتظام ڪرڻ سندن تي حق آهي.
- زال مڙس لاءِ هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ، ضرورتن ۽ گُهرجن جو پورائو ڪرڻ، اولاد جي نگهباني ڪرڻ، هڪ ٻئي جي عزت، جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ سندن حق آهي.
- مرد مٿان عورتن جي حقن ۾ مهر ڏيڻ، گهر جو خرچ پکو ادا ڪرڻ، ۽ ڌيءُ، ڀيڻ ۽ ماءُ جي ضرورتن جو بندوبست ڪرڻ ۽ ڪفالت ڪرڻ وغيره.

عام طور تي هڪ مسلمان مٿان ٻئي مسلمان جا پنج حق شمار ڪيا ويا آهن. حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ترجمو: هرهڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان مٿان پنج حق آهن: *سلام جو جواب ڏيڻ *بيمار جي طبع پرسي ڪرڻ، *جنازي جي پُٺيان هلڻ، *دعوت قبول ڪرڻ ۽ *ڇڪ ڏيندڙ کي (يرحمك الله) چوڻ. (صحيح البخاري: 1240)

**غير مسلمانن جا حق:** ڪافرن سان جنگ جاري هجي تہ مسلمانن مٿان حق آهي تہ اهي لڙائيءَ کان پهرئين کين اسلام جي دعوت ڏين، نہ مڃڻ جي صورت ۾ کين جزيي عيوض مسلمان رياست ۾ رهڻ جي اجازت ڏيڻ ۽ ٻئي صورتون نہ مڃين تہ جنگ ۾ اڳرائي نہ ڪرڻ پر جيڪڏهن جنگ لازمي ٿي وڃي تہ هيٺين ڳالهين جي پابندي ڪرڻ. *جنگ ۾ دشمن جي عورتن، ٻارن، پوڙهن، بيمارن ۽ ڪمزورن تي ڪهل ڪرڻ. *پُرامن طريقي سان مسلمان رياست ۾ فديي عيوض مستامن/ملازمت طور يا مسافر طور رهيل غير مسلمانن کي سندن جان، مال ۽ آبرو جو تحفظ فراهم ڪرڻ. *کين سندن عقيدي ۽ عبادت جي آزادي ڏيڻ، ساڻن معاملات ۽ قانوني طور رويي ۾ عدل ۽ انصاف برقرار رکڻ گڏوگڏ تجارتي ۽ سماجي تعلقات ۾ برابري ۽ مساوات رکڻ. *ضرورت وقت سندن اعانت ۽ مدد ڪرڻ. اهي سڀ ڳالهيون غير مسلمانن جي حقن ۾ شمار ٿين ٿيون.

**فائدا:** حقن جي ادائگيءَ سان سماج ۾ پُرامن فضا قائم ٿئي ٿي، تعلقات ۾ بهتري اچي ٿي. حقدارن کي حق ملڻ سان نہ صرف انهن جي ضرورتن ۽ مطالبن جو پورائو ٿئي ٿو بلڪ ان سان ٻنهي ڌُرين کي تسلي ۽ خوشي ملي ٿي ۽ الله تعالىٰ وٽ ان جو بهتر بدلو ملڻ جي اميد ٿئي ٿي. معاشي ضرورتن جو پورائو ٿئي ٿو ۽ سياسي اعتبار سان مختلف قومون ۽ رياستون هڪ ٻئي جي ويجهو ٿين ٿيون.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. حقوق العباد جو مفهوم ۽ اهميت ٻڌايو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. مسلمانن جا باهمي حق ڪهڙا آهن؟
2. مسلمانن مٿان غير مسلمن جا ڪهڙا حق آهن؟
3. حقن جي ادائيگي جا ڪهڙا فائدا آهن؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حق جي لغوي معنىٰ آهي:

(الف) پاڪ (ب) ظاهر
(ج) واضح (د) ثابت

2. حديث جي مطابق مسلمان جي مسلمان مٿان حقن مان آهي:

(الف) اهميت نہ ڏيڻ (ب) بي تعلق رهڻ
(ج) سلام ڪرڻ (د) دوستي ڪرڻ

3. حقن جي ادائيگي سان:

(الف) تعلقات بهتر ٿين ٿا (ب) صحت بهتر ٿئي ٿي
(ج) دولت ملي ٿي (د) سوچ وڌي ٿي

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- ❖ ’عورتن جا حق‘ جو مفهوم ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.
- ❖ اسلام ۾ عورت جو مقام ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.
- ❖ اسلام ۾ عورتن جي حقن جون ڪجھ صورتون: تعليم ۽ تربيت، عورتن جو احترام، عزتِ نفس، معاشي ۽ سماجي تحفظ، ذهني ۽ جسماني اذيت کان تحفظ، اظهار راءِ جي آزادي، ميراث ۾ حصيداري وغيره سمجهي بيان ڪري سگھندا.
- ❖ روزاني زندگيءَ ۾ عورتن جي حقن جي ادائيگيءَ کي سمجهي عمل ڪري سگھندا.

اسلام کان پهريان پوري دنيا ۽ خاص طور تي عربستان ۾ عورتن سان ظلم ۽ بي انصافيءَ وارو رويو اختيار ڪيو ويندو هو. انهن کي ذهني، جسماني توڙي سماجي اعتبار سان اذيتن ۾ رکيو ويندو هو ايتري قدر جو نياڻين کي زنده دفن ڪيو ويندو هو، نياڻيءَ جي پيدائش کي ناپسنديده سمجهي نفرت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. جنهن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ رب فرمايو آهي: ترجمو: ۽ جڏهن منجهائن ڪنهن هڪ کي ڌيءُ (ڄمڻ) جي خبر ڏبي آهي (تڏهن) سندس مُنهن ڪارائنجي ويندو آهي ۽ اُهو ڏک ڀريل هوندو آهي.(سورة النحل آيت:58)

ان دَور ۾ عورت ۽ نياڻي جا ڪي به حق تسليم ڪرڻ ته ڇا ان کي جياپي جي حق کان محروم رکيو ويندو هو. الله تعالىٰ پنهنجو ڪرم فرمائي ڌرتيءَ وارن سان احسان ڪندي انهن ڏانهن حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي رحمة للعالمين بڻائي موڪليو، جنهن انهن جي اکين تان انڌ ۽ جهالت جون پَٽيون لاٿيون ۽ کين سمجهايو ته عورت ۽ نياڻي به انسان آهي ۽ مخلوق ۾ مردن وانگي اشرف المخلوقات جو درجو رکي ٿي. اها ماءُ، ڌيءُ، ڀيڻ ۽ گھر واريءَ جي روپ ۾ اوهان جي عزت ۽ شان جو سبب آهي. الله تعالىٰ جيتوڻيڪ مرد کي سارسنڀال ۽ انتظامي اعتبار کان عورت تي هڪ درجو فوقيت ڏني آهي، تڏهن به اسلام عورت جي برابري ۽ مساوات جو قائل آهي.

**عورتن جا حق ۽ انهن جي اهميت:** اسلام جي اچڻ سان عورت نه صرف ظلم ۽ زيادتين کان محفوظ ٿي بلڪ ان جي تعليم ۽ تربيت، شادي ۽ غمي، گھر ٻار، عمل ۽ ذميداري توڙي هر

قسم جا حق مقرر ڪيا ويا. جنهن جو تفصيل قرآن ۽ سنت نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۾ ڏنل آهي.

عورتن جي حقوق جي لاءِ قرآن مجيد هدايت ڪري ٿو ته: ترجمو: عورتن جا به اهڙا ئي حق آهن جيڪي مردن جا مٿن دستور موجب آهن. (سورة البقره آيت: 228) اسلام عورت کي هر اهي حقوق ڏئي ٿو جنهن جي فطرت گُهر ڪري ٿي. ڪيس زندگي ير پيءُ، ياءُ، مڙس ۽ اولاد جي تحفظ ۾ رکيو ويو آهي. جيڪڏهن هوءَ گهريلو ۽ خانداني ذميداريون نيائي ٿي ته سندس ڪفالت به انهن فردن جي ذمي آهي، البته ضرورت وقت ڪيس پنهنجي عزت ۽ آبرو جي حفاظت سان مناسب ڪمائڻ ۽ ملازمت جو اختيار به حاصل آهي. گهريلو ۽ ذاتي ضروريات جي ڏيتي ليتي کان علاوه مختلف شعبن ۾ سندس راءِ کي اوليت حاصل هوندي آهي.

حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت عائلي زندگي بابت سيکاري ٿي ته گهر وارن سان سهڻو ڳالهائڻ، سندن راءِ ۽ مشوري کي اهميت ڏيڻ، انهن سان گهر جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻ، انهن سان ورونهن ۽ اُلفت جو اظهار ڪرڻ، ڪين تعليم ۽ تربيت جو موقعو فراهم ڪرڻ ۽ انهن جي ضرورتن ۽ تڪليفن ۾ ڀاڱي ڀاڱيوار ٿيڻ اهي سڀ عمل اجر ۽ ثواب جا سبب آهن. تنهنڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: توهان مان ڀلا اهي آهن جيڪي پنهنجي گهر وارن لاءِ ڀلا آهن ۽ آءٌ پنهنجي گهر وارن لاءِ تمام ڀلو آهيان. (ترمذي: 3895)

مرد هجي يا عورت، ان کي زبان، هٿ يا ڪنهن به طرح ڪا ذهني، جسماني توڙي سماجي اذيت پهچائڻ سخت گناهه جو ڪم آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ادب، اخلاق ۽ تربيت جي ضرورت هجي ته ان کي مناسب گفتگو ۽ نرم رويي سان سمجهائڻ گهرجي. حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مردن کي عورتن سان بهتر سلوڪ جي تاڪيد فرمائي آهي آءُ عورتن سان خير خواهي جي اوهان کي تلقين ڪريان ٿو. (صحيح بخاري: 3331)

اسلام ۾ هر عورت جي ڪفالت جو ذمو سندس سرپرستن مٿان آهي، ۽ جيڪڏهن سندن مال ملڪيت هوندي ته به اهي ملڪيت جون وارث رهنديون ۽ انهن کي شريعتَ وراثت ۾ تاڪيد ڪندي حصيدار بڻايو آهي.

مناسب تعليم ۽ تربيت هر مسلمان جو حق آهي، پوءِ اهو مرد هجي يا عورت. ذاتي زندگي جي بهتر معيار ۽ گهر ٻار جي سارسنڀال توڙي اولاد جي تربيت لاءِ دين جي تعليم مردن سان گڏوگڏ عورتن جو به حق آهي. جڏهن ته هر علائقي ۽ محلي مان سماجي ضرورتن

مطابق دعوت ۽ تبليغ، علاج معالجي، مالياتي، طبي توڙي سماجي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ عورتن کي تعليم ۽ تربيت لاءِ تيار ڪرڻ بہ شرعي مزاج جي خلاف ناهي ۽ انهن سيني شعبن ۾ عملي طور تي عورت پنهنجون خدمتون، تقرير، تحرير، تدريس توڙي تحقيق جي صورت ۾ پيش ڪري سگهي ٿي. البتہ پاڪدامني، حياء ۽ پرديداريءَ جي اهتمام جي ڀرپور پوئواري ڪرڻي پوندي، جو تہ اهي شيون بہ سندس ذميدارين ۾ شامل آهن.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. اسلام عورتن کي ڪهڙا حق ڏنا آهن ؟ وضاحت ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. اسلام کان اڳ عورتن جي ڪهڙي حيثيت هئي ؟
2. حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جو عورتن سان رويو ڪهڙو هو؟
3. عورت جي ڪفالت بابت اوهين ڇا ٿا ڄاڻو؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حديث مطابق توهان مان ڀلا اهي آهن جيڪي گهروارن لاءِ:
   - (الف) فائدي مند آهن — (ب) لاپرواهہ آهن
   - (ج) ڀلا آهن — (د) سچا آهن
2. جهالت واري دور ۾ نياڻين کي:
   - (الف) ٻڪيو رکيو ويندو هو — (ب) زنده دفن ڪيو ويندو هو
   - (ج) سرعام قتل ڪيو ويندو هو — (د) خاندان مان ڪڍيو ويندو هو
3. عورتن جي ڪفالت جو ذمو:
   - (الف) حڪومت تي آهي — (ب) سيني مسلمانن تي آهي
   - (ج) سندن سرپرستن تي آهي — (د) پاڙيسرين تي آهي

**استادن لاءِ هدايتون**

قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ عورتن کي مليل حقن بابت هڪ ورڪشاپ جو اهتمام ڪريو، جنهن ۾ ماءُ، ڀيڻ، زال ۽ ڌيءُ جي حقن بابت وڌيڪ روشني وجهو.

## 7 مسلمانن جو باهمي اتحاد

### سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- ❖ مسلمانن ۾ باهمي اتحاد جو مفهوم ۽ اهميت چاٽي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ مسلمانن ۾ باهمي اتحاد جون صورتون سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ جيڪي ڳالهيون مسلمانن جي گڏيل اتحاد لاءِ نقصانڪار آهن سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ روزاني زندگيءَ ۾ مسلمانن جي باهمي اتحاد واري تعلق کي سمجهي عمل ڪري سگهندا.

**تعارف:** 'باهمي' لفظ جي معنىٰ آهي: گڏيل ۽ اجتماعي. جڏهن ته اتحاد، ٻَڌي، ايڪي ۽ اتفاق کي چئبو آهي. مسلمانن جي باهمي اتحاد جو مطلب آهي ته پوري دنيا جا مسلمان پنهنجي مشڪلاتن، تڪليفن ۽ چئلينجن کي منهن ڏيڻ، اسلام جي متفق راءِ کي گڏيل تعبير ۾ پيش ڪرڻ ۽ مستقبل جي حالات کي بهتر انداز سان هلائڻ لاءِ پاڻ ۾ ٻَڌي ۽ ايڪو قائم رکن.

الله تعالىٰ انسانن جون طبيعتون ۽ سندن مزاج مختلف ناهيا آهن. هر ماڻهوءَ جي سوچ، راءِ، ڪردار، عادتون ۽ طور طريقا الڳ الڳ آهن. انسان پنهنجي ذات بابت ڪنهن فيصلي ڪرڻ ۾ آزاد ۽ خودمختيار آهي. البته جڏهن معاملو ڪنهن ٻئي ماڻهو يا گڏيل مفاد جو هجي ته اتي ڪنهن جي ذاتي ۽ اڪيلي راءِ ڪارگر نه ٿيندي آهي، بلڪ ان لاءِ گڏيل راءِ کي ترجيح ڏني ويندي آهي نه ته انتشار ۽ جهيڙي جهٽي جو خدشو وڌي ويندو آهي.

اسلام ۾ باهمي تعاون، همدردي، صلاح مشوري توڙي گڏيل اتحاد تي زور ڏنو ويو آهي، جو ته انهن شين سان عزت، وقار ۽ الله تعالىٰ جي خوشنودي حاصل ٿئي ٿي. الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ اتحاد لاءِ تاڪيد ڪندي مؤمنن کي فرمائي ٿو: ترجمو: ۽ الله جي رسيءَ (يعني قرآن) کي سيئي مضبوطي سان وٺو ۽ ڇڙوڇڙ نه ٿيو. (سورة آل عمران آيت: 103)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مؤمن مؤمن لاءِ ديوار مثل آهي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهي هٿن جون آڱريون ملائيندي فرمايو ته اهي هڪ ٻئي کي اهڙيءَ طرح مضبوط بنائين ٿا. (بخاري: 481، مسلم: 2585)

اسلامي اتحاد جو بنيادي ايڪو ان جي آئين ۽ دستور سان منسلڪ آهي. جنهن جو بنياد قرآن مجيد ۽ سنت آهن. ڏهاڙي باجماعت نماز، هفتي ۾ جمعي جا اجتماع سال ۾ بن

عيدن تي ميل ملاقات توڙي حج جا عالمي اجتماع مسلمانن جي اتحاد ۽ اتفاق جا وڏا مثال آهن.

مسلمانن سان تعلق رکندڙ جيڪي به جماعتون، ادارا ۽ رياستون توڙي ملڪ آهن، تن کي هر معاملي جي مشترڪ ڳالهين تي يڪراءِ ٿيڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ گهرجي. خطبہ حجة الوداع جي روشنيءَ ۾ رنگ، نسل ۽ جنس جي تفريق کان سواءِ پرهيزگاري سچائي ۽ ديانتداري واري پهلوءَ کي اختيار ڪرڻ گهرجي.

نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي ڳالهه ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ۽ اتحاد ڪرڻ گهرجي ۽ ڪڏهن به بُرائي توڙي گناهه جي باري ۾ تعاون ۽ اتفاق ڪرڻ نه گهرجي. اتحاد ۽ اتفاق جو ثمر ۽ نتيجو ان تي عمل ڪرڻ سان ظاهر ٿيندو آهي. تنهنڪري عملي طور اتحاد ۽ مسلمانن کي گڏجڻ جي ترغيب ڏيڻ گهرجي ۽ ان ۾ پورو پورو حصو وٺڻ گهرجي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. باهمي اتحاد جو مفهوم ۽ اهميت بيان ڪريو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. اتحاد جا فائدا بيان ڪريو.
2. اسلام اتحاد ۽ اتفاق ڇا لاءِ ٿو سيکاري؟
3. مسلمانن جي اتحاد جون صورتون ڪهڙيون آهن؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. هڪ راءِ تي نہ گڏجڻ سان ٿيندو آهي:

(الف) فيصلو (ب) جهيڙو
(ج) اتفاق (د) قرب

2. ”الله جي رسي کي سيئي مضبوطيءَ سان وٺو ۽ ڇڙو ڇڙ نہ ٿيو“ فرمايل آهي:

(الف) قرآن مجيد ۾ (ب) حديث شريف ۾
(ج) فقه ۾ (د) تاريخ ۾

3. اسلامي اتحاد جا بنياد آهن:

(الف) قرآن ۽ تفسير (ب) حديث ۽ اصول حديث
(ج) قرآن ۽ سنت (د) فقه ۽ اصول فقه

باب چوٿون

## هدايت جا سرچشما ۽ مشاهير اسلام

مشاهير اسلام مان اسلام جون اهي عظيم ۽ نامور شخصيتون مراد آهن جن دين، علم، تصوف، سائنس، فن، ادب، سياست ۽ سماج ۾ انمول خدمتون سرانجام ڏئي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ عوام ۾ مقبول بڻايو. جنهن سان نه صرف سماج ۾ بهتري آئي ۽ ماڻهن کي رهنمائي حاصل ٿي بلڪ اهي عظيم شخصيتون عوام لاءِ رهنما طور مقبول بڻجي ويون.

اهڙن عظيم شخصيتن جي ڪارنامن، مشاهدن ۽ تجربن توڙي علمي ڪارنامن مان اڳين دور جي ماڻهن مان سبق حاصل ڪري مستقبل جون راهون طئي ڪري سگهجن ٿيون. مضبوط ۽ پائيدار سماجي ترقيءَ ۾ اهڙين شخصيتن بابت معلومات حاصل ڪرڻ ۽ نئين نسل کي سندس خدمتن کان واقف ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

هن باب ۾ اهڙين مشهور شخصيتن مان حضرت امام جعفر صادق، حضرت امام ابو حنيفہ، حضرت امام مالڪ، حضرت امام شافعي ۽ حضرت امام احمد بن حنبل رحمهم الله بابت سبق شامل ڪيا ويا آهن. جنهن جو مقصد آهي ته شاگرد ۽ شاگردياڻيون مشاهير اسلام جي پاڪيزه سوانح حيات کان واقف ٿين، عملي طور انهن جي تابعداري ڪري سگهن. سندن

## 1 حضرت امام جعفر صادق رحمة اللّٰہ عليہ

### سِکيا جي حاصلات

- ولادت ۽ حسب نسب ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- اسلامي تعليم ۽ تربيت سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جا اخلاق، اوصاف ۽ فضائل ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جي علمي، ديني ۽ فقهي خدمتون سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- روزاني زندگيءَ ۾ حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جي سيرت ۽ ڪردار جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري سگهندا.

**حسب و نسب:** امام جعفر صادق رحمة الله عليه سادات خاندان جا چشم و چراغ آهن. سندن نالو جعفر، ڪُنيت ابو عبدالله ۽ لقب صادق آهي. سندن والد جو نالو محمد آهي ۽ 'باقر' جي لقب سان مشهور آهن. جيڪي حضرت امام حسين رضي الله عنه جا پوٽا آهن ۽ ان اعتبار ڪان امام جعفر صادق رحمة الله عليه حضرت امام حسين رضي الله عنه جا پڙپوٽا آهن. سندن سلسلہ نسب هن ريت آهي: سيدنا جعفر بن محمد بن علي بن حسين بن علي بن ابي طالب (رضي الله عنهم).

سندن ناناڻو خاندان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن سان ملي ٿو، ڇاڪاڻ تہ امام جعفر صادق رحمة الله عليه جي والده حضرت 'ام فروه' حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي پوٽي حضرت قاسم بن محمد جي ڌيءُ هئي. حضرت انس بن مالڪ ۽ ڪجهہ ٻين صحابن سڳورن رضي الله عنهم سان ننڍپڻ ۾ امام جعفر صادق رحمة الله عليه صاحب جي ملاقات ثابت هجڻ جي ڪري ڪن عالمن کين تابعين ۾ شمار ڪيو آهي.

**تعليم ۽ تربيت:** حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جي ولادت 17 ربيع الاول سن 83 هجريءَ ۾ مدينہ منوره ۾ ٿي ۽ پاڻ پنهنجي والد حضرت امام محمد باقر رحمة اللّٰہ عليه وٽان تعليم جي شروعات ڪيائون. چوڏهن سالن تائين سندن ڏاڏي حضرت امام علي زين العابدين رحمة اللّٰہ عليه جي صحبت مان بہ فيض حاصل ڪندا رهيا. پاڻ مشهور فقيه حضرت امام ابو حنيفہ رحمة اللّٰہ عليه جي استادن ۾ شامل آهن. هڪ ڀيري امام ابو حنيفہ کان پُڇيو

ويو ته اوهان جي نظر ۾ سڀ کان وڏو فقيه ڪير آهي؟ جواب ۾ امام صاحب فرمايو ته ”مون سيدنا حضرت جعفر بن محمد کان وڏو فقيه نه ڏٺو آهي.“

**اخلاق، اوصاف ۽ فضائل:** حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه عبادت، زهد، تقوىٰ ۽ اخلاق ۾ وڏو درجو رکن ٿا. حضرت مالڪ بن انس رضي الله عنه فرمايو ته ”مون حضرت جعفر بن صادق کي هميشه ٽن حالتن ۾ ڏٺو يا ته پاڻ روزي سان يا نفل ۽ قيام سان يا تمام گهڻي ذڪر و اذڪار سان ڏسبا هئا.“ ان کان وڌيڪ مون فضيلت، علم، عمل ۽ تقوىٰ ۾ ڪنهن کي به نه ڏٺو، نه ڪنهن کي ٻُڌو ۽ نه ئي اهڙو ڪو صاحب فضيلت ڪنهن جي ذهن ۾ تي سگهي ٿو. (شرح زرقاني علي موطا امام مالڪ، ڪتاب الجمع، باب القرائت في صلوة الجمعة و احتباء و من ترڪها من غير عذر، جلد 1 صفحو 410) حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن سان نسبت جي سبب سخاوت ۾ پاڻ سنت جو اعلىٰ نمونو هئا. پاڻ ماڻهن کي صدقي ۽ خيرات جي ذريعي ايترو ته نوازيندا هئا جو سندن اهل ۽ عيال لاءِ به باقي نه بچندو هو. سخاوت ۾ پاڻ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي پيروي ڪندا هئا، پنهنجي فقر جي حالت جي به پرواهه نه ڪندا هئا.

سيدنا امام جعفر صادق رحمة الله عليه جن حق سچ چوڻ کان ڪِين لهرائيندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ عباسي خليفي ’منصور‘ جي مجلس ۾ وينا هئا. جيڪو پنهنجي رعب ۽ سختيءَ ڪري مشهور هو. اچانڪ هڪ مَک خليفي جي نڪ تي اچي ويني، خليفي جي بار بار تڙڻ باوجود به واپس اچي نڪ تي ٿي ويني. خليفي امام جعفر صادق رحمة الله عليه کان پُڇيو ته الله تعالىٰ هن مَک کي ڇو پيدا ڪيو آهي؟ تڏهن پاڻ بي باڪ ٿي جواب ڏنائون ته ”ظالمن ۽ جابرن جي غرور ۽ تڪبر ختم ڪرڻ لاءِ“. سندن اشارو خليفي ڏانهن هو. اهڙو جواب ٻُڌي خليفو خاموش ٿي ويو. پاڻ رحمة الله عليه فرمائيندا هئا ته دين جي معاملي ۾ لڙائي جهڳڙي کان بچو، ڇاڪاڻ ته ان سان بغض، نفرت، دشمني ۽ نفاق جهڙيون صفتون پيدا ٿين ٿيون.

**خدمتون:** امام جعفر صادق رحمة الله عليه حديثن جي روايت، درس ۽ تدريس، سياست، سفارت کان علاوه ماڻهن جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ عظيم خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. سندن حياتيءَ ۾ مختلف ديني علمن مثال طور: تفسير، حديث، فقه، علم الڪلام، طب، فلسفي ۽ نجوم جو خاصو چرچو هو ۽ گڏوگڏ فڪري ۽ نظرياتي ميدان ۾ مختلف اعتبار سان قرآن ۽ سنت خلاف سازشون به ٿي رهيون هيون، ان وقت امام جعفر صادق رحمة الله عليه

تعليمي ۽ فڪري لحاظ سان عوام ڪي حق تي آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا. علمي اعتبار سان وڏا وڏا عالم ۽ فقيه هئا مثلاً: ان دور جا وڏا عالم امام ابو حنيفه، امام مالڪ، واصل بن عطا ۽ امام موسىٰ ڪاظم جهڙيون هستيون ڪانئن علم جا فيض حاصل ڪنديون رهيون. طب ۽ سائنسي ميدان جو عظيم ڄاڻو جابر بن حيان به سندن شاگردن مان آهي، جنهن تمام گهڻين ايجادن سان عالم اسلام جو نالو روشن ڪيو.

حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جن تمام گهڻين علمي ۽ ديني خدمتن سان گڏ سياسي فريضو به سرانجام ڏنو. پاڻ حڪمرانن ڪي سندن بدعنوانين، بي انصافين ۽ غير اسلامي سرگرمين تي تنبيه ڪندا رهندا هئا ۽ عوام جي بهتريءَ لاءِ ڪوشان رهندا هئا. هر وقت علمي ۽ فڪري جهاد ۾ مصروف رهندا هئا. سندن عظيم ڪارنامو علم حديث جي روايت ڪرڻ، ان ڪي فروغ ڏيڻ ۽ مسلمانن جي عقيدي ۽ فڪر جي لحاظ کان شبهن ۽ خطرن کان حفاظت ڪرڻ آهي، انهن سيني خوبين کان علاوه سندن خانداني حسب نسب پڻ ماڻهن ۾ رغبت ۽ مقبوليت جو سبب بڻيو. هڪ قول مطابق اهي سڀ ڳالهيون وقت جي خليفي ڪي پنهنجي لاءِ خطرناڪ محسوس ٿيون، جنهن امام صاحب ڪي زهر ڏياري شهيد ڪرائي ڇڏيو. امام جعفر صادق رحمة الله عليه جو سڀ کان وڏيڪ اهم ڪارنامو فقه جعفريه جو مشهور ڪتاب 'شرائع الاسلام' جي تصنيف آهي، هن وقت ايران ۾ سرڪاري طور تي فقه جعفريه رائج آهي، فقه جعفريه جا پوئلڳ بحرين، عراق، هندستان، پاڪستان، لبنان ۽ شام وغيره ۾ موجود آهن.

**وفات:** حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جي شهادت 149 هجريءَ ۾ ٿي، سندن جنازي نماز سندن فرزند حضرت امام موسىٰ ڪاظم رحمة الله عليه پڙهائي ۽ ڪين سندن والد حضرت امام محمد باقر رحمة الله عليه جي پرسان جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جي زندگي ۽ ديني خدمتن جي باري ۾ تفصيلي مضمون لِکو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جو ڏاڏاڻي ۽ ناناڻي وارو سلسلو ڪهڙو آهي؟
2. حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جا اخلاق ۽ اوصاف ڇا هئا؟

3. حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه ڪان ڪهڙين وڏين شخصيتن فيض حاصل ڪيو؟

4. حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جي سيرت مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو.

(ج) **دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جي نظر ۾ وقت جو سڀ کان وڏو فقيه هو:

(الف) امام جعفر صادق رحمة الله عليه (ب) امام ابو يوسف رحمة الله عليه

(ج) امام محمد رحمة الله عليه (د) امام زفر رحمة الله عليه

2. ”حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه يا روزي ۾ هوندا هئا يا نفلي عبادت ۾ يا تلاوت ۽ ذڪر ۾“ اهو قول آهي:

(الف) حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه جو (ب) حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جو

(ج) حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جو (د) حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه جو

3. حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جي جنازي نماز پڙهائي:

(الف) جابر بن حيان (ب) امام موسیٰ ڪاظم رحمة الله عليه

(ج) امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه (د) امام مالڪ رحمة الله عليه

# حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليہ

## سِکيا جي حاصلات

- حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جي ولادت، حسب نسب ۽ تعليم ۽ تربيت ڄاڻي بيان ڪري سگهندا.
- حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جا اخلاق، اوصاف ۽ فضيلتون سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جي علمي، ديني ۽ فقهي خدمتون سمجهي بيان ڪري سگهندا.
- روزاني زندگي ۾ حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جي سيرت ۽ ڪردار جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري سگهندا.

**ولادت ۽ حسب نسب:** حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليه تمام بلند شان ۽ مرتبي واري شخصيت آهن. ڪين تابعي هجڻ جو شرف نصيب آهي، گڏوگڏ پاڻ فقه اسلامي جي ابتدائي تدوين ڪرڻ وارا هئا. محدث، مجتهد، فقيهہ ۽ فقه حنفي جا باني مڃيا وڃن ٿا. امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جو پورو نالو نعمان بن ثابت آهي. سندن ابا ڏاڏا فارسي هئا. پاڻ ابو حنيفہ جي ڪنيت استعمال ڪيائون. سندن ولادت 80 هجريءَ مطابق 699 ع ڌاري عراق جي شهر ڪوفي ۾ هڪ خوشحال گهراڻي ۾ ٿي. سندن خاندان ڪاروبار ڪندڙ هو ۽ ڪپڙي جي واپار ۾ مشهور هو. ان وقت ڪوفو علم جو مرڪز هو ۽ ڪيترائي اصحابي سڳورا رضي الله عنهم بہ ان وقت حيات هئا.

**تعليم ۽ تربيت:** حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جو خاندان ڪوفي جي واپاري گهراڻن مان هو ۽ ڪپڙي جي واپار ۾ مشهور هو. پاڻ ننڍپڻ ۾ قرآن پاڪ ياد ڪيائون جڏهن تہ تجويد ۽ قرائت جو علم امام عاصم ڪوفي رحمة الله عليه کان حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ پاڻ ڪاروباري ڪمن ۾ مصروف هئا تہ هڪ ڀيري سندن ملاقات ان دور جي هڪ وڏي محدث امام عامر شعبي رحمة الله عليه سان ٿي. جن ڪانئن مصروفيت پُڇي ۽ نصيحت ڪئي تہ ”آءٌ تو ۾ هوشياري ۽ بيدار مغزي ڏِسان پيو، سو منهنجو مشورو آهي تہ ديني علم پراءِ ۽ عالمن جي مجلس ۾ شامل ٿيندو رهہ.“

حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه فرمائي ٿو تہ امام شعبي رحمة الله عليه جي اها نصيحت مون کي دل سان لڳي ۽ مون بازار جي اچ وڃ ڇڏي ڏني پنهنجو وقت علم جي حصول ۾ استعمال ڪرڻ لڳس، ۽ الله تعالیٰ مون کي تمام گهڻو نوازيو.

اهڙي طرح پاڻ تقريباً 18 سال امام حماد بن ابي سليمان رحمة الله عليه وٽان فيض پرائيندا رهيا، ايستائين جو سندن شمار حماد بن سليمان جي وڏن وڏن شاگردن ۾ ٿيڻ لڳو، جڏهن تہ فقه حنفي جو گهڻو مدار حماد بن ابي سليمان رحمة الله عليه جي راءِ تي آهي، جيڪي حضرت علي ڪرم الله وجهه، حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه ۽ حضرت ابراهيم نخعي رحمة الله عليه جي فقه جا سڀ کان وڏا عالم مڃيل هئا. پاڻ سڀ کان پهريان ڪوفي ۾ علم پرايائون، جيڪو ان وقت وڏو علمي مرڪز هو ۽ ان کان پوءِ حرمين شريفين ۽ آخر ۾ پاڻ بصري مان بہ علم حاصل ڪيائون.

**اخلاق ۽ اوصاف:** حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جي زندگيءَ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ پاڻ علم و عمل ۽ سهڻي اخلاق جا صاحب هئا. پاڻ نهايت ذهين ۽ مضبوط حافظي جا مالڪ، بردبار، سخي، عبادت ۽ رياضت جي پابنديءَ سان گڏوگڏ تقویٰ ۽ دانائيءَ ۾ گهڻو مشهور هئا. امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه هيٺ ڏنل خوبين سبب منفرد مقام رکن ٿا:

- ڪجهہ اصحاب سڳورن رضي الله عنهم جي زيارت جي ڪري کين تابعي هجڻ جو شرف مليو.
- کين وڏن وڏن تابعين ۽ محدثن جي دور ۾ اجتهاد ۽ فتویٰ نويسي جو موقعو مليو.
- حديث ۽ فقه جي وڏين نامور هستين سندن کان روايتون ڪيون آهن.
- کين اهي عظيم شاگرد مليا جن علم حديث ۽ فقه ۾ بيحد خدمتون سرانجام ڏنيون، جهڙوڪ: امام ابو يوسف، امام محمد ۽ امام زفر رحمة الله عليهم.
- کين تقريباً چار هزار استادن وٽان علم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو.

**علمي خدمتون:** امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جا اجتهادي مسائل ۽ طريقا ٻارنهن سؤ سالن کان عالم اسلام ۾ ڦهليل آهن ۽ ڪيترن ئي وڏن وڏن اسلامي ملڪن ۾ قانون ۽ مسائل سندن ئي مسلڪ مطابق رائج آهن.

ڪوفي ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رحمة الله عليه ماڻهن کي قرآن ۽ حديث جي تعليم ڏيندا رهيا. حضرت علقمہ بن قيس ڪوفي ۽ حضرت اسود بن يزيد ڪوفي سندن خاص شاگرد هئا. حضرت علقمہ ۽ حضرت اسود بن يزيد جي وفات کان پوءِ حضرت ابراهيم نخعي ڪوفي سندن مسند تي وينو ۽ علم فقه کي وڏي وسعت ڏنائين، کيس 'فقيه العراق' جو لقب

مليو. حضرت ابراهيم نخعي جي زماني ۾ فقه جو غير مرتب مواد جمع ٿي چڪو هو جيڪو سندن خاص شاگرد حضرت حماد ڪوفي رحمة الله عليه محفوظ ڪيو جنهن اهو امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه کي ڏنو ۽ حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه پنهنجي شاگردن امام ابو يوسف، امام محمد بن حسن الشيباني ۽ امام زفر کي مرتب شڪل ۾ ڏنو، جيڪو انهن باقاعده ڪتابن جي صورت ۾ پيش ڪيو. اهي ڪتاب اڄ بہ موجود آهن. سندن شاگردن امام صاحب کان ورتل حديثن کي، حدثنا ۽ اخبرنا جي لفظن سان لکيو آهي. امام اعظم جي ان درسي ورثي جو نالو 'ڪتاب الآثار' آهي. اهو پهريون ڪتاب آهي جنهن بعد وارن محدثن لاءِ فقهي ابواب بندي ۽ ترتيب جا رهنما اصول فراهم ڪيا. امام صاحب جي مشهور شاگرد امام محمد بن حسن الشيباني رحمة الله عليه جا مشهور ڪتاب 'المبسوط'، 'الجامع الصغير'، 'الجامع الڪبير'، 'الزيادات'، 'السيرالصغير' ۽ 'السير الڪبير' بہ فقه حنفي جا اهم ماخذ آهن. فقه حنفي دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ رائج آهي جن ۾ ترڪي، شام، لبنان، اردن، مصر، عراق، افغانستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش وغيره شامل آهن.

**وفات:** عباسي خليفي ابو جعفر منصور، امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه کي ملڪ جو قاضي القضاة ٿيڻ لاءِ چيو، پر پاڻ انڪار ڪيائون ۽ خليفو اصرار ڪرڻ لڳو. تڏهن امام صاحب صاف انڪار ڪيو ۽ قسم ڪنيو تہ آءٌ اهو عهدو سنڀالي نہ ٿو سگهان. ان انڪار جي ڪري 146 هجريءَ ڌاري کين قيد ڪيو ويو. سندن مقبوليت سبب جيل ۾ بہ سندن تعليمي سلسلو جاري رهيو ۽ حضرت امام محمد الشيباني جهڙو محدث ۽ فقيه بہ جيل ۾ وٽائن علم پرائيندو رهيو. سن 150ھ ڌاري وفات ڪري ويا. تقريباً 50 هزار ماڻهن سندن جنازي نماز پڙهي ۽ بغداد جي خيزران قبرستان ۾ کين دفن ڪيو ويو. دفن ڪرڻ کان پوءِ بہ 20 ڏينهن تائين سندن قبر جي قريب جنازي نماز جو سلسلو جاري رهيو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن تي تفصيلي نوٽ لِکو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جي استادن جو ذڪر ڪريو.
2. حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جون علمي خدمتون لکو.
3. حضرت ابو حنيفہ رحمة الله عليه جا اخلاق ۽ اوصاف لکو.

(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:

1. حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه کي وڏيڪ تعليم پرائڻ جي نصيحت ڪئي:

(الف) عامر شعبي رحمة الله عليه (ب) عاصم ڪوفي رحمة الله عليه

(ج) ابراهيم نخعي رحمة الله عليه (د) حماد بن ابي سلمان رحمة الله عليه

2. حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه کي الله تعالىٰ شرف عطا ڪيو:

(الف) صحابي هجڻ جو (ب) تابعي هجڻ جو

(ج) تبع تابعي هجڻ جو (د) ولايت جو

3. حضرت امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه ڏانهن منسوب ڪتاب جو نالو آهي:

(الف) المبسوط (ب) الزيادات

(ج) الجامع الڪبير (د) ڪتاب الآثار

## 3 حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه

### سِکيا جي حاصلات

- حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه ولادت ۽ حسب نسب ۽ تعليم و تربيت ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.
- حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جا اخلاق، اوصاف ۽ فضيلتون سمجھي بيان ڪري سگھندا.
- حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جي علمي، ديني ۽ فقهي خدمتن کان روشناس ٿي بيان ڪري سگھندا.
- روزاني زندگيءَ ۾ حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جي سيرت ۽ ڪردار جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري سگھندا.

**تعارف:** حضرت امام مالڪ بن انس رحمة الله عليه مدينہ منوره جو امام ۽ اڪابرين اسلام منجهان آهي. پاڻ حجاز ۾ حديث ۽ فقه جا امام هئا. امام شافعي رحمة الله عليه ڪانئن علم حاصل ڪيو، امام مالڪ رحمة الله عليه جي فقه تي عمل ڪندڙن ڪي مالڪي سڏيو وڃي ٿو.

حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جي پيدائش 93 هجريءَ ۾ مدينہ منوره ۾ ٿي. ڪنيت ابو عبدالله ۽ لقب امام دارالهجرة آهي. علماء وٽ 'امام مالڪ' ۽ 'شيخ الاسلام' جي نالي سان مشهور آهي. پاڻ فقه جي سڀ کان وڏيڪ پروسي وارن عالمن مان آهي. امام شافعي نَون سالن تائين امام مالڪ جو شاگرد رهيو ۽ پاڻ بہ پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم هئو، تنهن فرمايو تہ، "عالمن ۾ مالڪ بن انس هڪ چمڪندڙ تاري جيان آهي."

**تعليم ۽ تربيت:** امام مالڪ رحمة الله عليه حديث ۽ فقه جو علم ڇهه سو استادن کان حاصل ڪيو، انهن مان ٽي سو تابعين آهن، پهريون استاد ربيع بن ابي عبدالرحمٰن الرائي آهي ۽ پوءِ ابوبڪر بن عبدالله ابن هرمز کان علم حاصل ڪيو. سندن استادن ۾ امام ابن شهاب زهري ۽ ٻيا ڇهه سو استاد شامل آهن. جن مان نافع مولىٰ بن عمر، ابوالزناد عبدالله بن زکوان، عبدالرحمٰن بن قاسم، ايوب سختياني ۽ ثور بن زيد الديلي رحمهم الله وغيره وڏيڪ مشهور آهن. سندن اهي سڀ استاد مدني آهن.

**اخلاق ۽ اوصاف:** پاڻ نهايت ديانتدار، اصول پرست ۽ بامروت هئا. ڪين جيڪو تحفو يا هديو ملندو هو ته ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. حق جي معاملي ۾ ڪنهن به سزا ۽ قيد کان نه گهبرايائون.

حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي نالي مبارڪ جو ايترو ته ادب ڪندا هئا جو سندن نالو مبارڪ چپن تي ايندي ئي امام صاحب جي چهري جو رنگ بدلجي ويندو هو. امام مالڪ رحمة الله عليه قرآن پاڪ کان پوءِ حديث کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندا هئا. جنهن حديث جي سَند صحيح سمجهندا هئا، ان مان مسئلن جو استنباط ڪندا هئا. جنهن حديث تي مديني وارن جو عمل هوندو هو ان کي معتبر ڄاڻندا هئا. اصحاب سڳورن رضي الله عنهم جي قول مان به رهنمائي وٺندا هئا.

**علمي خدمتون:** حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه سترهن سالن جي عمر ۾ مديني شريف ۾ درس و تدريس جو ڪم سنڀاليو. پاڻ حديث جو سبق وڏي ادب ۽ احترام سان ڏيندا هئا. غسل ڪري، صاف سٿري پوشاڪ پائي، خوشبوءِ لڳائي پوءِ حديث جو سبق ڏيڻ لاءِ ويهندا هئا.

امام مالڪ رحمة الله عليه جي زماني ۾ عباسي خليفن جي بغداد تي حڪومت هئي، جنهن زماني ۾ امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه ڪوفي ۾ هو، ان ئي زماني ۾ امام مالڪ رحمة الله عليه مديني ۾ هو. مديني ۾ رهڻ سبب پنهنجي زماني جو حديث جو سڀ کان وڏو عالم هو. پاڻ حديث جو هڪ ڪتاب لکيائون، جيڪو مؤطا امام مالڪ جي نالي سان مشهور آهي. پاڻ عشقِ رسول ۽ اهلِ بيت جي محبت سان ايترو سرشار هئا جو مديني شريف ۾ سڄي ڄمار پيرين اُگهاڙي گُهمندا رهيا. فقه مالڪي جا پيروڪار شمالي آفريڪا، ڪويت، مصر، سوڊان، قطر، بحرين ۽ تيونس وغيره ۾ موجود آهن.

امام صاحب کان روايت ڪندڙن جو تعداد 1300 ٻُڌايو ويو آهي. امام محمد ، امام شافعي ۽ امام ابو يوسف رحمة الله عليهم به سندن شاگردن ۾ شامل آهن.

**وفات:** حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه 179 هجريءَ ڌاري مديني ۾ ڇهاسي سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ڪين جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جي زندگيءَ ۽ ديني خدمتن تي تفصيلي مضمون لِکو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

2. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جي شاگردن ۽ استادن جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟
3. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جي ڪتاب جو نالو ڇا آهي ۽ ان جي ڪهڙي اهميت آهي؟
4. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه ڪڏهن وفات ڪئي ۽ کين ڪٿي دفن ڪيو ويو؟

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جي حياتيءَ ۾ ڪوفي ۾ درس ڏيندو هو:

(الف) امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه (ب) امام شافعي رحمة الله عليه
(ج) امام ابو يوسف رحمة الله عليه (د) امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه

2. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جي شاگردن مان هڪ عالم وڏو امام ٿيو اهو هو:

(الف) امام شافعي رحمة الله عليه (ب) امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه
(ج) امام ابو يوسف رحمة الله عليه (د) امام محمد رحمة الله عليه

3. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه جو مرتب ڪيل ڪتاب مشهور آهي:

(الف) ڪتاب الآثار (ب) مسند احمد
(ج) الجامع الصغير (د) مؤطا

## 4 حضرت امام محمد بن ادريس شافعي رحمة الله عليه

### سِکيا جي حاصلات

- حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جي ولادت، حسب نسب، تعليم ۽ تربيت جاڻي بيان ڪري سگھندا.
- حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جا اخلاق، اوصاف ۽ فضيلتون بيان ڪري سگھندا.
- حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جون علمي، ديني ۽ فقهي خدمتون بيان ڪري سگھندا.
- روزاني زندگيءَ ۾ حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جي سيرت ۽ ڪردار جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري سگھندا.

**تعارف:** حضرت امام محمد بن ادريس شافعي رحمة الله عليه پنهنجي زماني جو وڏو عالم ۽ فقيه ٿي گذريو آهي. عربي زبان جو ماهر ۽ وڏو ليکڪ هو، سندس نالو محمد ۽ ڪُنيت ابو عبدالله آهي. پاڻ مؤرخن ۽ محدثن وٽ امام محمد بن ادريس الشافعي رحمة الله عليه جي نالي سان مشهور آهن. سندن پيڙهي هڪ صحابي حضرت شافع بن صائب رضي الله عنه سان ملي ٿي، جنهن جي ڪري کين شافعي چئجي ٿو ۽ ناصر الحديث جي لقب سان به مشهور آهن.

حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جو نسب هن ريت آهي: محمد بن ادريس بن عباس بن عثمان بن شافع سندن والده جو نالو فاطمہ بنت عبدالله آهي. سندن ولادت رجب مهيني ۾ 150 هجري مطابق 768ع ڌاري فلسطين جي غزه شهر ۾ ٿي. سندن والد مکي مان بين مسلمانن سان گڏ هجرت ڪري فلسطين آيو هو جتي غزه ۽ پوءِ عسقلان ۾ به رهيو پر پوءِ امام صاحب جي والده کيس مکي وٺي آئي. جتي پاڻ حضرت امام مالک رحمة الله عليه وٽ تعليم ورتائون ۽ سندن عمر جو وڏو حصو مکي، مديني، بغداد ۽ مصر ۾ گذريو.

**تعليم ۽ تربيت:** حضرت امام شافعي رحمة الله عليه ٻڌائي ٿو ته ”ننڍپڻ ۾ منهنجو ڌيان ٻن شين ڏانهن هو: حصول علم ۽ تير اندازي. تير اندازيءَ ۾ ايترو پڪُو هئس جو ڏهن مان ڏهہ ئي نشانا صحيح لڳندا هئا. آءٌ يتيم هيس ۽ والده وٽ ايترا پئسا ڪونہ هئا جو تعليم حاصل ڪري سگھان پر پوءِ اهڙو انتظام ٿي ويو جو استاد مون کي بغير اجرت جي پڙهائڻ لڳو. استاد صاحب جيڪو مون کي پڙهائيندو هو، اهو مون کي زباني ياد ٿي ويندو هو ۽ پوءِ استاد جي

غير موجودگي ۾ آءُ شاگردن کي سبق پڙهائيندو هيس. استاد ان ڳالهہ جي ڪري مون کان ايترو تہ راضي هو جو ڪو بہ خرچو نہ وٺندو هو. ستن سالن تائين قرآن پاڪ بامعنىٰ ياد ڪيم ۽ ڏهن سالن تائين مؤطا امام مالڪ بہ ياد ڪري ڇڏيم ۽ عالمن واري مجلس مان حديثون ۽ مسئلا ياد ڪندو هيس"

حضرت امام شافعي رحمة الله عليه کي امام سفيان بن عيينہ نصيحت ڪئي هئي تہ بغداد وڃي امام محمد بن حسن شيباني وٽان فقه جو علم سکي مڪمل ڪري اچ. امام شافعيءَ جو چوڻ آهي تہ "امام مالڪ رحمة الله عليه کان پوءِ آءُ امام محمد بن حسن شيباني کي استاد مڃان ٿو.

**اوصاف:** امام شافعي رحمة الله عليه پوري رنگ جو، سهڻو، بارُعب ۽ قدآور شخصيت جو مالڪ هو، نازڪ ۽ نفيس طبيعت هو. لباس ۽ خوراڪ جو خاص اهتمام ڪندڙ هو. امام شافعي رحمة الله عليه ننڍي عمر ۾ ئي فقه، فتويٰ، حديث، تفسير، خوابن جي تعبير، عربي شاعري، نحو، تير اندازي ۽ گهوڙي سواريءَ ۾ پڙ ٿي ويو هو. سندن استاد ۽ هم عمر ان ڳالهہ جا معترف هئا، ويهن سالن جي عمر ۾ ئي سندن استاد مسلم بن خالد الزنجي کين فتوىٰ جي اجازت ڏئي ڇڏي هئي. مصر، عرب، شام، عراق توڙي ايران ۾ صدين تائين سندن قابليت جو چرچو رهيو.

**علمي خدمتون:** حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جي ٻن ڪتابن 'ڪتاب الام' ۽ 'الرسالة' کي چڱي شهرت ملي، ان کان علاوه 'ڪتاب السنن' ۽ 'المسند' سندن قابل قدر ڪتاب آهن. شافعي مسلڪ جا پيروڪار اوپر مصر، صوماليہ، يمن جي ساحلي ڪناري، وچ اوير مان داغستان، فلسطين، لبنان، انڊونيشيا، ملائيشيا، سريلنڪا وغيره ۾ رهن ٿا.

**اولاد:** سندن ٻن پُٽن مان هڪ ابوالحسن محمد هو ۽ ٻيو عثمان هو جيڪو امام احمد بن حنبل جو شاگرد ٿيو.

**وفات:** امام شافعي رحمة الله عليه شديد بيماريءَ سبب 54 سالن جي عمر ۾ خميس جي ڏينهن 29 رجب 204هہ مطابق 19 جنوري 820 ع ۾ مصر جي شهر فسطاط ۾ سُومهڻي جي وقت وفات ڪيائون ۽ ٻئي ڏينهن سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ جبل مقطم وٽ کين دفن ڪيو ويو.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. امام شافعي رحمة الله عليه جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن تي هڪ تفصيلي مضمون لِکو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جي ننڍپڻ ۾ تعليم پرائڻ بابت اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟
2. حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جي ڪن مشهور استادن جا نالا لِکو.
3. حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جي تصنيفات جي بيان ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حضرت امام شافعي رحمة الله عليه کي 'شافعي' نسبت جي ڪري سڏيو وڃي ٿو اها نسبت آهي:

(الف) عثمان بن شافع (ب) شافع بن سائب
(ج) عباس شافعي (د) ادريس بن شافع

2. حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جي والد جي وفات ڪان بعد سندس والده ڪيس وٺي آئي:

(الف) فلسطين ۾ (ب) بصره ۾
(ج) مديني منوره ۾ (د) مڪي مڪرمه ۾

3. حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جنهن مشهور امام جي شاگردن منجهان آهي اهو آهي:

(الف) حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه (ب) حضرت امام ابو حنيفه رحمة الله عليه
(ج) حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه (د) حضرت امام محمد بن حسن رحمة الله عليه

# حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه

## سِکيا جي حاصلات

- حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه جي ولادت ۽ حسب نسب، تعليم ۽ تربيت جاچي بيان ڪري سگھندا.
- حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه جي اخلاق، اوصاف ۽ فضيلتن کان آگاهه ٿي بيان ڪري سگھندا.
- حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه جي علمي، ديني ۽ فقهي خدمتن کان روشناس ٿي بيان ڪري سگھندا.
- روزاني زندگيءَ ۾ حضرت احمد بن حنبل رحمة الله عليه جي سيرت ۽ ڪردار جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري سگھندا.

**تعارف:** حضرت امام احمد رحمة الله عليه 164 هجريءَ ڌاري بغداد ۾ پيدا ٿيو. سندن عمر جو گھڻو حصو بغداد ۾ گُذريو. سندن پورو نالو احمد بن حنبل بن هلال آهي. شيباني، ذهلي، بصري، مروزي ۽ بغدادي سندن نسبتون آهن. پاڻ ابن حنبل جي نالي سان پڻ مشهور آهن. سندن وڏا اصل عربي هئا. پاڻ بنو شيبان خاندان مان هئا. سندن ڏاڏو اموين جي دور ۾ سرخس جو گورنر هو ۽ سندن والد بهادر سپاهي هو ۽ جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو، پاڻ ٽڏهن ٽن سالن جا هئا، سندن پرورش سندن والده ڪئي. سندن خاندان دنيوي ۽ ديني خدمتن جي ڪري ممتاز رهيو آهي.

**تعليم ۽ تربيت:** امام صاحب ڇهن سالن تائين قرآن پاڪ حفظ ڪري چڪو هو ۽ سَتن سالن جي عمر ۾ حديث پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ پندرنهن سالن جي عمر ۾ طلب علم ۽ تڪميل لاءِ مصروف ٿي ويو. بغداد ۾ پاڻ چار سال حافظ هشيم بن بشير واسطي وٽ فيض ورتائون. ننڍپڻ ۾ امام ابو يوسف رحمة الله عليه جي مجلسن ۾ بہ شامل ٿيا، سندن استادن ۾ مشهور ۽ ممتاز شخصيت امام شافعي رحمة الله عليه آهن. امام شافعي فتوىٰ ۾ پنهنجي شاگرد احمد بن حنبل سان پڻ مشورو ڪندا هئا. ان کان علاوه ڪيترن ئي استادن وٽان فيض پرايائون.

حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه بغداد، ڪوفي، بصره، مڪي، مديني، يمن ۽ شام ۾ وڏن وڏن عالمن کام فيض پرايو. پاڻ محدث جرير بن عبدالحميد کان حديث جي سبق لاءِ ايران وڃڻ جو ارادو ڪيو پر خرچ پکو نہ هئڻ ڪري وڃي نہ سگھيا.

**اخلاق ۽ اوصاف:** حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه وڏي درجي ۽ اعلىٰ گُڻن وارو امامِ حديث ٿي گذريو آهي. پاڻ تمام گهڻا ذهين، باوقار، شفيق ۽ عبادت گذار، حديث ۽ فقه جا ماهر، صابر، باهمت، سخي، حيادار ۽ متقي شخص هئا. سندن طبيعت ۽ درس جو انداز شاگردن کي موهي ڇڏيندو هو. هڪ ڀيري يمن ۾ سندن ڪپڙا چوري ٿي ويا ته پاڻ گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنائون. جڏهن ڪنهن شاگرد کي اها خبر پئي ته اهو ڪجهه پئسا کڻي امام صاحب وٽ آيو پر پاڻ پئسن وٺڻ کان اِنڪار ڪيائون، ان شاگرد ڪين ڪجهه وقت تائين اُڌارا پئسا وٺڻ جي آڇ ڪئي پر پاڻ نه مڃيائون. آخر ۾ اهو طئي ٿيو ته مون اوهان جا نوٽس (سبق جون ڪاپيون) صاف ڪري ٿو لِکان ۽ ڪجهه مزدوري ٿو وٺان. تنهن کان پوءِ پاڻ ان کان ڪپڙا خريد ڪيا. پاڻ مزدوري ڪيائون، ايستائين جو فصلن جي وادِي به ڪيائون پر خليفن ۽ اميرن جي نذرانن ۽ هدين کي قبول نه فرمايائون.

**علمي خدمتون:** گهڻن سفرن ۽ حافظي جي ڪمال سبب ڪين ڏهه لک حديثون ياد هيون پر پوءِ به حديثون لکي ڇڏيندا هئا ۽ روايت وقت ثبوت ڏسي روايت ڪندا هئا. حالانڪ ڪين حديث جو وڏو ذخيرو ياد هو. سندن اهو احتياط سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي حديث کي غلطيءَ کان پاڪ رکڻ لاءِ هئو. پاڻ فقه ۽ فتوىٰ جو علم به پڙهايائون پر گهڻو ڌيان حديث تي ڏنائون ۽ ان لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪيائون. امام صاحب فارسي ٻولي پڻ ڄاڻندا هئا، ڇاڪاڻ ته سندن خاندان ڪجهه وقت فارس ۾ به رهيو هئو. ڪيترائي حج بغداد کان مڪي پنڌ وڃي ڪيائون ۽ گڏوگڏ علم به حاصل ڪندا رهيا. انهن سفرن ۽ تڪليفن سندن علم جي طلب جي ذوق تي ڪوبه اثر نه وڌو. ايستائين جو مزدوري به ڪيائون.

'المسند' (مسند احمد) سندن مشهور ڪتاب آهي. جنهن ۾ نَو سؤ چار صحابه ڪرام رضي الله عنهم جا مسَند شامل آهن. ان کان علاوه سندن تصنيفن ۾ ڪتاب الزهد، ڪتاب التاريخ ۽ ڪتاب التفسير شامل آهن.

**وفات:** امام صاحب 77 سالن جي عمر ۾ بيمار ٿي پيا، عيادت لاءِ سوين ماڻهو ايندا هئا. سندن وفات 12 ربيع الاول 241ھ ۾ ٿي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لِکو:**

1. حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه جي زندگيءَ ۾ ديني خدمتن تي هڪ تفصيلي نوٽ لِکو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه دين جي ڪهڙي خدمت ڪئي؟
2. حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه ڪهڙن علائقن ڏانهن حصول علم لاءِ سفر ڪيو؟
3. حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه جا اخلاق ۾ اوصاف لکو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه کي حديثون ياد هيون:

(الف) ڏهه هزار (ب) پنجاهه هزار

(ج) هڪ لک (د) ڏهه لک

2. حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه جي تصنيف آهي:

(الف) ڪتاب الام (ب) المؤطا

(ج) المسند (د) ڪتاب الآثار